سلطان
غازي صلاح الدين ايوبي

مصنّف

محمد نواز محزون



چپائيندڙ:-
محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي
حيدرآباد

چپائیندڑجا حق ۽ واسطا قائم

سال _____ ۱۹۸۰ع

چاپو _____ پهريون

قيمت _____ Rs 8.00 روپيه

چپيندڑ: الائيد پرنٽنگ ڪارپوريشن گاڏي ڪاتو حيدرآباد سنڌ

ترتيب

عرض حال

۱- خاندان

۲- ننڍپڻ

۳- مجاهدانہ زندگيءَ جي ابتدا

۴- مصر جي حاڪميت

۵- سازشون

۶- صليبين جا عزائم

۷- دمياط جو دفاع

۸- املیم جي فتح

۹- مصر ۾ فاطمي خلافت جو خاتمو

۱۰- اتابڪ خاندان سان صلاح الدين جا تعلقات

۱۱- ايوبي جهاد جي شروعات

۱۲- ڪرڪ تي حملو

۱۳- صفوريہ ۽ حطين جي جنگ

۱۴- بيت المقدس جي فتح

۱۵- بيت المقدس مان عيسائين جي پرا ن روانگي

۱۶- عڪه جي جنگ

۱۷- عڪه کان پوء

۱۸- آخري جنگ ۽ صلح

۱۹- الوداع

۲۰- شخصيت ۽ ڪردار

ڏاڪٽر طرفان

محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي سنڌي زبان کي مثبت اسلامي لٽريچر ڏيڻ جي سلسلي ۾ جيڪي کوششون کيون آهن سي ڪنهن بيان جون محتاج نه آهن. هيءُ ادارو هيستائين ڪيترائي قيمتي ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ڪرائي اعليٰ طباعت ۽ مناسب قيمت تي سنڌي عوام اڳيان پيش ڪري چڪو آهي. اسانجي اها کوشش پئي رهي آهي ته اسلام جي عقيدن ۽ اسلام جي بنيادي تعليمات خلاف مشرق ۽ مغرب جي ملڪن جيڪي شڪ ۽ شبها اسانجي نوجوان طبقي جي ذهنن ۾ پئدا ڪيا آهن تن کي رفع ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ بلند معيار ڪتاب تيار ڪيا وڃن. اسان کي اعتراف آهي ته. اسان هن ميدان ۾ جيڪي کوششون کيون آهن سي جديد دور جي فتنن جي مقابلي ۾ نهايت حقير آهن. پر خدا جي رحمت ۾ اميد رکون ٿا ته هو هن حقير کوشش کي قبول کندو ۽ اسان کي بهتر خدمت ڪرڻ جي قوت عطا کندو. پٽائيءَ جي بقول:-

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن
تن جو صرافن اڻ تورئو اگهائيو.

اسان پنهنجي اشاعتي پروگرام جي سلسلي ۾ اسلامي تاريخ جي عظيم هستين متعلق ننڍا ننڍا ڪتاب خاص طور تي پنهنجي قوم جي نوجوانن لاءِ ڇاپيندا رهون ٿا. هن سلسلي ۾ هيستائين

انسان جي پاڪيزه گفتگو ۽ مجاهدانه انداز- فڪر اولاد جي معصوم ذهنن ۾ ڏاڍي ڪي ايتري قدر تہ متاثر ڪن ٿا جو وڏي ٿين کان پوءِ عملي زندگي ۾ سندن سوچ ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي انهن جي ڏورانتي بنجي ٿي.

هي ڪتاب هڪ مقصد ۽ جذبہ تحت لکيو ويو آهي. ڏڏي در دعا آهي تہ انسان جو نوجوان نسل انهي مقصد ۽ جذبہ کي سمجهي ۽ مثبت عمل ڪري.

محمد يونس

۲۸ - ۸ - ۱۹۸۰

مورخ ابن خلکان جنهن کي سلطان صلاح الدين جي حالات معلوم ڪرڻ سان خاص دلچسپي هئي، تنهن سلطان صلاح الدين جي وڏن جي باري ۾ معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ ڪافي جتن ڪيا ۽ آخر ۾ ڪمس ٽائمن کي لکيو ته، "مونکي ڪتي به شيرڪوه ۽ ايوب جي ذڪر ۾ شيرڪوه بن شاذي ۽ ايوب بن شاذي کان سواءِ وڌيڪ معلومات حاصل ڪي نه سگهي. البت انهن بهي بزرگن جي اولاد مان ڪن مون کي ٻڌايو ته شاذيءَ جي ٻيءَ جو نالو مروان هو." *

مورخ ابن الاثير، تاريخ صغير ۾ اتابڪ جي دؤر حڪومت جو ذڪر ڪندي اسد الدين شيرڪوه جو ذڪر ڪيو آهي، "شاذيءَ جا بيٽ اسدالدين شيرڪوه ۽ نجم الدين ايوب شهر دوين || جا رهندڙ هئا ۽ اصل روادي جي ڪردن مان هئا. هو ٻئي عراق آيا." †

مورخ ابن خلکان به صلاح الدين جي خاندان کي ڪردي خاندان تسليم ڪيو آهي

بهرحال هيءَ حقيقت يقيني آهي ته صلاح الدين ڪرد نسل جو هو. باقي صلاح الدين جي ڏاڏي شاذيءَ جي باري ۾ يقين

---

* ابن خلکان جلد ٣ ص ١٤٠

|| دوين کي داون يا دابل به چوندا هئا ۽ ڏهين ڏهسوي صديءَ ۾ هي شهر نهايت ئي اوڻائي شهر هو ۽ آرمينيا جي گاديءَ جو هنڌ هو.

† ابن الاثير- تاريخ صغير - فضل اسدالدين شيرڪوه

سان چئي ٿو سگهجي تہ هو ڪو امير شخص هو، ليڪن هن حقيقت کان به انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ شاذيء جي حيثيت دوين † ۾ شهريفانہ هئي چاڪاڻ تہ هن جي ڏهرو جمال الدوله سان ڀڪي دوستي هئي. ڏهرو جمال الدوله بغداد جي عباسي خليفہ المستظهر بالله جي دؤر ۾ عراق جو ناظم الامور هو. ابن خلڪان، شاذيء ۽ ڏهرو جي دوستي جي باري ۾ لکي ٿو تہ "هن ڏهي ۾ پائرن جهڙي محبت ۽ دوستي هئي."*

ڏهرو جڏهن خليفہ جي دربار ۾ بي حد اثر رسوخ حاصل ڪيو تڏهن هن پنهنجي دوست شاذي، کي دوين کان گهرايو. شاذي پنهنجن پنهي پٽن نجم الدين ايوب ۽ اسدالدين شيرڪوه سميت ڏهرو وٽ مهمان طور اچي رهيو -

جڏهن ڏهرو کي جمال الدوله جي خطاب سان عراق جو نائب السلطنت مقرر ڪيو ويو تڏهن هن شاذيء کي پنهنجو نائب بڻائي ڪري روانو ڪيو، اهڙي طرح شاذي ڏهرون دفعو عملي سياست ۾ قدم کنيو. شاذي ڪريت تي گهٽرو وقت حاڪم رهيو، تنهن ڪري ۾ تاريخ خاموش آهي. ابن ڪثير فقط ايترو لکيو آهي تہ شاذيء جي وفات ڪريت ۾ ٿي. شاذيء جي وفات کان پوء ڪريت جي عملداري سنڊس وڏي پٽ نجم الدين ايوب کي ملي.

نجم الدين ايوب نهايت ذهين، دانا ۽ مدبر شخص هو ليڪن کانئس هڪ سياسي غلطي ٿي، جڪا شروعات ۾ تہ نهايت تڪليفدہ ثابت ٿي ۽ انجام ڪار نهايت ليڪ قال ٿي-

هن واقعي جي باري ۾ ابن اثير لکي ٿو تہ "سن ۵۲۶ هجري ۾ سلطان سنجر جي دعوت تي عمادالدين زنگيء بغداد تي حملو ڪيو ۽ خليفہ المسترشد بالله ۽ جمال الدوله ڪڏجي ڪيس شڪست ڏني *

هن جنگ ۾ عمادالدين سخت زخمي ٿيو هو ۽ موٽندي ڪريت جي ويجهو ترسيو. نجم الدين ايوب نہ فقط ساٿس ملڻ آيو

---

* ابن خلڪان جلد اول ۲۳۳

* ابن اثير جلد ۱۰ ۽ ۱۱ ۲۴۳ ۽ ۱۳۸

ٻاڪ جراحن کي گهرائي سندس علاج ۾ ڪرايائون ؛ جيستائين عمادالدين بلڪل چاق نه ٿيو تيستائين ڪنن وڃڻ نه ڏنائون.

هن روڳ جي ڪري ٻهروز جمال‌الدوله سخت رنجيو ٿيو ؛ ٻوءِ جلد ئي ڪنس هڪ ٻيو ۽ ٻهادو ملي ويو ؛ هن بغداد مان هڪ حڪم نامو نجم‌الدين ايوب کي موڪليو، جنهن ۾ لکيائون:

"توهان ٻنهي جي ٻيءَ جو مون تي حق هو ؛ اسان ٻنهي ۾ ٻڪي دوستي هئي. الهيءَ دوستي جي حق جي سبب مون لاءِ ممڪن نه آهي ته مان توهان کي سزا ڏيان يا توهان ٻنهي کي مون کان ڪا تڪليف ٻهچي. ليڪن منهنجي خواهش آهي ته توهان ٻئي منهن جي ملازمت ڇڏيو ؛ منهن جي ملڪ مان نڪري وڃو ؛ ڪنهن ٻئي هنڌ ٻنهنجي روزي تلاش ڪريو."†

ابن ڪثير لکي ٿو ته ٻهروز جي حڪم تي ٻنهن کي تکريت ڇڏڻو پيو.*

اڃان تکريت ڇڏڻ جون تياريون هيون جو بغداد جي دربار مان هڪ عملدار پهتو، جنهن نجم‌الدين ايوب کي گهرائي حڪم ڏنو ته صبح سان ئي تکريت جو قلعو ڇڏي وڃ.

هڪ طرف صبح جو سالياهو هو ته ٻي طرف نجم‌الدين ايوب جي زال کي رات جو ولهه جا سور شروع ٿيا. آخر اڌ رات جو جلاوطن ٿيندڙ ماڻ کي ٻٽ جاڻو. هيءَ رات سنه ٥٣٢ هجريءَ جي هڪ رات هئي. ** نجم‌الدين ايوب ٻار جي ٻڏائش کي منحوس سمجهي رهيو هو ؛ الهيءَ گهڙيءَ منس ڏاڍو ٻه ڪيائون ***

---

† ابن خلڪان جلد ١

* صلاح‌الدين جو اصل ڏاڍو يوسف هو. (اردو اينسائيڪلوپيڊيا ص ٩٢٢)

* ابن ڪثير جلد ١٢ ص ٢٦٧

*** سلطان صلاح الدين از مولانا محمد صادق حسين صديقي ص ٣٠

** الملڪ الناصر السلطان صلاح‌الدين يوسف بن ايوب تکريت ۾ ٻڌا ٿيو (١١٣٨ع) جيڪو دجله جي هيٺين ڪناري تي واقع آهي - هن جا والدين ڪرد هئا. (فلپ - ڪي هٽي تاريخ لبنان ص ٢٩٣)

هيءَ بار ئي "صلاح‌الدين" هو *

نجم‌الدين کي شايد الهيءَ کهڙي اهو وهم ۽ گمان ۾ ئي نه هو ته سندس هي ٻت بادشاهن جو بادشاهه ۽ حڪمرانن جو حڪمران بطحط وارو هو.

ٻنهن جا ته ڇا پر غير نه جڏهن سندس نالو وٺندا ته ادب سان کمس ياد ڪندا.

"صلاح‌الدين اعظم جو مان ڪوائتو آهيان، در حقيقت هو شريف النفس ۽ عالي ظرف دشمن آهي."

جنگ جي اختتام کان پوءِ

جڏهن به رچرڊ پنهنجن عزيزن سان شريڪ ٿيندو هو تڏهن صلاح الدين جي شجاعت ۽ اولو العزمي جا قصا بيان ڪري تعريف ڪندو هو.

"توهان چئو ٿا ته هو ڪافر آهي.

پوءِ هجي، پر مان جن مسيحي بادشاهن کي سچائيءَ ڏو تن جي بدران مان هن سان ڪلهو ڪلهي ۽ ملائي وڙهڻ کي ترجيح ڏيندس. *"

---

* My thanks to Saladin the Great,
In sooth he is a noble foe!"
And when the weary war was o'er,
And Richard feasted with his kin,
He loved to tell the tale, and praise
The chiralry of Saladin.
"You call him pagan," he would say,
"And Infidle; well be it so;
I would rather battle by his side
Than by some Christian king I know."

...o...

"Saladin's Gift" Poem for young people.

(۲)

نجم الدين ايوب تکريت مان لکري موصل طرف روانو ٿيو جتي عماد الدين زنگي حاڪم هو.

ابن خلڪان، ابن الاثير، ابن خلدون ۽ ابن ڪثير جو بيان آهي ته "نجم الدين پنهنجي پاڻ اسد الدين شيرڪوه ۽ خاندان جي ٻين پاڻمن سميت جڏهن موصل پهتو ته عماد الدين زنگيءَ سندس آڏرپاڻ ڪيو ڪيس پنهنجي دربار ۾ اهم حيثيت ڏني ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ بعلبڪ† فتح ڪري ڪيس اتان جي عملداري عنايت ڪئي. *

---

* ابن خلڪان جلد ۱ ص ۱۳۲- ابن الاثير جلد ۱۱ ص ۱۲۸- ابن ڪثير جلد ۱۲ ص ۳۵۹

† بعلبڪ، لبنان جو هڪ قديم شهر هو. هيءَ شهر الهيءَ زماني ۾ تعمير ٿيو جڏهن انسان ديوتائن جي پوڄا ڪندو هو ۽ انهن جا خوبصورت بت ٺاهيندو هو ۽ الهيءَ تي فخر ڪندو هو. هيءَ شهر اسلام کان هزارين سال اڳ موجود هو. هيءَ شهر حضرت ابراهيم جي زماني ۾ نه موجود هو نه حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ جي زماني ۾ نه بت پرستيءَ جو اهم مقام هو. هن شهر ۾ سورج ديوتا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. هيءَ شهر اڄ به لبنان ۾ موجود آهي ۽ هر سال هتي حڪومت لبنان جي تعاون سان جشن ملهايو ويندو آهي. هن وقت هي شهر پنهنجي پراڻي اوج ڪي نه آهي پر تنهن هوندي به هن جي اهميت اڃا آهي جڏهن سفر ۾ موٽن جي ڏڪ جي. لبنان جي موجوده گهرو ڏائيءَ کان اڳ جڏهن جشن ملهايو ويو هو تنهن ته هوائب جي دنيا کي به شه ڏيئي ڇڏيو هو.

نجم‌الدين ايوب کي جڏهين بعلبڪ جي عملداري ملي تڏهين صلاح‌الدين ٻن سالن جو هو.

ابن خلڪان جي روايت آهي تہ بعلبڪ جي فتح ٥٦٣ هجري ۾ تڪميل تي پهتي.*

ابن شداد جو بيان آهي تہ صلاح‌الدين جي تعيناتي نهايت اميراڻي نموني ڪئي ۽ هڪ امير جي بار وانگر سندس تعليم ۽ تربيت ٿي. صلاح‌الدين ايان نون سالن جو مس هو جو عمادالدين زنگيءَ کي سندس غلامن شهيد ڪري وڌو. جنهن ڪري بعلبڪ جي عملداري ۾ خطري ۾ پئجي وئي. عمادالدين جي شهادت جو واقعو سنہ ٥٤١ هـ ٻڌائي ٿو ÷

عمادالدين کي ٻہ پٽ هئا. نورالدين ۽ سيف‌الدين غازي. نورالدين حلب ۾ حڪومت قائم ڪئي ۽ سيف‌الدين غازيءَ موصل ۾. عمادالدين جي قوت جڏهين هن نموني تقسيم ٿي وئي تڏهين دمشق جي حڪمران مجيدالدين ارتق بن بوري جيڪو بعلبڪ جو ٻاهريون مالڪ هو تنهن بعلبڪ تي قبضي ڪرڻ لاءِ چڙهائي ڪئي.

نجم‌الدين ايوب ۽ دمشق جي فوج سان مقابلي جي سگهہ کان هلي تنهن ڪري هن سيف‌الدين غازي کي مدد لاءِ لکيو ۽ جيئن تہ سيف‌الدين غازي لاءِ حالات خود ناسازگار هئا تنهنڪري هو مدد ڏئي نہ سگهيو. لاچار نجم‌الدين چند شرطن تي پيش ٿيو شرط هي هئا تہ ڪي دمشق ۾ رهڻ لاءِ هڪ جاءِ ڏني ويندي ۽ خاندان جي گذر لاءِ هڪ جاگير عنايت ڪئي ويندي.

نجم‌الدين جڏهين دمشق ۾ آيو. تڏهن ٻنهنجي دانائي ۽ حڪمت سان جلدئي ترقي ڪئي. ابن خلڪان جي لکڻ مطابق هو چند سالن ۾ دمشق جو سڀ کان وڏو سياستدان تسليم ٿيڻ لڳو*

---

* ابن خلڪان جلد ٦ ص ١٤٣

÷ ابن شداد، صلاح‌الدين جي فوج پرڏيهي هو ۽ هن صلاح‌الدين جي بابت ۾ ڪيترن ڏنو احوال فراهم ڪيو آهي.

* ابن خلڪان جلد ١ ص ١٤٢

جڏهين دمشق جي وزير معين‌الدين وفات ڪئي تڏهين بادشاه
ڪيس ٻڌايو مشهور اعليٰ بطايو ۽ ڪڏوڪڏ فوج جو سڀ سالار ٻه
مقرر ڪيو.

نجم‌الدين جي دلي تمنا هئي ته دمشق ۽ حلب هڪ ئي
حڪمران جي ماتحت رهن- جيئن ته هن جون همدردیون ٻنهن
جي محسن عمادالدين جي پٽ نورالدين محمود سان هيون ؟
جنهن جي دربار ۾ هن جو ننڍپڻ ۾ اسدالدين شيرڪوه ٻئي سالار
ٻه هو. علاوه الهيءَ جي نجم‌الدين جي مدبراڻ نگاه مسيحيت
جي وڏندڙ خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ نورالدين ۽ صلاحيتون
ڏٺيون ٽنهنڪري هن نورالدين کي دمشق تي قبضي ڪرڻ
جي ترغيب ڏني-

نورالدين کي خود ٻه دمشق تي قبضي ڪرڻ جي خواهش
هئي، تنهن اشارو ملندي هڪدم ٻنهنجي سڀ سالار اسدالدين
شيرڪوه کي هڪ هزار تيز رفتار سوارن سان اڳيرو روانو ڪيو ؟
ٻنهان ٻنهن جي سموري فوج وٽي اچڻي وڌيو-

ڏهن ڏينهن جي سخت گهيري کان پوءِ دمشق تي
نورالدين جو قبضو ٿي ويو-

ابن ڪثير لکي ڏو ته نورالدين هن موقعي تي نجم‌الدين
کي خوب نوازيو-†

ابن ڪثير هن موقعي تي صلاح‌الدين يوسف جو ذڪر
ڪيو آهي- ابن ڪثير لکي ڏو، "هن (يعني نورالدين) يوسف
صلاح‌الدين کي ٻنهنجن دوستن ۾ شامل ڪيو. سفر ۾ توڙي قيام
۾ هن کي ساڻ کان جدا نه ڪندو هو چاڪاڻ ته سندو ٻولو
ڪيڏندو هو ؟ شڪل ۽ صورت جو سهڻو هو.

صلاح‌الدين جي الهي زماني ۾ عمر ١٨ سال هئي ؟گهوڙيسواري
۽ سپاهيانه زندگي ۾ مهارت حاصل ڪري چڪو هو.

سلطان صلاح‌الدين جي ننڍپڻ جي حالات تي مڪمل
معلومات ميسر ڏي نه ٿي سگهي. ابن شداد جيڪو

---

† ابن ڪثير جلد ١٢ ص ٢٣٣

سلطان صلاح‌الدين جو ٻهريون سوانح‌نگار آهي تنهن ۾ فقط مختصر احوال ڏنل آهي. لکي ٿو ته "سندس ٻئ جنهنجو ذکر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان، سو ٻنهنجي ٻئ سان ٻلعبڪ ويو ؛ ۽ ٽئين ڀي ترسيو ؛ سندس نظرداري ۾ تربيت ورتي- ٻئ جي سڀن اخلاقن جو اثر ورتائين- ايڪ عادتون اختيار ڪمائين ؛ بزرگي ؛ رهبري جي راه ۾ قدم رکمائين- الهيء ڪري الملڪ - العادل نورالدين محمود بن زنگي رحمته الله عليه ڪيس ٻنهن جي قريب ڪيو ؛ ٻنهنجن مخصوص سائين ۾ شامل ڪيو.||

بهرحال هيءَ هڪ انداز آهي ته نجم‌الدين ايوب جهڙي داناءَ ؛ مدبر شخص ٻنهنجي صالح ٻٽ جي تعليم ؛ تربيت ۾ غفلت اختيار ڪائي ڪئي هوندي ؛ صلاح‌الدين ٻنهنجي‌وقت جي سڀن استادن ؛ محدثن جي حضور ۾ حاضري ڀري هوندي ؛ اهائي تعليم ؛ تربيت هئي جنهن سندس صلاحيتن کي اجاگر ڪيو ؛ ڪيس نورالدين محمود جو قرب حاصل ٿيو جيڪو سندس عروج جو ٻيون سبب بڌيو.

|| سيرت صلاح‌الدين از ابن شداد ص ۴

سلطان صلاح‌الدين جنهن ماهول ۾ اک کولي سو زمانو عباسي خلافت جو زوال پذير دؤر هو. عباسي خليفا فقط نالي ۾ خليفا هٿا ۽ نمائشي تاجدار هٿا. اسلامي حڪومتون طوائف الملوڪيءَ جو شڪار هيون. ابن خلدون ۽ ابن ڪثير لکن ٿا تہ عيسائين جا حوصلا ايترا تہ بلند هٿا جو هو تڏهن چاهيندا هٿا تڏهن حلب جي آس پاس جي مسلمانن کي نهايت بيرحميءَ سان قرينداهٿا ۽ بيدرديءَ سان قتل ڪندا هٿا. هنن وحشيانہ ظلمن ۾ يورپ جا "مجاهد" بہ وڏي فخر سان شريڪ ٿيندا هٿا.†

ابن ٻول جيڪو هڪ يورپي مورخ آهي تنهن کي بہ اعتراف آهي تہ عيسائي مجاهدن جي هيءَ روش نهايت ظالمانہ هئي.

يقين هيءَ هڪ ظالمانہ روش هئي مگر عيسائين اها روش انهيءَ ڪري اختيار ڪئي هئي جو حلب جا مسلمان بزدل ۽ ڪمزور هٿا ۽ پروڙين مسلمان حڪومتن ۾ اسلامي پائهاڙو ڪونہ هو.

هڻي بدلصب زماني ۾ مسلمانن جون نگاهون عمادالدين زنگيءَ ڏانهن واجهائڻ لڳيون ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ الهي دؤر ۾ عمادالدين زنگي پهريون مسلمان حڪمران هو جنهن مسلمانن جي پڌرڻ پوڻيءَ کي غرق ٿيڻ کان بچايو. عمادالدين زنگي واقعي دين جو ڏيهو ثابت ٿيو ۽ ملت اسلاميہ جي ڪرندڙ عمارت کي پنهن جي وجود سان سهارو ڏنو.

جيڪڏهن عمادالدين زنگي ۽ سندس لائق پٽ نورالدين

† ابن ڪثير جلد ١١ ص ٣٢٤

اهڑي ڏکئي وقت ميدان جنگ ۾ کاهي ڏ هون ها تہ يورپ جا عيسائي شام جي مسلمانن کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪري ڇڏن ها ۽ شايد شام ۾ مسلمانن جو نالو ۽ نشان اهڑي طرح ختم ٿي وڃي ها جهڙي طرح اسپين مان سندن نالو مٽجي ويو.

عمادالدين سنہ ۵۲۲ هجري ۾ حلب ويتو ۽ عيسائي فوج کي شڪست ڏئي حلب کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪري. اناهون جي مسلمانن جي حفاظت جي ذميداري پاڻ کنئي ۽ جلدئي حلب کي هڪ جنگي چالوٽي ۾ بدلائي ڇڏيو. *

عمادالدين زنگي جي شهادت کان پوءِ سندس پٽ نورالدين محمود حلب، شام ۽ موصل جو والي ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ جو صحيح جاءِ نشين ثابت ٿيو ۽ هڪ متحد ۽ منظم حڪومت قائم ڪيائين.

صلاح‌الدين يوسف جي لڏپلاڻ ۽ جواني الهيءَ جڙي ۽ بهادر انسان سان وابستہ رهي چاڪاڻ تہ صلاح‌الدين يوسف جو پيءُ نجم‌الدين ايوب ۽ چاچو اسدالدين شيرڪوہ، نورالدين جا پاڻهن ۾ ملي هئا ۽ نورالدين جي سياسي عروج ۾ انهن پنهي جو وڏو هٿ هو. اسدالدين شيرڪوہ تہ نورالدين محمود جي سڀني جنگي مهمن جي ڪامياب جو سردار هو. هيءُ ئي شخص هو جنهن نورالدين جي سياسي اقتدار کي مصر تائين وسعت ڏني.

مصر جا حالات ڏينهون ڏينهون خراب ٿيندا ٿي ويا. فاطمي خليفن جو اهو حال هو جو سندن اقتدار صرف شاهي حرم تائين محدود ۽ فوج جا وڏا عهديدار سندن ماران حڪومت ڪندا هئا. †

انهيءَ فوجي عملدارن مان شاور نالي هڪ شخص هو جيڪو پنهنجي طاقت جي زور تي مصر جي فاطمي خليفي جو وزير هو ۽ عملا مصر جو سلطان بڻجي ويو هو. ڪن سببن جي ڪري ضرغام نالي هڪ ٻئي شخص وڏيڪ طاقت حاصل ڪئي

---

* ابن خلدون جلد ۵ ص ۳۲۵

† ابن شداد- سيرت صلاح‌الدين ص ۳۲

۽ مصر جي فاطمي خليفي شاور کي معزول ڪري ضرغام کي وزير ۽ سلطان مقرر ڪيو.

سنڌيءَ ۾ عام چوٽي آهي ته "مومن کي گهران لڳي." سو اهڙي طرح شاور به ناراض ٿي نورالدين محمود وٽ آيو ۽ کيس مصر تي حملي ڪرڻ جي ترغيب ڏني.

سنہ ۵۵۸ هجري ۾ نورالدين محمود جون فوجون شمرکوہ ۽ صلاح‌الدين جي قيادت ۾ شام کان مصر ڈانهن روانيون ٿيون.

پهرين دستي جي قيادت صلاح‌الدين ايوبي کي رهيو هو ۽ سندس اچو اسدالدين شيرکوہ باقي فوج سان ويو ۽ وڏي رهيو هو.

بلبيس وٽ مصري فوج ضرغام جي پاءُ ناصرالدين جي ماتحتي ۾ شامي فوج سان مقابلو ڪيو ۽ کيس شڪست کائي اٽي پڳي. شيرکوہ ڏوهيندو قاهره پهتو جتي ضرغام پاڻ مقابلو ڪيو ۽ ناڪام ٿيو ۽ پنهنجن ماڻهن جي هٿان قتل ڪيو ويو.* شاور کي ڪ دفعو ورڪ وزير بنايو ويو. ابن اثير لکي ٿو ته اسدالدين شيرکوہ پنهنجي شامي فوج سان شهر ۾ داخل ڪيو ۽ بلڪ شهر کان ٻاهر منزل ڪائين.* شاور ڏڻهن وزارت جي خلعت پائي ته انهن سودن واعدن کان قري ويو جيڪي هن نورالدين محمود ۽ اسدالدين سان ڪيا هئا ۽ نهايت سرد مهريءَ سان اسدالدين کي حڪم ڏنو ته شام موٽي وڃ.||

اسدالدين جواب ۾ وڏي بلبيس تي قبضو ڪيو ۽ پنهنجي فوج کي مصر جي ايرندي علائقي ۾ کنڊيڙي ڇڏيو. اهڙي طرح مصر جو ايرندو حصو اسدالدين جي حوالي ٿي ويو ۽ باقي قاهره ۾ شاور قابض رهيو.

شاور لهاڻ عمار قسم جو شخص هو. هن هڪ چال کيڏي ۽ همسائين کي اهو ياور ڪرايائين ته جيڪڏهن مصر تي نورالدين جو قبضو ٿي ويندو ته اوه سندن مستقبل خطره ۾ پئجي ويندو.

---

* ابن اثير جلد ۱۱ صه ۱۲۲

|| ابن خلدون جلد ۵ صه ۲۷۹- ابن ڪثير جلد ۱۲ صه ۲۴۸

صلاح الدين کي محسوس ڪيو. تنهنڪري بادشاه بيت المقدس، هڪ وڏي فوج گڏ ڪئي ۽ مصر ڏانهن پيش قدمي ڪئي.

اسدالدين شيرڪوه کي جڏهن خبر پئي ته عيسائي حملہ آور ٻيا آهن تڏهن هن مشرقي شهرن ۾ ڪيترائي فوج کي گڏ ڪيو ۽ بلبيس ۾ قلعيبند ٿي ويهي رهيو.

شاور ۽ عيسائين جي فوجن گڏجي بلبيس کي ٽن مهينن تائين گهيرو ڪيو.

ان اثر لکي ٿو ته شهر ۾ ايترو جمتوڙ ڪ لڳي ۽ ڪيترا هڻي ۽ تنهن هوندي به شيرڪوه مصرين ۽ عيسائين جي گڏيل فوج سان ٽن مهينن تائين وڙهندو ۽ کين پريشان ڪندو رهيو.

انهيءَ وچ ۾ نورالدين محمود عيسائين جي هڪ مضبوط قلعي حارم تي قبضو ڪيو. قلعي جي وڃڻ جي خبر جڏهن بادشاه بيت المقدس کي پئي تڏهن ڇهءِ ڇڏي ويس ۽ شيرڪوه سان صلح جي گفتگو جو آغاز ڪيائين. جڏهن ته شيرڪوه کي نورالدين جي فتوحات جي خبر پئجي ڪاڏ سگهي هئي، تنهن ڪري هڪ لائق ۽ همدرد جنرل وانگر تنهن جي سپاه جي پلائي خاطر صلح کي پنهنجي حق ۾ موجوده حالت ۾ مفيد سمجهيو ۽ عيسائين جا شرط منظور ڪيائين.

صلح جا شرط هئا ته اسدالدين شيرڪوه مصر جي مقبوضات تان دستبردار ٿيندو ۽ مصر خالي ڪري ويندو ۽ عيسائين جي طرفان يقين ڏيارڻو ويو ته بلبيس مان روانگيءَ ۾ مزاحمت نه ڪئي ويندي.

اسدالدين جڏهن بلبيس مان فوج روانو ڪئي ته سڀ کان اهريان پنهنجي پائٽي صلاح الدين يوسف ۽ سندس فوج کي روانو ڪيو ۽ پاڻ سڀ کان هوءِ شهر مان نڪتو.

اسدالدين مصر کان موٽي ته آيو ۽ ڪيس آرام ڪرڻ ئي آيو ۽ ليڪ هڪ دفعو وري نورالدين محمود کي مصر تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيائين.

اسدالدين شيرڪوه ۽ نورالدين محمود مصر تي درحقيقت

پئي دفعي حملو ڪرڻ جو ارادو ڪيو جڏهن ڪنن
خبرون ٻڌون ته شاور عيسائين کي مصر تي قبضو ڪرڻ جي
آڇ ڪئي آهي.

هيءَ آڇ نهايت خطرناڪ هئي ۽ جيڪڏهن مصر تي
عيسائين جو قبضو ٿي ويو ته پوءِ مامت اسلاميه جو مستقبل
اونداهو هو. اهڙي هولناڪ خطري کي منهن جي لاءِ هتم
ڪرڻ لاءِ تمام دلير الي قدم جي ضرورت هئي.

سنه ۵۶۲ هجري ۾ ماهه ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ
نورالدين محمود جون فوجون اسدالدين شيرڪوه ۽ صلاح‌الدين
جي قيادت ۾ مصر ڏانهن روانيون ٿيون.

ابن شداد جي روايت آهي ته شامي فوجن کان اول
عيسائي فوجون مصر ۾ پهچي چڪيون هيون*

ابن الاثير لکي ٿو ته اسدالدين شيرڪوه مصر پهچندي
ئي نيل جي اولهندي واري ڪناري سان ڪن شهرن تي
قبضو ڪيو.†

انهيءَ وچ ۾ مصري فوج ۽ عيسائين جي فوج سان ملي.
هي پئي متحد فوجون تعداد جي لحاظ کان شيرڪوه جي
فوج کان گهٽي هئي. شيرڪوه جي فوج ۾ صرف ٻه هزار
گهڙسوار هئا.

ابن الاثير جو چوڻ آهي ته مصري عيسائي فوج جو سيلاب
جڏهين اسدالدين ڏانهن وڌيو تڏهن ڪيس کن ماڻهن صلاح
ڏني ته درياءِ نيچي لهڻ ۽ هڪ پئي امير انهيءَ
راءِ جي مخالفت ڪئي.‖

هيءَ ٻارهين موقعو هو جڏهين صلاح‌الدين پنهنجي
عمر معمولي عزم ۽ عظيم مستقبل جي خبر ڏني. شيرڪوه
صلاح‌الدين جي راءِ کي پسند فرمايو ۽ صف بندي جو حڪم

---

* سيرت صلاح‌الدين ابن شداد صه ۲۴
† ابن الاثير جلد ۱۱ صه ۱۳۱
‖ ايضا

ڏيو ته جيئن دشمن جو کپي مقابلو ڪجي.

ابن اثير جو بيان آهي ته فوج جو وچون حصو صلاح‌الدين جي سپرد هو ۽ عجب اتفاق آهي جو دشمن جو ٻيرون حملو شامي فوج جي هن حصي تي ۽ مستقبل جي سپهه سالار تي ٿيو. هن نوجوان سپهه سالار الهيءَ ڏينهن نهايت دانائي جو مظاهرو ڪيو. هن وڏن عرب سپهه سالارن واڱر دشمن سان جنگي چالبون کيڏيون. دشمن جيئن ئي زور شور سان اڳتي وڌيو تيئن صلاح‌الدين سکون سان وڙهندو پوئتي هٽيو. دشمن سمجهيو ته صلاح‌الدين ۽ سندس سپاهي سندن حملي جو تاب نه سهي پٺ واري ڪري رهيو آهي. ليڪن دشمن جي اڳمان پنتي هٽي صلاح‌الدين انهن صفن تائين اچي ٻهتو جتي شهرڪوه تمار ۽ منتظر بيٺو هو. دشمن جيئن ئي خوشيءَ ۾ لوڙا ۽ تراون لوڙيندو ٻهتو تيئن شهرڪوه هڪ ٻڪايل شينهن واڱر مٿن ڪَڙڪيو. انهيءَ ڏينهن صلاح‌الدين دشمن جي شڪده فوج جي خوب خبر ورتي. هزارين فوجي مارجي ويا ۽ هزارين گرفتار ڪيا ويا. هيءَ صلاح‌الدين جو ٻيرون عظيم ڪارنامو هو، هن پوئتي هٽي دشمن کي وڌڻ جو موقعو ڏنو تان جو ڪمس گهيري ۾ ورتو ۽ سندس هيءَ جنگي چال دشمن جي شڪست جو سبب بڻي.

مصرين ۽ عيسائين جي متحده فوج کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ شهرڪوه اسڪندريه ڏانهن وڌيو ۽ اسڪندريه کي فتح ڪري صلاح‌الدين کي پنج سٽو سوارن سان اسڪندريه ۾ ڇڏي هڪ معمولي فوج سان طوفان واڱر سعيد طرف وڌيو ۽ سعيد کي فتح ڪري اتي پنهنجي حڪمراني قائم ڪيائين.

مصرين ۽ عيسائين جڏهن ڏٺو ته هڪ ناتجربيڪار نوجوان اسڪندريه تي قابض آهي ته هو هڪ وڏي ڪٽڪ سان اسڪندريه طرف وڌيا ۽ اچڻي ٽوڙيءَ سان اسڪندريه جو گهيرو ڪيائون جو صلاح‌الدين کي قاهر جي الدر ڀاڪي ۽ خوراڪ جو ذخيرو ڪرڻ جي به مهلت ڪا نه ملي. هيءَ هڪ

عجيب صورت حال هئي جنهن سان صلاح الدين جو اوچتو واسطو ٿيو
هو. صلاح الدين جي عمر الهيءَ وقت پنجويهن سالن جي لڳ
پڳ هئي. هن کي معاصره جي آزمائش جو تجربو ڪونه هو
مگر الله تعالي هن شخص کي جرئت، صبر ۽ مستقل مزاجي
جي صفتن سان مالا مال ڪيو هو ۽ اسڪندريه جي معاصره ۾
صلاح الدين پنهنجن انهن صلاحيتن جو خوب مظاهرو ڪيو.
اسڪندريه جا شهري شامين کي ڏاڍا سمجهي ڪاڦر رنڊ هئا
۽ هر قسم جي بدعهدي ڪرڻ تي آماده هئا. هن نوجوان
جنرل نهايت مستقل مزاجي ۽ صبر سان هر سازش ۽ مشڪلات
جو مقابلو ڪيو ۽ ٽي مهينا اسڪندريه جو دفاع ڪيو. الهيءَ
وڃي خبرون پهچڻ لڳيون ته شيرڪوه اسڪندريه طرف طوفان
واانگر پيش قدمي ڪري رهيو آهي.

جڏهن عيسائين ۽ مصرين جي متحد فوج کي هي
خبرون پهتيون ته هو اسڪندريه جو گهيرو ڇڏي هٽي ويون.
اسڪندريه جو ڪامياب دفاع صلاح الدين جي مصري ۽
عيسائي فوجن خلاف هڪ فتح هئي.

شيرڪوه جڏهن اسڪندريه پهتو تڏهن عيسائين وري
صلح جي آڇ ڪئي ۽ ڏنڊ طور پنجاه هزار جون اشرفيون
ڏيڻ ڪيون. آخر صلح الهيءَ شرط تي ٿيو ته پٽي ڏريون
يعني عيسائي ۽ شيرڪوه مصر جي سرزمين ڇڏي ويندون.

بهرحال اسدالدين شيرڪوه پيو ڏڪو ٻه مصر مان مصر
تي قبضو ڪرڻ کان سواءِ موٽي آيو.

اسڪندريه جي دفاع تي تبصرو ڪندي ابن اثير لکي ٿو
ته هيءَ معاصرو نهايت سخت هو. اسڪندريه جا شهري شامي
فوج جا همدرد هئا. هنن کين ڏاڍي طاقت سمجهو ٿي. هن
وقت شامين جي حمايت باهرين حملاور جهڙي هئي الهيءَ جي
باوجود صلاح الدين آخر وقت تائين کين ٻاڻ سان ملائي رکيو.
هن نه فقط سندن حوصلا وڌايا، نه فقط ٻڪ جي آڪاڦ
برداشت ڪرڻ تي آماده ڪيو بلڪ کين دشمن جي خلاف
وڙهايو ٻه، حالانڪ الهيءَ وقت صلاح الدين نه ڪو آزموده

سياستدان هو ۽ نه وري تجربيڪار سپاهي.

مصر ۾ هڪ دفعو وري حالتون خراب ٿي ويون. عيسائين بدڏهڻي ڪئي ۽ ڪيترن جون نوجوان مصر ۾ لاڏيون. هنن مسلمي مجاهدن قاهره ۽ ٻين شهرن ۾ بي حد ظلم ۽ تشدد ڪيو. جڏهن مسلمي مجاهدن جو ظلم برداشت کان وڌي ويو تڏهن العاضد باطن نورالدين محمود کي مدد لاء پڪاريو†.

ابن خلدون لکي ٿو ته مصر آي حملي جوسبب عيسائين جي غداري هئي. هنن هڪ وڏي فوج مصر تي چاڙهي موڪلي. ابن خلدون مزيد لکي ٿو ته قدس جو عيسائي بادشاه ۴ نومبر ١١٦٨ع تي بلبيس پهتو ۽ بلبيس جي شهرين جو قتل عام ڪرايائين. نه ٻوڙهن کي ڇڏيائين نه عورتن کي ۽ نه ٻارن کي.

ابن خلدون لکي ٿو ته شاور کي پهڻچي حماقت جو احساس ٿيو ۽ هڪ درخواست نورالدين کي موڪلياٿين. جون ٿا ته مصر جي فاطمي خليفي العاضد پهڻچي زالن جا وار ڪتري نورالدين ڏي موڪلما ۽ اهڙي طرح پهڻچي هڪ مسلمان پاءُ کي رحم جي اپيل ڪيائين||

نورالدين هن اپيل جي جواب ۾ هڪدم به هزار سوار مصر روانا ڪيا ۽ اسدالدين شيرڪوه کي پنجن هزار مجاهدن سان ٻويان روانو ڪيائين.

ابن اثير لکي ٿو ته عيسائي بادشاه قاهره کي گهيرو ڪري آس پاس قرلت شروع ڪري ڏني. قاهره جي مسلمانن کڏهن کڏهن باهر نڪري سخت ويڙهه ڪئي ۽ پهڻچي جراءت ۽ دلبري جو مظاهرو ڪيو ۽ گهيرو ڏينهون ڏينهن سخت ٿيندو ٿي ويو. قلعي ۾ خوراڪ ۽ پاڻي جو ذخيرو به ختم ٿي چڪو هو ۽ هر طرف موت لاڙا ڏيڻي نظر ٿي آئي تڏهڙي پيالڪ وقت اوچتو آسمان الله اڪبر جي نعرن سان گونجڻ لڳو ۽

---

† امير علي "اي شارٽ هسٽري آف دي سيراسين ص ٣٤٧"
|| ابن خلدون جلد ٥ ـ

قاهرہ جي مڪمور مسلمانن کي هير ٿي تہ شام کان سندن اسلامي ياٿر اسدالدين شيرڪوہ ۽ صلاح‌الدين جي قيادت ۾ مدد لاءِ ٻهچي ويا آهن. قلعي مان الدران ۾ جوابي لعن سان فضا گونجڻ لڳي.

هيءَ ڪيفيت عجيب هئي. جيڪي ڪلهه تائين ظالم هڻا ن کي پڄڻ کان سواءِ ٻيو چارو نظر نہ آيو.*

هن دفعي اسدالدين جي فوج جو قاهرہ ۾ استقبال ڪيو ويو ۽ مصر جي خليفہ العاضد ڪيس درٻار ۾ اڇڻ جي دعوت ڏني ۽ ٻهڻجن هڻ-ن سان سندس ڪلهن تي شاهاڻي خلعت وڌي.

شاور کي اسدالدين شيرڪوہ جي هي عزت افزائي پسند نہ هئي تنهڪري هن سازش سڻي تہ اسدالدين شيرڪوہ صلاح‌الدين ۽ ٻين شامي ممتاز امرن کي ڏوڪي سان مارائجي ليکن سازش جو راز کلي ويو ۽ خليفہ العاضد جي حڪم سان شاور هو سر ڏڙ کان ڌار ڪيو ويو.

الهيءَ شام جو العاضد فاطمي خلفاء جي عام رواج مطابق اسدالدين کي وزارت جو عهدو سنڀالڻ جي آڇ ڪئي. اڳي طرح اسدالدين شيرڪوہ مصر جو آئيني حاڪم بڻجي ويو ۽ هو سواءِ نورالدين جي ڪنهن ٻئي جي اڳيان جوابدہ نہ هو چاڪاڻ تہ فاطمي خلفاء حڪومت جو هر ڪم ٻهڻجي وزير جي سپرد ڪري ڇڏيندا هئا جيڪو هر طرح جا حڪم ۽ فرمان جاري ڪندو هو.

اسدالدين شيرڪوہ ٻهڻجن ماڻهن کي مصر ۾ وڏين وڏين هاڳرون ڏيون ۽ فوج جي عهديدارن کي ورسايو ۽ ٻهن جا ماڻهو ملڪ جي نظام ۾ داخل ڪري ڇڏيائين.

شيرڪوہ کي مصر تي عملداري ڪرڻ جو گهڻو وقت نصيب ڪونہ ٿي سگهيو. هو ربيع الاول سنہ ۵۶۴ هجري ۾

---

*ابن اثير جلد ۱۱ ص ۱۳۶ - ابن ڪثير جلد ۱۲ ص ۲۵۶

مصر ۾ آيو هو ؛ الهيء سال ٢٢ جمادي الآخر جي وفات ڪيائين.

شايد الله کي اهو منظور هو ته اسدالدين صرف به مهينا مصر تي حڪومت ڪري ؛ پوءِ سندس جاءِ تي سندس الهيء پائڻهڙي جي مقرري ٿئي جيڪو ڪجهه وقت کان پوءِ اسلامي دنيا جو هڪ وڏو تاجدار بطحط وارو هو.

---

٣٣ مارچ ١١٦٩ع

(۴)

اسدالدين شيركوه جي وفات کان پوء، مصر جي فاطمي خليفي العاضد چاچي جو عهدو سنڌس پائڻي صلاح‌الدين کي ڏنو.

جيئن ته صلاح‌الدين عمر جو به ننڍو هو ۽ اترو تجربيڪار به نه هو تنهن ڪري شامي امرن خليفي جي هن انتخاب کي پسند نه ڪيو. پر جيئن ته انتخاب جو حق خليفي کي هو ۽ هو موروثي بادشاه هو تنهنڪري وڏي جي حق جو وڏيڪ قائل هو. تنهنڪري هن جي راه ۾ صلاح‌الدين جي هوندي ٻيو ڪوبه شيرڪوه جو جاءِ نشين بڻجي نه ٿي سگهيو.

ابن اثير، صلاح‌الدين جي انتخاب جي باري ۾ هڪ ٻي ڳالهه به لکي آهي. لکي ٿو ته العاضد کي مشيرن چيو ته صلاح‌الدين جيئن ته عمر جو ننڍو آهي ۽ ٻين شامي امرن کان ننڍو، خاموش طبيعت ۽ ڪمزور آهي تنهنڪري جهڪڏهن اسان هن کي وزارت جو منصب ڏينداسين ته هو اسان جي لاءِ مفيد ثابت ٿيندو ۽ اسان جيئن گهرڙداسين تيئن ڪيس موڙي سگهنداسين.

هن انتخاب جا سبب ڪهڙا به هجن ته صلاح‌الدين وزير جوڙجي ويو ۽ قدرت کي اثير ئي مدظور هو. وزارت جي عهدي سان گڏ ڪيس العاضد جي ظرفان الملڪ الناصر جو خطاب به عطا ٿيو.

ابن اثير لکي ٿو ته صلاح‌الدين جيئن وزير ٿيو تيئن امرن ۽ ٻين ٻاڦر ماڻهن جي دلين موهڻ لاءِ هڙاڪا جا در کولي ڇڏيائين هن امرن کي جاگيرون ڏيون ۽ عالمن ۽ فقيهن کي

دولت سان پريل ڪهڻون عطا ڪيون.*

هن جي سخاوت ماڻهن جون دلون موهي وڌيون ۽ سڀ ماڻهو هن سان اڳين محبت ڪرڻ لڳا جو جڳ ۾ هو سڀني موروثي تاجدار هو.

صلاح‌الدين جو ٻيءُ ۽ خاندان جا ٻيا ماڻي حلب ۽ دمشق ۾ هئا. هن نورالدين محمود کي هڪ درخواست موڪلي ته سڀني خاندان جي ماڻهن کي مصر اچڻ جي اجازت ڏني وڃي. نورالدين هيءَ درخواست خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ سڀني خاندان جي ماڻهن کي مصر وڃڻ جي اجازت ڏني.

ابن اثير لکي ٿو ته نورالدين مصر تي صلاح‌الدين جي حاڪميت تسليم ڪئي ۽ کيس ٻهڙيءَ سڀ سالار ۽ نائب السلطنت مقرر ڪيو. صلاح‌الدين ڀاڪ کي ۽ نورالدين جو ماڻهت سمجهندو هو ڇاڪاڻ ته جو ڪجهه کيس نصيب ٿيو هو سُو سڀ نورالدين جي ڪرم سان ملیو هو.

ابن اثير جو بيان آهي ته جڏهين صلاح‌الدين جا ڀائر ۽ ٻيءَ مصر ٻهتا ڏڏهين سيني ڪڏجي هنجي خوب‌مدد ڪئي. سڀني ٻيءَ هميشه کيس ڏيڪ مشورا ڏيندو هو ۽ سڀني ڀائرن هن جي لاءِ وڙيون وڙيون جنگيون وڙهيون.

---

*ابن اثير جلد ۱۱ ص ۱۲۹

(۵)

مصر جي فاطمي خليفا جا امير ۽ محل جا خواجہ سرا اڳين وزيرن جي دؤر حڪومت ۾ ڏاڍين مزن ۾ هوندا هئا. ۽ جيئن وڏندوهون تيئن ڪندا هئا چاڪاڻ ته وزير ۾ خود ڪيترين ڪوتاهيون ۽ بداعمالين هيون.

برعڪس انهيءَ جي صلاح‌الدين طبعاً ليڪ، متقي پرهيزگار ۽ محتاط فرمانروا هو. هن اقتدار هٿ ۾ وٺندي ئي هر قسم جي بي‌قاعدگي، ظلم، زيادتي ۽ ڏاڍ جي سختيءَ سان منع ڪئي. ڪوبہ وڏي کان وڏو امير ۽ دولت مند شخص ڪنهن بہ مصر جي غريب مسلمان خواهہ غير مسلمان کي ايذاءُ رسائي نہ ٿي سگهيو.

جن فاطمي امرن صلاح‌الدين جي نديڪ عمر ۽ ناتجربہ‌ڪاريءَ کي خيال ۾ رکي خليفي العاضد کي صلاح‌الدين کي وزير مقرر ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي تن کي پنهنجي غلطيءَ جو سخت احساس ٿيڻ لڳو. ليٽ هڪ سازش سڻي وئي ته هڪ دفعو وري بيت المقدس جي مسيحين کان مدد وٺجي ۽ صلاح‌الدين جي اقتدار جو خاتمو آڻجي

هن سازش ۾ تقريباً سڀ فاطمي امير شامل هئا ۽ خليفي العاضد کي بہ ياڻ سان ملائي وڏو هٿائون. سازش جو مک اڳواڻ العاضد جو ناظم الامور نجاح سوڊاني هو ليڪن هن سازش جو راز کلي ويو ۽ اهو خط پڪڙيو ويو جيڪو بيت المقدس جي عيسائين ڏانهن لکيو ويو هو ۽ جنهن ۾ کين قاهرہ تي حملي لاءِ چيو ويو هو.

خط جو مضمون بلکل واضح هو ۽ تنهن هوندي ۽ صلاح‌الدين احتياط کان ڪم ورتو ؛ في الحال شاهي محل تي ٻهرو ويهاريو ؛ ڪنهن کي اجازت نه هئي ته بنااجازت شاهي محل ۾ اچي وڃي سگهي.

لڇاڻ سوڊاني حالت کان گهڻو اڄ شاهي محل مان وڃڻ وٺي ڏينهن جاگيرتي ڏيڻي ويو. هي لائق شاهي محل ۾ هو ته محفوظ هو ۽ جڏهن ڏينهن جاگير ڏي ڏيڻي ويو تڏهن ڏينهن سر وڃائيندو. صلاح‌الدين جي خير خواهن هن سازشي شخص کي هڪ ڏينهن آساني سان قتل ڪري ڇڏيو.

صلاح‌الدين شاهي محل جي سوڊاني خادمن کي ٻه طرف ڪري ڇڏيو هو تنهنڪري انهن ڏينهن گالهين جي باعث سوڊانين ڏاڍو ڪاوڙ ڪئي. مصري شاهي فوج جا سوڊاني سپاهي ؛ عملدار ۽ وڏي ڳاڻين سان شريڪ ٿيا. فوج دارالحڪومت اهڙي طرح سوڊانين جي ڏينهن هزار تي حملو ڪيو.

سوڊانين جي فوج تعداد ۾ ته گهڻي هئي ۽ ڪنهن لائق ؛ جرئتمند قيادت کان محروم هئي، انهيءَ جي برعڪس شامي فوج کي هڪ ذميدار، محتاط، ۽ جرئتمند شخص جي قيادت نصيب هئي.

شاهي محلات جي پاسي ۾ وسيع ميدان ۾ صلاح‌الدين سوڊانين جي فوج کي خوفناڪ شڪست ڏني ؛ ٻورن ڪلاڪن ۾ هزارين سوڊاني مارجي ويا ۽ باقي جيڪي بچا تن هٿيار ڦٽي ڪري امان گهري.

ابن اثير لکي ٿو ته صلاح‌الدين هنن جي زخم جي التجا ڏي ؛ کين امان ڏنائين*

صلاح‌الدين هنن باغين کي امان ته ڏني ۽ کين قاهره ۾ رهڻ جي اجازت ڏني. کين درياه نيل جي ٻئي ڀر رهڻ جي اجازت ڏني.

صلاح‌الدين جو هيءُ فيصلو نهايت دوراندیشي وارو هو.

---

*ابن اثير جلد ۱۱ - ص ۱۳۰

چاکاڻ تہ الهڻ سوڊالين ڪڇهه وقت کان اوه وري فساد ڪيو جنهنڪري صلاح الدين ٻنهنجي ٻاڏ شمس الدوله کي ٻاڏين جي ڪن مهٽ لاءِ روانو ڪيو. شمس الدوله هڪ سخت لڙائي کان اوه هن فساد کي هميشه جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

شاهي محلات جي سازش ۽ سوڊانين جي بغاوت کي ختم ڪرڻ کان اوه ۽ صلاح الدين کي احان خطرو هو. هي خطرو عيسائين مان هو.

ٻڌهندڙ هن خطري جي اهميت کي تيستائين سمجهي نه سگهندا جيستائين مان "مسيحي مجاهدن" جي ڪارنامن تي روشني نه وجهندس. اڄوڪو باب صرف تنهنڪري فقط انهيءَ بحث لاءِ مخصوص ڪيو آهي.

(٦)

عيسائين اسپين مان مسلمانن جو نالو ونشان مٽائي ڇڏيو هو ؛ مسلمانن جي ڪمزوريءَ جو اهو حال هو جو هر جنگ ۾ عيسائي ڪامياب ؛ ڪامران ٿيا. عين انهيءَ زمالي ۾ اسلام جي مبلغن هڪ جنگ جو قوم کي مسلمان بنائي وڏو.

هيءَ وچ ايشيا جا ترڪ هئا. انهن ترڪن اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ عربن جي علائقن کي فتح ڪيو. پاڻ کي هڪ اڇڙي حڪمران قوم ثابت ڪيو جو عربن به سڏن اڳر تسليم ڪيو. اسلام انهن جنگجو ترڪن ۾ عڪربت جو هڪ نئون روح ٻڌا ڪيو ؛ نهايت جلد هو مشرق جي عيسائين جي لاءِ هڪ حقيقي خطرو بڻجي ويا.

يورپ ۾ انهيءَ زمالي ۾ سڀ کان وڏيڪ دولتمند ؛ خوشحال عيسائي حڪومت بازنطيني حڪومت هئي. هن جي دولت ؛ جنگ آزما سپاهين جو سرچشمو اهي مقبوضہ علائقا هئا جيڪي ايشيا ڪوچڪ ۾ بحر روم ؛ بحر اسود جي درميان ۾ پکڙيل هئا هن حڪومت جو مرڪزي شهر قسطنطنيہ هو.

ترڪن زور وٺندي بازنطيني حڪومت جي انهن علائقن تي حملا شروع ڪيا. بازنطيني فوج ٽين جنگ ۾ سخت شڪست کاڌي. هن جنگ ۾ بازنطيني حڪومت جا سڀ تربيت يافتہ سپاهي مارجي ويا ؛ هڪ عرصي تائين بازنطيني حڪومت ٻيهڙو دفاع ڪرڻ ۾ نہ ٻوس هئي.

ترڪ هن فتح کان پوءِ اڳتي وڌندا ويا ؛ هن عيسائين جي ڪيترن ئي وڏن شهرن مثلا انطاڪيہ ؛ نيقيہ ؛ تي قبضو

ڪيو. هڪ ترڪ بادشاهه نيڪ ڇڏي ٻي ڪا هڪومت قائم ڪئي ۽ سلطان روم جو لقب اختيار ڪيو.

هن علائقي جي ترڪن جي قبضي جي خبر سڄي يورپ ۾ جلد پکڙجي وئي ۽ يورپ ۾ پين سياستدانن محسوس ڪيو تہ جيتوڻيڪ اسپين ۾ مسلمانن جي زوال سان عيسائين جي سر تان هڪ خطرو ٽري ويو ليڪن مشرق ۾ ترڪن جي ايڏڙ طاقت هڪ ٻيءَ خطرو آهي. صليبي جنگيون الهيءَ خطرہ کي دور ڪرڻ لاءِ شروع ڪيون ويون.*

عيسائين جي جوش وخروش جي باري ۾ هتي لکي ٿو، هڪ عجيب وغريب نفسياتي ويا پکڙجي وئي هئي. تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جو معاملو صرف الهيءَ حد تائين محدود نہ هو جو ڪليسا هڪ نئون طريقو ۽ نئون نصب العين سامهون رکيو هو. راسخ العقيدہ مسيحيت کان سواءِ اهڙا فوجي سالار ۽ موجود هئا جن جو اهو عزم هو تہ فتوحات جا نوان ميدان تلاش ڪجن تاجر ۽ شامل هئا، خصوصا جينوا، وينس، ۽ پيسا جا تاجر جن جي دلچسپي روحاني هدف جي بدران تجارتي هئي رومان پسند، بيقرار ۽ وڪوڙ پسند ماڻهو ۽ هٿ چڪي ۽ ظاهر هن شاندار تحريڪ ۾ بي تڪلف شامل ٿيا هئا. مجرم ۽ گنهگار ماڻهو ۽ هئا جن ارض مقدس جي زيارت ڪري پنهن جي گناهن جي تلافي چاهي ٿي. اهڙا ماڻهو ۽ هئا جڏهن اقتصادي ۽ مجلسي اعتبار کان تباهه ٿي چڪا هئا ۽ انهن جو صليب کڻي روانو ٿيڻ ڏوانيءَ جي بچاءَ فقط مشڪلاتن کان عارضي چوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو سبب هو.†

---

* اينڪوئي ويسٽ "ڪروسيڊس" اردو ترجمو "صليبي جنگون" صفحہ ١١-١٢ رئيس احمد جعفري مترجم "صليبي جنگون" "آخري سٽن تي حاشيہ ۾ ريمارڪ لکيو آهي "الهيءَ جو مطلب تہ صليبي جنگون مذهبي جنگيون نہ هيون. الهن کي مذهبي تقدس حاصل نہ هئي ۽ انهن جو اهڙو درجو نہ آهي جيڏو مسلمانن جي جهاد جو."

† فليپ هٽي "تاريخ شام" ص ٤٧٧ اردو ترجمو مولانا غلام رسول مهر

بازنطيني شهنشاه اليڪسيس ڪومنني کان پوپ کي مدد لاءِ اپيل ڪئي.*

پوپ هن امداد جي اپيل ۾ پنهنجي لاءِ هڪ موقعو ڏٺو ته يوناني ۽ رومي ڪليسا جي وچ ۾ نفاق ختم ڪري ويندو ۽ ڪيس سموري مسيحي دنيا جي عبادت حاصل ڪري ويندي†

پوپ اربن پنهنجي مٿاڻهي طرح پنهنجي مٿاڻ کي خيال ۾ رکندي ۲۶- نومبر ۱۰۹۵ع تي ڏکڻ فرانس جي هڪ شهر ڪارمون ۾ هڪ آتشبار تقرير ڪئي. هن جي خطبي جو موضوع هو "مقدس ڪليسا کي ڪافرن جي قبضي کان آزاد ڪرايو وڃي." ††

ڊاڪٽر احمد سلمي "صليبي جنگين جي تاريخ" ۾ پوپ اربن جي تقرير جو هيءُ حصو درج ڪيو آهي، هيءَ لڙائي فقط هڪ شهر تي قبضي ڪرڻ لاءِ نه آهي بلڪ سموري ايشيا ۽ سنڊس بيشمار دولت ۽ خزانن تي قبضي ڪرڻ لاءِ شروع ڪئي ٿي وڃي: توهان بيت المقدس کي حجت بڻايو ۽ مقدس زمين کي آزاد ڪرائي مٿن قبضو ڪيو نه انهن مان ڪافرن کي ڌڪي ڪيو جن مٿن قبضو جمايو آهي. هيءَ زمينون، جيڪي توراة ۾ آهي ڪيرن ۽ ماکي وهائن ٿيون. اهڙي طرح استيفن سن "مشرق ۾ صليبي" ۾ لکيو آهي ته صليبي جنگين جو مقصد شام ۽ فلسطين ۾ لاطيني قوت کي مضبوط ڪرڻ هو.

پوپ اربن پنهنجي تقرير تي ڏيڍ لک صليبي سورما تيار ٿي ويا. انهن صليبين ۾ زيادہ تہ فرينچ ۽ نارمن هئا. ۱۰۹۷ع جي بهار جي مند ۾ مهم جو آغاز ٿيو. صليب کي نشان مقرر ڪيو ويو. اهو طئي ٿيو ته قسطنطنيه کان ايشيا ڪوچڪ جي رستي ارض مقدس ۾ پهچجي. ||

جڏهن آگسٽ ۾ هي صليبي سورما "قسطنطنيه" پهتا تڏهن بازنطيني شهنشاه اليڪسيس هنن جو ڏاڍو آڌرياڻ ڪيو ليڪن پطرس* جا برا حال ۽ سنڊس سرڪش لشڪر

---

* فلپ- ڪي. هٽي تاريخ لبنان ص ۲۷۹ "ايضا"

† تاريخ شام ص ۴۷۷ مترجم ڪالمرسول مهر

|| تاريخ لبنان ص ۴۷۹ ايضا

ڏسي ڏهلجي ويو. پطرس جا سورما قسطنطنيه ۾ اچڻ سان عورتون کٽڻ لڳا ۽ قلعي کان ٻاهر جهڪي گرجائون هيون. تن جو مال لٽڻ لڳا. هڪ هفتي اندر شهنشاه هن کان ايترو تنگ ٿيو جو هن کي جهازن ۾ چاڙهي باسفورس جي رستي ايشيا ۾ ٻهچايو. پطرس جا جوان جهٽن ئي ايشيا ۾ ٻهتا تهٽن چوٽ شروع ڪيائون ته هاڻي اسان دشمن جي علاقي ۾ آهيون. تنهنڪري جتي به ٻهتا ڦري اتي قرلت ڦي ڪيائون. اهڙي طرح هي صليبي مجاهد جلد ئي ڏاکو ۽ ڏورو بڻجي ويا. *

جوفري بوريل ٻهريون عيسائي هو جنهن سمپٽمبر جي وچ ڌاري ڪنرائي هزار فرينچ لشکر ساڻ ڪري يڪدم تي حملو ڪيو. يڪدم جي سلطان هڪ معمولي فوج سان مقابلو ڪيو ۽ پڇي نه سگهيو ۽ فرينچ صليبين خوب لٽ ڦر ڪئي.

جو فري بوريل جي قرلت ڏسي ريمالڊ جرمن ۽ اطالوي صليبين سان زيريگوردن جي قلعي تي قبضو ڪيو.

فرينچ بوريخ مچاڻ لڳي ڏو ته هن هنڌ عيسائين عاجز ۽ بي سهارا مسلمانن تي شديد ظلم ڪيو. صليبي جي جهنڊي هيٺ اڳتا ته گناه ڪيا جو قدرت به ڪنهي وئي. *

جلدئي صليبي قائدين جي وچ ڪشمڪش شروع ڏي ۽ هڪ ٻهنجي لاه جدا علاقو فتح ڪرڻ گهريو ڏي.

۱۰۹۸ع ۾ بالدون الرها تي قبضو ڪيو ۽ اتي ٻهرين لاطيني رياست قائم ڪئي. بالدون ٻهنجي رياست جون حدون ڏکڻ طرف وڏايون ته جيئن بحرقلزم ۽ بحرهند جي تجارت جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ حصي تي قابض ڏي وڃي. بحر لوط جي ڏکڻ ۾ هڪ مضبوط قلعو شوبڪ تعمير ڪرايائين ته جيئن دمشق کان مصر ۽ حجاز ڏانهن ويندڙ قافلن جي حفاظت

---

* تاريخ شام ص ۴۷۸ هتي
† پطرس هڪ جنوبي راهب هو؛ ايمنس جو رهواسي هو
* "صليبي جنگون" اينٿوني ويسٽ رئيس احمد جعفري ۳۲
* "صليبي جنگون" ص ۳۳، ۳۴

(يا نگراني) ڏي سگهي. .لڪ تي گرفت مضبوط رکڻ لاءِ هڏ هڏ قلعا تعمير ڪرايا ويا بابدون جڏهين سنہ ١١١٨ع ۾ مٿو ڏڪڻ هي لاطيني رياست هڪ ڪان ٻروٿ تائين ڦهليل هئي.

٧ جون سنہ ١٠٩٩ع ۾ صليبين گاڊ فري، ريمان ۽ ٽينڪرڊ جي قيادت ۾ بيت المقدس جو گهيرو ڪيو. هڪ مهيني جي سخت گهيري کان پوءِ هن مقدس شهر تي قبضو ڪيو ويو. * شهر جي آبادي کي صفحي ۽ عمر کان قطع نظر بي امتياز قتل ڪيو ويو. مڃاڻ جهڙو هڪ فرينچ مورخ آهي تنهن هن الساني ڪوس کي بيان ڪيو آهي " صبح الشمڻن کي (عربن) گهڻين ۽ گهرن ۾ ڪنو ٻڌي ويو. بيت المقدس ۾ مفتوح بدلصيبن لاءِ پناه جي ڪابہ جاءِ ڪانہ هئي. بن ڏينهن تائين مسلمانن جو ڪوس ڏيندو رهيو ۽ پوءِ بہ کي بہ ڇڏي ويا هئا. ٽئين ڏينهن ڪاؤنسل رهيل مسلمانن کي بہ مارڻ جو حڪم ڏنو. سڀ مسلمان جن کي پهرين ڏينهن وڏي فديہ جي اميد تي يا تڪ جي ڪري قتل نہ ڪيو ويو هو تن کي قتل ڪيو ويو. صليبين مسلمانن کي مجبور ڪيو تہ مسجدن جي مٿان يا گهرن جي ڇتين کان هيٺ ٽپا ڏيڻي جن. ڪيترن کي ٻاهہ ۾ ساڙيو ويو. هزارن کي تهہ خانن مان ڪڍي بازار ۾ لاشن جي ڍيرن هيٺان قتل ڪيو ويو. نہ عورتن جي رحم طرف آرجهہ ڏنو ويو ۽ نہ ٻارن جي ڏاهن جي ٻرواه ڪئي وئي. نہ الهيءَ جگهہ جو لحاظ رکيو ويو جتي مسيح ناصري پنهن جن قاتلن کي معاف ڪيو هو. غضبناڪ فاتحن هي دلين کي ڪابہ گاڙهہ نرم ڪري نہ سگهي. ايتري قدر تہ خونريزي ڪئي وئي جو الپرٽ ڊي ايڪس جي بيان مطابق نہ صرف مصلي، مسجدن گهڻين لڪ ويران جاين ۾ نڪاشن جا انبار ٻيا هئا. هيءَ خونريزي هڪ هفتي تائين جاري رهي ۽ پوءِ وڃي صليبين پنهنجو هٿ روڪيو. مشرقي ۽ مغربي مورخ الهيءَ گالهہ تي متفق آهن تہ ستر هزارن کان وڌيڪ مسلمان ماريا ويا. هاڻي وري اهو خوف ٿيو تہ لاشن جي سڙڻ جي باعث وبائي بيماريون پئدا ٿينديون.

تاريخ لبنان ص ٢٨٣ خطي

صليبين جي سردار مسلمان قيدين کي حڪم ڏنو ته
انهن جن عزيزن ۽ دوستن جي لاش کي دفن کن ته جيئن رستا
صاف ٿين. راڄرت ڊي مالڪ، ڪيو آهي ته ماڻهو روئيندا ڏي
رهيا ۽ لاش کي کڻندا رهيا ڏي. هن درد انگيز ڪم ۾ ريمنڊ
جي سپاهين به هٿ وڌايو مگر هن ظاهري دردمندانه تعاون
جي تهه ۾ هڪ گندو غرض هو. ريمنڊ شهر ۾ سڀ کان آخر
۾ داخل ٿيو هو ڇاڪاڻ جي قيمت جي مال مان خمس گهٽ
حصو هٽ آيو هو. هاڻي لاش جي تلاشي وڏي انهيءَ ڪميءَ
جو پورائو ڪيو پئي وڃي، عمارتين ۾ قبضو ڪندو سو انهيءَ
جو ٿيندو. مسجد عمر ۾ جيڪو سپ کان پهريون خمسائي داخل ٿيو
هو ڇهڙو نالو ٿڪرڊ هو. هيءَ مسجد ۽ انهيءَ جي سموري
دولت جنهن ۾ ويهه سون جا ۽ هڪ سئو ويهه چالديءَ جا
شمعدان هٿا ۽ هڪ وڏو شمعدان پيو ڪيترائي سجاوٽ جو
سامان شامل هو سو سڀ هن کي مليو مورخن جو بيان آهي
ته هيءَ سامان اينٽيوڪ جو گهڻو هو جو انهيءَ کي بدڪ ۾ ڏيڻ
لڳي ويا ۽ ڇهه ڪاڻين ڀرجي ويون. *

هي درد ناڪ بيان، ڏاڍي مون کي يقين آهي ته هر
دردمند ۽ حساس طبع مسلمان جو اکيون ڀرجي آيون هونديون.
يقين ڀرجي اچڻ ۾ گهرجن. هاڻي ڏسڻو آهي ته آخر اهڙي
ذلت ۽ رسوائي جا اسباب ڪهڙا هٿا. ليڊن پول هن سوال جو
جواب هيئن ڏنو ڏئي.

"صليبين جي ڪاميابين جو سبب هيءُ هو ته سندن
باقاعده مقابلي ڪرڻ وارو ڪوبه ڪونه هو. سلطان ملڪ شاه
جو وزير اعظم نظام الملڪ طوسي پنهنجي آقا جي زندگيءَ ئي
۾ مري چڪو هو ۽ ڪوبه اهڙو صاحب تدبير ڪونه هو جيڪو
ملڪ شاه جي ننڍ جي جهڳڙي ۾ ٻڌي سندن ناه ڪرائي
هر شخص تاج جي پڳل ٿڪڻ لاه پنهنجن سان دست و گريبان

---

* صليبي جنگين جي تاريخ از مچاڊ- (٢) شارٽ هسٽري
آف دي سراسنس از امير علي- ٣، صليبي جنگين
از انٽولي ويسٽ

هو. ٻاڙيسري حڪومتون هڪ ٻئي کان سڙندڙيون هيون. ڪوبہ اهڙو ڪونہ هو جو سڀني جو قائد بڻجي دشمن جي مقابلي ۾ سيڏو سپر ڪري. مسلمانن جو هيءُ ئي خراب وقت هو جڏهن يورپ جون عيسائي سلطنتون فوج ڪشي ڪري ڪهن مغلوب ڪري سگهيون ٿيون. جيڪڏهن يورپ وارا هيءُ حملو هڪ ٻڙهي اڳ ڪن ها تہ سلجوقي اڃا ڪمزور ڪونہ هئا جو هٽ ٻڌي ويهي رهن ها ؟ جيڪڏهن يورپ جي هيءُ فوج ڪشي هڪ ٻڙهي ٻوه ٿئي ها تہ عمادالدين ۽ نورالدين زنگي حملو ڪندڙن کي سمنڊن ۾ ڏڪي پوڙي چڏن ها. مگر هن وقت مسلمان ڪمزور هئا. اهڙي صورت حال تي نظر ڪندي هيءُ چئي سگهجي ٿو تہ صليبي جنگين جي واعظمن، مبلغن ؟ محرڪت کي مسلمانن تي حملي ڪرڻ جو جيڪو موقعو ملهو تنهن جي اهميت کي خود برابر سمجهيا ليکن جيڪڏهن هي صحيح آهي تہ ٻوه ٻڌس ؟ يورپ اربن ٻئي کي حملي لاءِ هيءُ موقعو سڃهو تہ ٻوه اها گالهہ الهيءُ ذهانت جي شاهدي ٿي ڏئي ؟ معلوم ٿو ٿئي تہ هو ايشيا جي سياسي حالات جو بعد توجہ سان مطالعو ڪندا رهيا ٿي. صليبي سپاهي مسلمانن جي ملڪ ۾ اهڙي طرح گهڙيا جهڙي طرح ڪنهن ڪاڇيءَ ۾ چور ٽوڪي آهي ؟ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ ڏينهن تائين تہ ائين ئي معلوم ٿيو تہ هو اسلام جي وڻ جي ٽڙ کي چوري ختم ڪري ڇڏيندا." *

بهرڪيف هي بيت المقدس!
يروشلم
همعصرن جي سر زمين
روم، عجم، مصر ؟ يونان جي فاتحن جو مستعوب شهر
مسلمانن جو ٻهريون قلعو.

مسلسل پنجن صدين تائين اسلامي تهذيب ؟ تمدن جو گهر رهيو ؟ علم ؟ دانش، فنون ؟ حڪمت جو علمبردار

---

* "صليبي جنگيون" لين پول ص ٢٠-٢١

رهيو — سو يارهين صديءَ عيسوي ۽ مسلمانن جي نااتفاقي، عيش ڪوشي ۽ بزدليءَ جي باعث وري يورپ جي وحشي مسيحي ڪٽڪن جي چنگل ۾ هو.

مسيحي نائٽن (بانڪن) جي مجلس گاڈفري کي يروشلم جو بادشاه بڌايو.

اڳي طرح ايشيا ۾ ارض مقدس تي يورپ جي صليبي سردارن ڪي رياستون قائم ڪري ورتون.

يروشلم، الطاڪيه ۽ الرها.

مون کي اميد آهي ته پڙهندڙن کي يورپ اڀرڻ بڻجي جي عوامل کان ڪجهه آگاهي ڏي وئي هوندي ۽ سلطان صلاح الدين کي مسيحين کان جيڪو خطرو لاحق هو تنهن جي اهميت کي محسوس ڪيو هوندو.

(٧)

اچان سوڊانين جي بغاوت ختم ٿي ۽ مس ٿي هئي جو مسلمان مڪمرن اطلاع ڏنو ته فرنگي † ٻيڙا تي حملي ڪرڻ لاءِ ٻه سو ويهه بحري جهازن ۾ چڙهي اچي رهيا آهن.

سلطان صلاح‌الدين هڪدم ٻيڙا جي دفاع جي تياري لاءِ نه فقط فوج گڏ ڪئي ۽ ڪاڏ خوراڪ جو به هڪ وڏو ذخيرو جمع ڪيو ۽ انهن جي آقا نورالدين محمود کي به مدد موڪلڻ لاءِ تيز رفتار قاصد روانو ڪيو.

هي عيسائي فوج روم ۾ گڏ ٿي ۽ ٻوڙ اتان لڪتي هئي. لين پول جي بيان مطابق نومبر ١١٦٩ع ۾ ابن الاثير جي قول مطابق هي فوج ٥٦٥ هجري جي صفر مهيني ٻيڙا‌ٻيٽ. هن فوج ۾ تقريبا سڄي يورپ جا هزارين سورما هٿ علاوه الهي جي بادشاه امالرڪ* به هڪ وڏي فوج ساڻ ڪري هڪي رستي سان ٿي ڏيڻهن ايڊ ٻيڙا ٻيٽ ويو.

لين پول لکي ٿو ته جيڪڏهن بحري ٻيڙو بري فوج سان گڏ ٻيڙا ٻيٽ ها ته صورت حال ٻيو ڪجهه هئي ها.*

---

† صليبين ۾ فرينڪ ۽ نارمن نسل جا ماڻهو گهڻا هٿا تنهن ڪري مسلمان مورخن اڪثر انهن صليبين لاءِ فرنگي لفظ استعمال ڪيو آهي جو فرينڪ جي بگڙيل صورت آهي

* امالرڪ يروشلم جو بادشاه هو.

* "صليبي جنگيون" ص ٩٠ لين پول

لڪن ائين ڪي نه سگهيو. دمياط جي جوابن هڪ وڏو ۽ وڏي زنجير بڏي پاڻ کان اڳڙ هر پڙي جو بندرگاهه تائين بهچڻ مشڪل بڻائي ڇڏيو هو. هيءَ زنجير اينرو ته مضبوط هو جو ڪيس ڀڃڻ ڏکيو هو. هن ترڪيب جو نتيجو اهو ٿيو جو عيسائين جا بحري جهاز بندرگاهه ۾ داخل ٿي نه سگهيا.

صلاح‌الدين به مڪمل تيارين سان دمياط پهتو هو تنهن ڪري دمياط وارن کي ڪنهن به قسم جي ڪمي ڪانه هئي. برعڪس انهيءَ جي صليبي سورمن جي حالت خراب ٿيندي ٿي وئي. نه پادري ئي سندن حوصلا بلند رکي سگهيا ۽ نه ئي جوش جهاد ئي ڪم آيو.

صلاح‌الدين نهايت غيرمعمولي مهارت سان هٿن سان وڙهي رهيو هو. سالڊه شديد حملن، بک، بيمارين صليبين جا حوصلا ختم ڪري ڇڏيا ۽ رهي سهي ڪثر دمياط جي منجنيقن پوري ڪئي. دمياط جون منجنيقون صليبين تي ٻاهه ۽ ٻئر اينرا ته شديد زور سان وسايا جو هر طرف دانهون ۽ ڪوڪون هيون.

آخر ۾ امال رڪ ٻڌاءِ جو ٻيو ڪوبه چارو نه ڏسي سلطان صلاح‌الدين کي صلح لاءِ عرض ڪيو. سلطان صلاح‌الدين صلح جي هيءَ درخواست منظور ڪئي.

هن ٻول لکي ٿو ته انهن (صليبين) جو اهوئي مثال ٻڌيو ته شتر مرغ گهر مان ڪتو ته سنگ ڏو هٽ ڪمان ۾ ڇڏيهن گهر موڪي آيو ته ڪن به وڃائي آيو.*

---

*"صليبي جنگيون" هن ٻول ص ٩٢

املیہ خلیج عقبہ جي کناري تي ھڪ نھايت قديم تاريخي شھر آھي. ھي شھر ايترو ته قديم آھي جو توريت ۾ به ھن جو ذکر آھي. ھن شھر تي صليبين جو قبضو ھو.

ھن شھر کي وڏي اھميت انھيءَ سبب به ھئي ته مصر کان حج لاءِ بيت اللہ ويندڙ مسلمانن کي ھن شھر کان لنگھڻو پوندو ھو.

صليبين جي واعدي خلافي ۽ عھد شکني ھڪ مثال بڻجي چڪي ھئي. ھنن جنھن ٽيھ سال فلسطين، شام، مصر ۽ عراق جي سر زمين تي قبضو کرڻ چاھيو ٿي تنھن جو ذکر مان ٻوچ ارڙن جي تقرير ۾ بيان کري آيو آھيان. علاوه انھيءَ جي فتح يروشلم وقت ڪيڪو ھنن صليبين مسلمانن سان ظلم کيو تنھنجو به مختصر ذکر اڳين صفحن ۾ اچي چڪو آھي. انھن سببن جي کري سلطان صلاح الدين ٻڌايو اسلامي فرض سمجھي ته حجاز طرف ويندڙ رستي جي ھر خطرات کي ختم کيو وڃي ته جئين مسلمان بلا خوف و خطر فريضہ حج ادا کري سگھن.

ھن مقصد کي حاصل کرڻ لاءِ سلطان صلاح الدين ھڪ بحري بيڙو تيار کرايو. جھازن جا ڏار ڏار حصا قاھره ۾ ٺھرائي اٽن تي کڻائي بحر قازم جي کناري تي کين جوڙائي سمنڊ ۾ لھرايائين. ھڪ مکمل تياريءَ کان پوء انھن جھازن ۾ لشکر کي تيار کري املیہ طرف روانو کرائين ۽ تاريخ ڏيکاري جي رستي املیہ پھتو. بحري ۽ بري طرفن کان املیہ تي حملو کيو

ويو ۽ املهه وارن ڏوري وقت کان پوءِ سخت شڪست کاڏي ۽ صلاح‌الدين املهه تي قبضو ڪري مٿس اسلامي جهنڊو لهرايو.

هي ۽ هڪ ڪامياب مهم هٿي جنهن مسلمانن جي من مستين ۽ حوصلي کي سخت ڪاهاري ڏڪ هنيو. هن مهم جي ڪاميابيءَ سان سلطان صلاح‌الدين جي شهرت چوڏ طرف پکڙجي وئي ۽ نه فقط مصر جي مسلمانن ڪمس هنهن جي معجبت ۽ عقيدت جو مرڪز بڻايو بلڪ پوءِ اسلامي دنيا جا مسلمان به ڪمس سڏن لفظن سان ياد ڪرڻ لڳا.

لين پول لکي ٿو ته صلاح‌الدين جون فتوحات جيڪي ڪيس عيسائين تي حاصل ٿيون تن ڪمس مصر جي ماڻهن جو دوست بڻائي ڇڏيو. هاڻي هنن نه ته سندس خلاف سازشون ڪيون ۽ نه ورڪي ڪيس معتوب ڪي سمجهيو.*

---

* "صلاحي جنگيون" لين پول

(٩)

فاطمي خلافت جو آخري بادشاهن ۾ هئي خليفو العاضد ڪنهن
ڪري ڏينهن کان سخت بيمار هو ۽ سندس جيئڻ جي ڪا اميد
ڪانه رهي هئي. حالتون اهڙيون هيون جو اسلامي دنيا کي
هڪ مرڪز جي ضرورت هئي ته جيئن فرنگين جي عزائم جو
مقابلو ڪيو وڃي. نورالدين محمود جي به اها راءِ هئي ته مصر
جي فاطمي خلافت کي ختم ڪيو وڃي صلاح‌الدين کي
هن سلسلي ۾ نورالدين هڪ پيغام به موڪليو.

سلطان صلاح‌الدين امت اسلاميه جي وحدت خاطر هن
سلسلي ۾ حالات کي سنجهائڻ لاءِ پنهنجن امرن سان صلاح و
مشوره ڪيو. ڪن امرن جو خيال هو ته هي قدم قبل از
وقت ٿيندو ڇاڪاڻ ته هن جي راءِ هئي ته اهڙي تبديليءَ سان
شايد مصري بغاوت ڪن ۽ ڪي امير الهيءَ راءِ جا هئا ته
ملت اسلاميه جي وحدت خاطر اهو قدم ڪيو وڃي.

ايان ڪو نيصلو طئي ڪرڻ ٿيو هو جو هڪ عجمي
عالم جنهن کي اميرالعالم چوندا هئا تنهن آڻي چيو ته اها خدمت
هو جمع جي خطبه ۽ الهه ڏيندو

خطبه جو وقت آيو ۽ خطيب کان پهريان اميرالعالم منبر
تي چڙهيو ۽ فاطمي خليفي جي ناالي وٺڻ بدران عباسي خليفي
لاءِ خير جي دعا گهرڻ ۾ ماڻهو بڌلدا رهيا ۽ ڪنهن جي به
منهن تي دعا بڌندي ناراضگيءَ جا آثار نهودار نه ٿيا. هيڏو
وڏو ڪم اهڙي ته سنجيدگيءَ سان طئي ٿيو جو قاهره ۾
مخالفت ۽ ڪو نعرو به نه لڳو.

مذهبن ظاهر ۾ هن تبديليءَ تي ڪوبه احتجاج نه ٿيو
تڏهن سلطان صلاح‌الدين مصر جي سيني مسجدن ۾ اڳتي جي
لاءِ فاطمي خليفي جي بدران عباسي خليفي جي نالي جو خطبو
پڙهڻ جا احڪامات جاري ڪيا.

سلطان صلاح‌الدين خليفي العاضد جو ڏاڍو خيال رکندو
هو تنهنڪري هن اها ڪوشش ڪئي ته مرڻ تائين خليفي
العاضد کي تبديليءَ جي خبر نه ٻوي ۽ ائين ئي ٿيو. جڏهن
ٽن ڏينهن کان پوءِ العاضد وفات ڪئي تڏهن نه هن ياڻ کي
خليفو سمجهيو ٿي.

العاضد جي ڪفن ۽ دفن کان پوءِ سلطان صلاح‌الدين هيءَ
خبر محل وارن کي پڌائي ۽ قصر خلافت کي ۽ سڀني سمورن
خزانن کي رياست جي حق ۾ ضبط ڪيو.*

مصر خلافت جي خاتمي جو ٻڌڻ جهڙو خطبو جيڪو عجمي
امير العالم پڙهيو تنهن ڏينهن محرم جي ٻارهين تاريخ هئي ۽
ڏينهن جمع هو ۽ هجري سال ٥٦٧ هو.†

تاريخ ۾ هي ڳالهه به ٻڌڻجو مثال پاڻ آهي ته فاطمي
خلفا جي دولت مان سلطان صلاح‌الدين کان شيءَ ٻڌڻجي لاءِ
نه ڪئي ۽ نه ورثي فاطمين جي ڪنهن عالمشان محل ۾ رهيو.

صلاح‌الدين ٻڌڻجي محسن نورالدين کي وساريو ڪونه
۽ مصر ۾ سڀني کي نالي‌جو سڪو رائج ڪيائين ۽ دربار عام
وغاص ۾ ڪيس مصر جو نگران مشهور ڪيائين.

ليڪن الهيءَ ۾ به ڪو شڪ ڪونهي ته نورالدين مصر
جي معاملات ۾ عملي طور ڪابه مداخلت نه ڪندو هو ۽ صلاح‌الدين
هر ڪم ۾ خودمختيار هو.||

---

* ابن اثير جلد ١١ ص ١٣٨، ابن شداد "سيرت صلاح‌الدين" ص ٢٩
ابن ڪثير جلد ١٢ ص ٢٦٦- ابن خلدون جلد ٥ ص ٣٨٥
† "صلاح‌الدين" رشيد اختر ندوي ص ٨٠ - ٨١
|| ايضا ص ٧٩

(١٠)

ڪن مورخين جن ۾ ابن اثير ۽ ابن خلدون جيڪي سلطان صلاح الدين جي باري ۾ لکيو آهي تن ۾ ڏاڍو فرق آهي. ابن اثير جي مطابق صلاح الدين مصر جي فاطمي خليفي جي خاتمي کان پوءِ سلطان صلاح الدين جي وفاداريءَ ۽ نورالدين محمود ڏانهن متزلزل ٿي وئي هئي.

هن باب ۾ حقائق جي روشنيءَ ۾ انهيءَ غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

هن ڳالهه ۾ ته ڪوبه شڪ ڪونهي ته مصر ۾ صلاح الدين کي خودمختياري حاصل هئي ليڪن انهيءَ ڳالهه ۾ ڪابه صداقت ڪانهي ته صلاح الدين ڏاڍو نورالدين کان پنهنجي دامن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. صلاح الدين آخري وقت تائين نورالدين سان وفادار رهيو.

مصري خلافت جي خاتمي کان پوءِ صلاح الدين مصر ۾ نورالدين جي نالي جو سڪو رائج ڪيو؛ خطبي ۾ عباسي خليفه سان گڏ نورالدين جو به نالو ورتو ويندو هو.

ابن خلدون جو بيان آهي ته جڏهن دمياط جو محاصرو ٿيو تڏهن صلاح الدين هر وقت نورالدين کي حالات کان واقف ڪندو رهيو؛ نورالدين دمياط جي گهيري ۾ صلاح الدين جي خوب مدد ڪئي؛ فوج کان سواءِ ڏهه لک اشرفيون به موڪليون *

ليڪن ابن خلدون؛ ابن اثير جي انهيءَ راءِ کي رد ڪ

---

* ابن خلدون جلد ٥ "معاصره دمياط"

ڏو ڪري سگهجي ته بهڻي ڏريءَ جي ڪن امين اها ڪوشش ڪئي ته بهڻي حڪمرانن ۾ رنجش پيدا ڪئي.

افسوس جي ڳالهه آهي ته هيءَ ڪوشش اڳئي وقت ڪئي وئي جڏهن نورالدين ۽ صلاح‌الدين گڏجي صليبين جي عزائم کي همٿ‌جي‌لاءِ‌ختم ڪرڻ لاءِ فوج ڪهي ڪئي. نورالدين خود صلاح‌الدين کي حڪم ڪيو ته مصر جي طرف کان ارض فلسطين تي يلغار ڪري ۽ نورالدين پاڻ دمشق جي طرف کان يروشلم تي حملو آور ٿيندو.

جيڪڏهين هي پهڻي گڏيل فوجون يروشلم تي حملو آور ٿين ها ته يقين يروشلم جي فرنگي حڪومت ختم ٿي وڃي‌ها ۽ بيت‌المقدس، پيغمبرن جي سرزمين، مسلمانن جو قبلو اول‌هڪ دفعو وري مسلمانن جي قبضي ۾ هجي ها. صلاح‌الدين جي نه اهائي خواهش هئي، نه فرنگي عياري ۽ مڪاري پهچڻ جوهر ڏيکاريو ۽ مصر جي فاطمي طرفدارن کي بغاوت تي آماده ڪيو ۽ مصر جي وڏن شهرن ۾ بغاوت جو دود ڪڍ لڳو.

اهي خبرون جڏهن صلاح‌الدين کي پهتيون تڏهن نهايت تکڙو ۽ اوچتو حصن کڻڪ ۽ الشوبڪ جا گهيرا چڏي مصر موٽيو.

موقعو غنيمت هو ۽ نورالدين جي ڪن امين الهيءَ ۾ رنگ پريو. چئي نه ڏو سگهجي ته نورالدين جي امين ڪن ذاتي مفادن تحت هيءَ حرڪت ڪئي يا فرنگي ڊپلوميسي ڪارفرما هئي.

بهرحال هي حقيقت آهي ته نورالدين کي ملال ٿيو ۽ هن صلاح‌الدين جي واپسيءَ تي اعتراض ڪيو.

ابن اثير لکي ڏو ته جواب ۾ صلاح‌الدين معذرت ناموڪيو ۽ لکيائين، "اطلاع مليو آهي ته مصر جي ڪن شهرن ۾ بغاوت ۽ هٿي سوڀي ۽ فاطمين جا شيعه سنڌس خلاف اٿيا آهن ۽ چاهن ٿا ته سنڌس حڪومت کي ختم ڪري چڏن"*

* ابن اثير جلد ۱۱ ص ۱۳۹

ابن خلدون به هن بيان جي تصديق ڪئي آهي.**

جڏهين نورالدين کي حالات کان آگاهي ٿي ۽ صلاح‌الدين جو معذرت نامو به پهتو تڏهين سندس رنج دور ٿيل ويو ۽ اسلام جي ٻن جليل القدر مجاهدن کي وڙهائڻ جي سازش ناڪام ٿي وئي.

اميرعلي پنهنجي مشهور ڪتاب "هسٽري آف دي سيراسنس" ۾ لکي ٿو ته سنه ۵۶۹ هجري ۾ هن (سلطان صلاح‌الدين) پنهنجي آقا (نورالدين) جي اجازت سان پنهنجي ڀاءُ توران‌شاه کي يمن فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو.*

ابن ڪثير فتح يمن جي باري ۾ لکي ٿو، "۽ انهيءَ سال يمن صلاح‌الدين لاءِ فتح ڪيو ويو. هن فتح جو سبب هيءُ هو ته صلاح‌الدين کي خبر ملي ته هڪ شخص جيڪو پاڻ کي عبدالنبي ٿو چوائي سو يمن تي غالب ٿيڻ ويو آهي؛ ماڻهن کي پاڻ سان ملائي رهيو آهي ۽ پاڻ کي امام ٿو چوي هن جو خيال فاسد آهي ته هو سڄي دنيا جو مالڪ بڻجي ويندو"**

توران شاه پهرئين مڪي ويو ۽ اتاهون ڪجهه ٻاڙ ماڻهن کي پاڻ سان ڪنهائين ۽ يمن تي حملو ڪري پهريان تريبده فتح ڪيائين ۽ وڏ هٿن تي مصري جهنڊو ڦڙڪايائين.

عبدالنبي مقابلو ڪيو پر توران‌شاه جي سامهون سندس امامت ۽ نبوت ٽڪي نه سگهي ۽ ڪيس شڪست ڏئي قيد ڪيو ويو.

يمن کي جيتوڻيڪ توران شاه فتح ڪيو پر ڪنهن به هنڌ پنهنجو يا پنهنجي ڀاءُ جي نالي جو خطبو نه پڙهايائين. هر جڳهه عباسي خليفي ۽ نورالدين جي نالي جو خطبو پڙهيو ويندو هو ۽ اهڙي طرح هيءَ نئين مملڪت به نورالدين جي حڪومت

** ابن خلدون جلد ۵ ص ۲۸۵

* اميرعلي " اي شارٽ هسٽري آف دي سيراسنس " ص ۳۴۹

** ابن ڪثير جلد ۱۲ ص ۳۷۳ ـ ۳۷۴

جو هڪ حصو بطجي وئي.*

مذڪوره روايت ۾ حقائق جي پيش نظر بعض مورخين جو اهو تاثر ڏيڻ ته سلطان صلاح‌الدين جي وفاداري پنهنجي محسن نورالدين محمود ڏانهن متزلزل ٿي وئي هئي سو صحيح نه آهي. سلطان صلاح‌الدين ته نورالدين جي وفات کان پوءِ به سندس وارثن سان وفادار رهيو.

امرعلي لکي ٿو ته جيئن ئي صلاح‌الدين کي پنهنجي آقا ۽ محسن جي وفات جي خبر پئي تيئن ئي هن ملڪ صالح ڏانهن روانيتي تعزيتي ۽ نذرانو ۽ عذر خواهيءَ جو پيغام موڪليو ۽ ڪيس پنهنجي وفاداريءَ ۽ خدمتن جو يقين ڏياريو.

هن پنهنجي آقا ۽ محسن نورالدين جي سڪ ۽ تالي کي خطبه ۾ برقرار رکيو.

ليڪن ملڪ صالح جي ڪمسنيءَ سندس نيءَ جي ڪن ماتحت حڪمرانن ۾ لوڀ وڌو ۽ هو بادشاه جي ڪمسنيءَ جو ناجائز فائدو وٺڻ لڳا. حالتن کان مجبور ٿي صلاح‌الدين هڪ تجويز خط الهن امرن ڏانهن لکيو ۽ لکمائن ته جيڪڏهن درباري سازشون بند نه ڪيون ويون ته هو پاڻ دمشق اچي پنهنجي بادشاه جي حفاظت ڪندو.

امرن مان هڪ امير گمشتگين جڏهن هيءَ پڙتو تڏهن هڪدم ملڪ صالح کي وڏي الهڻ روانو ڪيو ۽ دمشق کي فرنگي حملي لاءِ وانجهو ڇڏيائين.

صليبين کي ته اهڙا موقعا گهربا هئا تنهڪدم دمشق کي گهيرو ڪيو ۽ هڪ ڏنڊ جي وڏي رقم وٺي گهيرو هٽايائون. صلاح‌الدين جڏهن هيءَ روئداد ٻڌي تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ دمشق جي چند اهم شخصن جي گذارش تي ۷۰۰ سو گهوڙيسوارن سان طوفان وانگر شهر تي اچي ڪڙڪيو ۽ شهر تي قبضو ڪيائين. هن نورالدين جي محل ۾ قدم ئي نه رکيو ۽ پنهنجي پراڻي گهر ۾ جنهن ۾ سندس نيءَ

---

*"صلاح‌الدين" رشيد اختر ندوي ص ۸۹-۹۰

دمشق ۾ رهائش واري ڏؤر ۽ رهندو هو تنهن ۾ اچي رهيو. هتان هن نوجوان اتابڪ (ملڪ صالح) کي ادب ۾ خط لکيو جنهن ۾ پنهنجي فرمانبرداري جو يقين ڏياريائمس ۽ عرض کيائين ته هو شام پنهن جي آقا جي حفاظت واسطي آيو آهي.

هن خط جو جواب جيڪو دشمن امير تحرير ڪرايو هو تنهن ۾ (صلاح‌الدين کي) نمڪ حرامي ۽ نافرمانيءَ جون تهمتون هنيون ويون. خط پڙهندي ئي صلاح‌الدين الپو ڏانهن ايش قدمي ڪئي ته جيئن ملڪ صالح سان روبرو گفتگو ڪري. گمشتگين اڳ ئي نوجوان بادشاه جا ڪن ڀري چڪيا هئا تنهن کي صلاح‌الدين هڪ نظر ئي نه ڏيڻ ڏنو. جڏهن صلاح‌الدين شهر جي اتر ۾ پاسي اچي هٿتو تڏهن نورالدين جو هي يارهن سالا پٽ گهوڙي تي چڙهي چؤسول ۾ آيو ۽ عوام کي پنهنجي ٻيءَ جا احسان ياد ڏياريائين ۽ "جيڪو بي شڪر باهر ترسيل هو" تنهن جي خلاف مدد لاءِ پڪاريائين. الپو وارن صلاح‌الدين جي خلاف هٿيار کنيا. "خدا گواه آهي،" هن دانهن ڪري چيو، "سان جنگ ڪرڻ کان آيو هوس جيڪڏهين توهان جي اهائي مرضي آهي ته وڃ جنگ ڪي اسان جو فيصلو ڪندي."

الپو جون فوجون شڪست کائي ڀڳيون. گمشتگين جڏهين هٿ کي ٻي سهارا ڏني تڏهين صلاح‌الدين کي چند قاتلن کان مارائڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ جڏهين الهن جا وار نه خالي ويا تڏهين ملڪ شاه جي هن نالائق سپاهيءَ صليبين ۽ موصل جي اتابڪ سيف‌الدين غازيءَ کي مدد ڪرڻ لاءِ چيو.

صليبين امسا تي حملو ڪيو ۽ گهيرو ڪيو ۽ جيئن ئي صلاح‌الدين هٿتو تمام گهڻو ڇڏي ڇڏيو، ويا. صلاح‌الدين هڪ دفعو وري نورالدين جي ٻئي سان صلح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪيس ادب ۾ خط لکيو ۽ لکيائمس ته حما، امسا (حمص) ۽ بعلبڪ کي هو واپس ڪندو ۽ دمشق ۽ مصر ۾ هو

ملک شاه جي نائب جي حيثيت ۾ حڪمران رهندو. هي ۽ آچ لهايت مغرور ۽ الداز ۾ رد ڪڻي وڏي جنهن ڪري هڪ بي جنگ لڳي جنهن ۾ ملک صالح کي وري شڪست ملي ۽ هن دفعي الپو کي باقاعده سڪتي ۽ سان گهيري ۾ ورتو ويو. گمشتگين ۽ سيف الدين غازي هڪ دفعو وري صلح ڪرڻ لاء مجبور ٿيا ۽ هن دفعي نورالدين جي لڏيءَ ڀائٽيءَ کي صلاح الدين ڏانهن روانو ڪيو ويو ته جڏهن صلاح الدين مٿس ڪهل ڪري شاڻائتي الداز ۾ صلح ڪري.

صلاح الدين شهزاديءَ سان لهايت مهرباڻيءَ سان پيش آيو ۽ ڪيس بي شمار تحفا ڏنائين ۽ شهزاديءَ جي چوڻ تي الپو جي رياست ۾ جيڪي شهر قبضي ۾ ورتا هٿائين سي واپس موڪلي ڏنائين. هن صلح نامي مطابق دمشق جو شهر صلاح الدين جي حوالي ڪيو ويو. الهيءَ ڏينهن کان ٻوءِ شام، حجاز، مصر ۾ خطبه مان ملک صالح جو نالو ڪيڏيو ويو ۽ صرف عباسي خليفي جو نالو ورتو ويندو هو.

سنه ۵۷۹ هجري ۾ ملک صالح اوڻويهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ پنهنجي رياست پنهنجي سوٽ عزالدين کي ورثي ۾ ڇڏي ويو. عزالدين پنهنجي ٻيءَ سيف الدين غازي ثالي جي وفات کان ٻوءِ موصل جو حڪمران بڻيو هو. عزالدين پنهنجي ڀاءُ عمادالدين سان سفر جي علائقي عيوض الپو جي رياست سودو ڪئي. ڪجهه وقت کان ٻوءِ عمادالدين صلاح الدين کي پنهنجو سرپرست قبول ڪيو ۽ قسمتي جاگير جي عيوض الپو علائقو مصر جي عظيم حڪمران جي حوالي ڪيائين. موصل ۾ ساڳيو قدم ڪنيو ۽ انابک کي دجله ۽ فرات جي وچ ۾ جيڪو علائقو هو سو جاگير ڪري ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح سنه ۱۱۸۳ع جي آخر تائين سموري مغربي ايشيا صلاح الدين جي مملکت ۾ شامل ٿي وئي.*

---

* اي شارٽ هسٽري آف سراسنس ص ۵۵۱ - ۵۵۳

مونکي اميد آهي هن طويل بيان کان پوءِ پڙهندڙن کي
چڱيءَ طرح ذهن‌نشين ٿي ويو هوندو تہ سلطان صلاح‌الدين ڪيو
ٻي‌وفا هو ؟ يا محسن کش هو. هن مجاهد تہ ٻنهنجي محسن
جي خاندان سان هر طرح نباهيو. جيڪڏهن نورالدين محمود
جا ٻوبان لائق ۽ جرئتمند هجن ها تہ سلطان صلاح‌الدين ڪڏهن
بہ نمازمنديءَ ۾ ڪوتاهي نہ ڪري ها.

ليڪن قدرت کي سلطان صلاح‌الدين کان هڪ عظيم ڪم
ڪرائڻو هو تنهنڪري الله جي منشائي ايها هئي تہ مسلمانن جي
متحده قوت جي سربراهي صلاح‌الدين جهڙي عظيم، باصلاحيت،
جرئتمند ۽ مومن مجاهد جي حوالي ڪئي وڃي.

سلطان صلاح‌الدين کي دمشق پهچڻ پسند هئو. هن ئي شهر ۾ هن جو نئين سر ڪڏيو ۽ هن ئي شهر ۾ جوان ٿيو هو، سو حلب جي فتح کان پوءِ سلطان صلاح‌الدين دمشق کي پنهنجو تخت گاهه بڻايو ۽ مرڻ تائين دمشق کي نظر انداز نه ڪيائين ۽ نه وري قاهره موڪلي ويو.

لين پول لکي ٿو ته جنهن زماني ۾ سلطان حلب ۽ جزيره جي فتح ۾ مصروف هو ته يروشلم جا عيسائي ڏاڍا دلير بڻجي ويا هئا ۽ ڪيترا يورپ دمشق جي آس پاس قرلٽ ڪيائون، نصلن کي تباهه ڪيو هئائون ۽ ڳوٺن کي باهيون ڏيون هئائون.*

ابن اثير جو بيان آهي ته صليبين جي تباهي ۽ قرلٽ ڏينهون ڏينهن وڌندي ئي وئي ۽ هو مسلمانن کي ايترو ته سخت نقصان پهچائي رهيا هئا جنهن جو اندازو ڪري نه ٿو سگهجي. هو ڪوس ڪندا قريندا لئبندا ويار بڪر تائين پهچڻ لڳا. عراق ۾ اتي جي مسلمانن جو سمورو سون، چاندي ۽ ٻيون قيمتي شيون ڦريائون.

حران ۽ رقه ۾ مسلمان عورتن جي بي حرمتي ڪيائون ۽ مردن کي ظلم جو نشانو بڻايو ۽ جيستائين اتي ترسيار هياء تيستائين اتي هزارن مسلمانن کي قتل ڪندا رهيا. هنن مسلمان واپارين تي اهو ظلم ڪيو جو دمشق ڏانهن جيڪي به رستا ويا

---

* "صليبي جنگيون" لين پول ص ۱۵۲

ٿي تن کي بند ڪري باقي هڪ رستو کولي رکيائون جيڪو رهبر کان ڏينڊو صحرا مان لنگهيو ٿي. رستو خطرناڪ هوندو هو ۽ اڪثر واپاري سفر ۾ ڦرجي يا مارجي ويندا هئا.

صليبي ايترا تہ دلير بطجي ويا هئا جو ڪٿي بہ منزل ڪندا هئا تہ آس پاس جي ڳوٺن ۽ شهرن کان ناجائز رقمون وٺڻ شروع ڪندا هئا جنهن کي "محصول" چوندا هئا.

هنن جا حوصلا ايترا تہ وڌي ويا هئا جو دمشق ۾ پنهنجا گماشتہ موڪليائون تہ مسلمان پنهنجن علائقن ۾ عيسائين کي خود مختيار ڏين- ۽ ڏهڪيون بہ ڏيائون تہ جيڪڏهين عيسائين کي خود مختياري نہ ڏني وئي تہ ڪين مسلمانن جي حڪومت خلاف بغاوت تي آماده ڪيو ويندو.

صليبي جتان جتان بہ لنگهيا ٿي تہ اتي جي مسلمانن کي ماريائون ٿي، سندن مال لٽيائون ٿي ۽ گهرن کي باهيون ڏئي خاڪ بطايائون ٿي- يروشلم جي حڪمران بالدون جا شهسوار ۽ جوسملن* تہ مسلمانن لاءِ قهر خداوندي بطجي ويا هئا. هنن صليبين بصره تائين قبضو ڪري ۽ وڏندا وڏندا درياه تائين پهتا جيڪو دمشق کان صرف چند ميلن جي فاصلي تي هو. هتي هنن پنڌلن فصلن کي تباه ڪيو ۽ صوفن جي باغن کي ويڙي ڇڏيو.

انهن حالتن جي سبب سلطان صلاح‌الدين ڪيچ وقت کان وٽي عيسائين جي خلاف جهاد ڪرڻ جو سوچي رهيو هو.

مڃاڻو ٿو لکي، "هيءَ ڳالهہ ضرور ڪرڻ جوڳي آهي تہ مسلمانن جڏهين بہ عهدنامو ڪيو ٽڏهين ان جو مان رکيو ۽ عيسائين هميشہ الهيءَ کي مستقبل ۾ هڪ لمحن جنگ لاءِ اشارو سمجهيو."

---

* جوسملن جي بابت ۾ ابن اثير لکي ٿو تہ هيءَ هڪ شيطان صفت فرنگي هو ۽ بين سڀني فرنگين کان وڌيڪ مسلمانن کان نفرت ڪندڙ هيءَ شخص هو. جڏهين بہ فرنگي ڪنهن مهم تي روانا ٿيندا هئا تہ اڳواڻي هن جي حوالي ڪندا هئا چاڪاڻ تہ مسلمانن لاءِ هي شخص نهايت ڪنور هو.

رانا يا ريجمالد آف شيٽيلان* کافي وقت ڊوالديسن
محمود وٽ قيد هو ليکن ملک صالح هن کي آزاد ڪيو.
هن صورن جي هڪ ڀيڻ جي ڀيوه سان شادي ڪئي جنهن
ڪري ڪرڪ † ۽ مالٽريل جا علائقا ملڻس.*

ريجمالد (رانا) عهد شڪني جي معاملي ۾ نهايت بدنام
هو. هن سلطان صلاح‌الدين سان ڪيترا ڀيرا صلح ٻڌ ڪيو ۽
دوستيءَ جا واعدا ٻڌ ڪيا ليکن ڪڏهن به قول جو سچو
ثابت ڪن ڏيو. طبعاً موذي انسان هو ۽ مسلمان تاجرن ۽
حاجين جي قافلن کي ڦري ڏاڍو خوش ڏيندو هو. هن بدبخت
مڪي معظمه ۽ مدينه منوره تي قبضي ڪرڻ ۽ رسول الله
صلي الله عليه وسلم جن جي روضه اطهر جي بيحرمتي جو
منصوبو ٺاهيو.

هن ڪرڪ جي قلعي ۾ اهڙا بهري جهاز تيار ڪرايا جن
جا حصا ڌار ڌار ٿي سگهيا ٿي۽ وري جڙي سگهيا ٿي.

انهن جهازن جي حصن کي هن خليج عقبه جي ڪناري
تي جمع ڪيو ۽ اٽي ڪن جوڙي بهري جهاز جو هڪ ٻيڙو
تيار ڪرايائين جنهن ۾ سپاهه ويهاري بحر قلزم جي افريڪي
ڪناري تي عيذاب جي بندر کي لٽڻ هليو. هن ايله جي
بهري ناڪي بندي ڪئي ته جيئن مسلمان مداخلت نه ڪري
سگهن.

هن حاجين جي هڪ جهاز تي، جانو هليو ۽ ڦريو ۽ حاجين
کي قتل ڪرائي ڇڏيو. عيذاب ۾ به هڪ جهاز کي ڦريائين.
يمن کان حاجين جا به جهاز حاجي ڪٽي جدي ڏي ويا تن جي
ويان ماڻو ۽ جدي تائين ريو.

صلاح‌الدين کي جڏهن هي خبرون پهتيون تڏهن هن
پنهنجي مصري ٻيڙي کي ريجمالد کي ختم ڪرڻ جو حڪم
ڪيو.

---

* شيٽيلان کي عرب عرناط چوندا هئا.
† ڪرڪ جو علائقو بحر مردار جي ڏکڻ اولهه ڪنڊ سان هو.
* هسٽري آف دي سراسنس امير علي ص ۳۵۴

مصري بحري بيڑي جو امير البحر لولو نهايت تيز رفتاري سان وڌيو ۽ ايلہ جي ساموندي ناکي بندي کي ختم ڪري بندرگاهن جي مڇين سان الهورا ٻڌو

الهورا انهن ڏينهن ۾ بحر قلزم جو هڪ مشهور بندرگاهہ هو ۽ ريچمالڊ هن بندر کي پنهنجو اڈو بڻائي مدينہ منوره تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪري رهيو هو، ليڪن لولو جا مجاهد اوچتو مٿان اچي ويس تڏهن ريچمالڊ پنهنجا جهاز چڏي سپاهين سميت جبلن ڏانهن ڀڳو. امير البحر لولو ٻه چڙهه وارو ڏ هوس تنهن ٻه ٻدوين کان گهوڙا وٺي پنهنجن مجاهدن کان اڳهن ٿي سوار ڪري دشمن جو تعاقب شروع ڪيائين ۽ غار رڻ وٽ وڃي پهتس. سلطان صلاح الدين جي سپاهين ريچمالڊ جي سپاهين کي گولهي ڳولهي ماريو ۽ ڪيترن کي گرفتار ڪيو ۽ ريچمالڊ پڻ وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو

امير البحر لولو گرفتار ٿيل مسيحي ڏاڪڻ مان ڪن کي منڊل موڪليو ۽ ڪن کي اسڪندريہ روانو ڪيو تہ انهن کي اڳي قتل ڪيو وڃي تہ جيئن ماڻهو ڏسن تہ صلاح الدين جي هوندي ڪير ۽ مدينہ الغبي ٿي حملہ ڪندڙن جو ڪهڙو حشر ٿو ٿئي.*

ابن جبير اندلس جو مشهور سياح انهن ڏينهن ۾ اسڪندريہ ۾ موجود هو. جڏهن ريچمالڊ جا مسيحي بحري قزاق ٿيدي ٿي اسڪندريہ پهتا هئا ابن جبير پنهنجو اکين ڏٺو واقعو بيان ڪري. "مون اسڪندريہ ۾ جي سڀ کان پهرئين هڪ وڏو مجمعو ڏٺو جو روميء قيدين کي ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيو هو قيدي اڻ تي ايتا سوار هئا ۽ سندن ٻ-ويان نقاره وڄندا شهر ۾ داخل ٿيا. انهن جا حالات ڏڪي خوف ۽ هراس کان دل ٿي ڪنبي. هي قيدي شام جي ن.الين ٻ-ان هئا. هن بحر

---

* "صليبي جنگيون" ايئنولي ويسٽ ۱۷۳ - ۱۷۶

رئيس احمد جعفري

"صلاح الدين" رشيد اختر ندوي ص ۱۵۳ - ۱۵۵

قلزم جي ڪناري ٻڌين واسطي ٽڪٽا ٺهرايا ۽ الهيءَ سامان کي ٻوارن عربن جا ان پاڙي ڪري ڪناري تائين ڪڍائي ويا. ڪناري تي ٻيڙيون تيار ڪري سمنڊ ۾ وڌيون ۽ الهن ۾سوار ٿي حجاج کي قرط لاءِ بحر نعم تائين پهتاء ٻيءَ وري عيذاب ۾ آيا ۽ حجاج جي هڪ ٻيڙي جيڪا جدہ کان آئي ٿي تنهن کي قرپائون ۽ هڪ قافلو جيڪو خشڪي جي ذريعي قوص کان عيذاب ڏي ويو تنهن کي ٻه قرپائون. ڪنهن ٻه شخص کي جمڙو نه ڇڏپائون. سوداگرن جا ٻه جهاز جڪي يمن کان ڏي آيا تن کي ٻه قرپائون ۽ ڪناري تي مرتہ المڪہ و المدينہ جي جيتري قدر ٻه جنس وغيرہ جمع هئي تنهن کي ساڻي ڇڏپائون. مطلب تہ هنن ماڻهن اهڙي قسم جون بدڪارين اختيار ڪيون جيڪي نہ رومين کان ظهور ۾ آيون ۽ نہ اهل اسلام ۾ ٻڌيون ويون. سڀ کان بدتر خباثت هن جماعت جي هيءَ هئي جنهن کي بڌڻ کي برداشت ڪري نہ ٿا سگهن. هنن جو قصد هو تہ مدينہ منوره وچي حضرت سرور کائنات صلي الله عليه وسلم جن جي جسد مبارک کي ضريح مقدس مان کڏي اڇي. هي ذڪر سڀڙن زبان تي هو جو الله تعالي سڀڙن ڪڙ ڪڻي. مدينہ منوره پهچڻ ۾ کين هڪ ڏينهن جو بعد هو جو خداوند ڪريم سڀڙن شر کي دفع ڪيو. لولو صاحب جا ٻيڙا جن ۾ دلمران مغربي سوار هئا سي ڏيڍ مهيني کان هنن جي تلاش ۾ هئا، تن هنن جي ٻڌين کي گهيري ۾ ورتو. ڪن کي قتل ڪيائون ۽ ڪن کي گرفتار ڪيائون. قيدين جون ڪمٽيون ٽولون ڀڃائي وڏن وڏن شهرن ۾ قتل ڪرڻ واسطي موڪلياٽون. جيڪي مڪ هئا تن کي مڪي معظمہ ۽ مدينہ منوره قتل ڪيڻ لاءِ موڪليو ويو. الله جو شڪر آهي جنهن اسلام ۽ اهل اسلام کي هن فساد کان محفوظ رکيو *

---

* "سفرنامہ محمد ابن جبير الاندلسي" ص ٣٣ - ٣٤ مترجم احمد علي

مسلمي سردارن جي مسلسل عهد شڪني ۽ خون خرابي جي باعث سلطان صلاح‌الدين مجبورا ميدان جنگ ۾ لٿو. ريچمنالڊ کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ هن ٻاڻ ڪرڪ تي حملو ڪيو؛ قلعي کي گهيرو ڪيو. پنهنجي وڏي ٻٽ علي المالڪ الافضل کي ٻوري لشڪر سان گيليلي طرف پنهنجي قديءَ جو حڪم ڪيو ته جيئن فرنگين تي نظر رکجي.

جڏهين فرنگين کي ڪرڪ جي گهيري ۽ صلاح‌الدين جي وڏي ٻٽ علي المالڪ الافضل جي پنهنجي قديءَ جي خبر ٻڌي تڏهن هو نه متحد ٿي حملي کان لاهِ وڏيا†

لين پول لکي ٿو ته هن کان اڳ فلسطين ۾ صليبين جي ڪڏهين نه ايڏي وڏي فوج گڏ ڪئي هئي. جيتري هن دفعي صف آرا هئي. هڪ هزار ٽي سو مسلمي نائٽ (سردار) ۽ پندرنهن هزار خوب مسلح پيدل فوج هئي. هن ۾ يورپ جي نهايت وڏن خاندانن جا افراد به شريڪ هئا. ڪيترا نواب هئا جهڙوڪ هينري لوزين، ملينٽي جورالف. انهيءَ کان سواءِ يروشلم جا تقريبا سمي ليڊيا وڏا بادشاهه ريچمنالڊ، بالڊون، بالين والنين، جوسلن ۽ سندن امير به ساز و سامان سان گڏ ميدان ۾ اچي گڏ ٿيا هئا.*

سلطان صلاح‌الدين به پنهنجي ٻٽ جي مدد لاءِ ٽڪڙو ٽڪڙو اڳتي وڌيو.**

ابن ڪثير لکي ٿو ته فرنگي جڏهين وڙهڻ لاءِ گڏ ٿيا ته هو نه (صلاح‌الدين) انهن کي وڃي ٻڌو ۽ هن کين وڙهڻ تي مجبور ڪيو. منجهائن ڪيترا مارجي ويا ۽ بي شمار زخمي ٿيا، هنن جي دلين ۾ دهشت ويهي وئي ۽ هوڏان امير ڪري پڳا.

---

† امير علي "دي شارٽ هسٽري آف سيراسنس" ص ٣٥٤

* "صليبي جنگيون" لين پول ص ١٥٤

** امير علي "دي شارٽ هسٽري آف سيراسنس" ص ٣٥٤

صلاح الدين جي فوج سڀني تعاقب ڪيو ۽ مڃهاڻن ڪيترن کي قتل ڪيو ۽ ڪيترن کي گرفتار ڪيو.

سلطان صلاح الدين کي هن فوجي هلي مان جيڪو ڪو وڏو مقصد حاصل ٿي ڪونہ ٿيو ليڪن صليبين کي خبر پئجي وئي تہ صلاح الدين نهايت طاقتور آهي ۽ هن ۾ ايتري همٿ آهي جو ڪين سڀني ڏاڍاين جي سزا ڏئي سگهندو.

ڪرڪ جو گستاخ، ظالم، عهد شڪن ۽ عيار والي ريجينالڊ اچان زالده هو ۽ بدستور ڪرڪ جي قلعي تي قابض هو.

سلطان صلاح‌الدين جمڻن واپس دمشق پهتو تمڻن ڪرڪ تي وري حملي ڪرڻ جي تياري ڪيائين.

سلطان جو پائٽو تقي‌الدين عمر ونس پهچي چڪو هو ۽ سندس پاڻ العادل جيڪو مصر ۾ هو سو اچان نه پهتو هو.

سلطان کي ڪرڪ تي حملي ڪرڻ جي اڃڪري نه ڪاوڙ هئي جو العادل جي پهچڻ جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ ڪرڪ جي قلعي تي حملو ڪيائين، ڪرڪ جو قلعو الهيءَ دڙ جو مضبوط ترين قلعو هو. ايوبي مجيقون سانده قلعي تي پٿر وسائيندڙن رهيون ۽ قلعي جي ديوارن ۾ ڪٿي ڪٿي شگاف ڪوليو ۽ سلطان کي هڪ دفعو گهرو ڪڍڻو پيو *

دمشق موٽي سلطان صلاح‌الدين پهريان کان وڌيڪ تياري ڪئي، ابن الير لکي ڏو ته سلطان پنهنجي سيني حلبي، شامي مصري ۽ جزيري جي سڀ سالارن کي مڏي فوج موڪلڻ لاءِ لکيو

جڏهين هر طرف کان فوجي دستا پهچي ويا ته سلطان صلاح‌الدين وري ڪرڪ تي حملو ڪيو هن دفعي به ڪرڪ جي قلعي جي ديوارن ۾ شگاف پئجي نه سگهيا. قلعي جو گهرو

---

* ابن خلدون جلد ۵ ص ۳۰۳

جاري هو جو سلطان کي هير ڀيٽي تہ ڪرڪ واڻ جي مدد لاءِ يروشلم کان وڏو ڪڪ اڇي رهيو آهي. سلطان هڪدم گهمرو ڪٽي يروشلم جي ايندڙ فوج سان وڙهڻ لاءِ اڳتي وڌيو. هدونة الارض وڻ وهي ڪن ڇهلهائين. ابن ڪثير لکي ٿو تہ "سلطان ۽ هن فوج ۽ مقابلو ٿيو جنهن ۾ عيسائين کي سخت شڪست آڻي ۽ ميدان جنگ ڇڏي ڪ ڏانهن ڀڳا. سلطان جي فوج سندن تعاقب ڪيو ۽ ڪيترن سپاهين کي قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ليڪن هي ياڇوڪڙ ڇڏي وهي ڪرڪ جي قلعي ۾ بند ٿيا.*

سلطان صلاح‌الدين في الحال ڪرڪ تي وڙي گهيرو ڪرڻ موزون ڏ سمجهيو، تنهنڪري نابلس جو رخ ڪيائين ۽ شام جي ساحل سان جيڪي عيسائي رياستون هيون تن کي سبڪ ڏانائين.

ڪرڪ جي گهيري جي باري ۾ لين پول هڪ بيان لکيو آهي جيڪو توجہ جي لائق آهي چاڪاڻ تہ هن بيان ۾ سلطان صلاح‌الدين جي عظيم اخلاق تي روشني پوي ٿي.

لين پول لکي ٿو تہ گهيرو ڪافي حد تائين ڪامياب هو. مسلمانن هڪ رات جڏهين يروشلم جي بادشاه جي مائٽي پيٽ جي شادي همفري چوٽين سان ٿي رهي هئي ۽ سڄو شهر راڳ رنگ ۾ مصروف هو تڏهين شهر تي حملو ڪيو ۽ زبردستي محافظ فوج کي ماري شهر ۾ داخل ٿيا ۽ انهيءَ رات ڪرڪ جو شهر سلطان جي قبضي ۾ اچي ويو. باوجود انهيءَ جي جو ڪرڪ واڻ سان جنگ جاري هئي ۽ سلطان شاديءَ جي تمام طور گهوٽ ۽ ڪنوار کي سٺا ۽ عمدا طعام موڪليا ۽ فوج کي هڪم ڪيائين تہ انهيءَ برج تي ٿير ۽ تمر نہ وسايا وڃن جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار رات گذاري رهيا هئا†

باوجود مسيحي مذهبي ڪينو ۽ تعصب جي سلطان

---

* ابن ڪثير جلد ۱۲ ص ۳۱۵

† "صليبي جنگيون" لين پول ص ۱۵۶

جي شرافت جو ذڪر عيسائي مورخ به لڪندي عار محسوس نه ڪن.

بهرحال ڪشن به هو سلطان صلاح‌الدين کي ڪرڪ کان واپس موڪلڻو ٿيو.

رمضان جو مهينو سلطان دمشق ۾ گذاريو، انهيءَ وچ۾ سلطان کي اربل جي والي اطلاع ڪيو ته مٽس موصل جي حڪمران فوج ڪشي ڪئي آهي.

سلطان هڪدم اربل جي حڪمران جي مدد لاءِ دمشق کان روانو ٿيو ۽ موصل جو گهيرو ڪيائين ۽ گڏوگڏ نصيبين، خابور کي جزيره ۽ ديار بڪر ۾ موڪلي ڪيترن ئي شهرن تي قبضو ڪيائين.

ابن شداد لکي ٿو ته موصل کان ڪجهه فاصلي تي ڪفر زلار ۾ سلطان گرميءَ جي باعث بيمار ٿي ٿيو.* طبيبن جي صلاح سان آنهوا جي تبديليءَ لاءِ سلطان حران آيو ۽ بيماري ايان وڌي وئي ۽ سلطان جي بچڻ جي اميد نظر نه ٿي آئي. العادل هي حال ڏسي سلطان کي وارث مقرر ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي. سلطان صلاح‌الدين جيتوڻيڪ نهايت ضعيف ٿي ويو هو ۽ سندس حواس قائم هئا سو فرمايائين، "مون کي سواءِ انهيءَ جي بي خبر ڪانهي ته مان نصيبين، ويان ابابکر، عمر، عثمان ۽ علي ڇڏيون ٿو وڃان."*

هيءَ عجيب تمثيل هئي. العادل جي ڪنيت ابوبڪر هئي، صلاح‌الدين جي هڪ پائٽي جو نالو عمر ۽ هڪ ٻئي جو نالو عثمان ۽ ٻئي جو علي هو.||

ابن ڪثير جو ئي بيان آهي ته سلطان صلاح‌الدين الله جي حضور دعا گهري ته جيئن ڏهين ڪيس شفا ڏني وئي ته هو نصيبين سموري طاقت فرنگين جي مقابلي ۾ صرف ڪندو ۽

---

* "صلاح‌الدين" ابن شداد ص ۴۶

* "صلاح‌الدين" رشيد اختر ندوي ص ۱۶۱

|| ابن ڪثير جلد ۱۲ ص ۳۱۶

ڪنهن به مسلمان سان وڙهندو، بيت المقدس فتح ڪندو، نهنجو مال و متاع جهاد لاءِ مخصوص ڪندو، ۽ جيڪڏهن ڪير رسول الله صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ گستاخي ڪندڙ ريجينالڊ هٿ آيو ته الهيءَ کي نهنجن هٿن سان قتل ڪندو."

هيءَ ريجينالڊ جيڪو ڪرڪ جو والي هو تنهن مصري قافلي کي ڦريندي جڏهن مسلمانن کي قتل ڪيو تڏهن وڏي واڪي فخر سان ڪهن چئي رهيو هو، "اين محمد کم، ڏيوه لهر کم" توهان جو محمد صلي الله عليه وسلم ڪٿي آهي؟ ڪير سڏيو ٿ، توهان جو مدد لاءِ اچي.

الله تعالي، سلطان جي دعا اڳهائي ۽ ڪير شفا بخشي. سلطان دمشق موڪي آيو ۽ هڪ سال تائين ملڪ جي اندروني معاملات کي به درست ڪندو رهيو ۽ جهاد جون تيارين به جاري رکيائين ۽ ليٽ سنه ٥٨٣ هجري ۾ الله تعالي سان ڪيل عهد جي تڪميل لاءِ ميدان جنگ ۾ قدم رکيائين.

سنہ ۱۰۹۸ع جو منحوس سال هو جو صليبين الرها ۽ انطاڪيہ جي ڪيترن ئي وڏن شهرن تي قبضو ڪيو. هنن انطرطوس، عڪہ، طرابلس الشرق، صيدا ۽ يروشلم تي قبضو جمائي آهستي آهستي شام جي سمورن ڪناري وارن شهرن کي نهنجن حڪومتن ۾ ملائي ڇڏيو.

عيسائين جون هي نيون رياستون مسلمانن جي ڪمزوري ۽ سندن حڪمرانن جي باطن ۾ اڀٽڻ جي سبب فلسطين ۽ شام ۾ قائم ٿيون هيون. سنہ ۱۱۲۳ ع ۾ عيسائي حڪومتون نهنجي عروج کي نهچي چڪيون هيون ۽ شام جو سمورو ساموندي ڪناروسندن قبضي ۾ هو. حصن المرقاب، انطرطوس، حصن الاڪراد، طرابلس، بيروت، صيدا، صور، عڪہ، قيساريہ، ارسوف، يافہ ۽ عسقلان جا سڀ شهر هنن جي قبضي ۾ هئا. انهن ڪناري وارن وڏن شهرن کان علاوہ ديار بڪر جا ڪيترا قلعا مثلا سروج، تل باشر، صوصہ ۽ عين تاب تہ سندن تسلط ۾ هئا. انطاڪيہ ۽ ان جي آس پاس الاريب، المصرہ، افاميہ ۽ لاذقيہ تہ سندن هئا. وري صحراء شام ۾ عملين، بلانسي گارڊي، مرابل، غرہ، لواد ۽ رملہ تي تہ قابض هئا. بحر مردار جي پاسي ڪرڪ ۽ شوبڪ تہ مسلمانن کان کسجي چڪا هئا.

عمادالدين زنگي ۽ نورالدين محمود عيسائين تي ڪيترا ڀرپور حملا ڪيا ۽ خود سلطان صلاح الدين تہ سنہ ۵۸۳ هجري کان اڳ ساڻن ڪيترين جنگين وڙهيو ۽ باوجود الهيءَ جي

اها دعويٰ ڪري نه ٿي سگهجي ته عيسائين سان ڪا اوڙي
اهر لڙائي وڙهي وئي هجي جنهن ڪين ڪاهاري ڏڪ هنيو
هجي.

سلطان صلاح‌الدين جي دمشق اچڻ سان البت اترو فرق
ضرور ٿيو ته عيسائين جا جوڪي عزائم هئا سي وقتي طور
رلبجي ويا هئا، ليڪن هنن کي "مغلوبيت" قبول ڪئي هئي
؟ نه ورڻ سندن "مزاج" ۾ فرق آيو هو.

ابن شداد لکي ٿو ته سنه ٥٨٣ هجري جو محرم هو
جڏهن سلطان مصر، شام، حلب، ديار بڪر ۽ عراق جي والين
کي خط لکيا ۽ شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ وڙهو ڏيارهو ته دشمن سان
هڪ وڏي جنگ وڙهڻ لاءِ الله جا بندا دمشق پهچن.* اهڙي طرح
حلب، مصر، شام، ديار بڪر ۽ بلاد اڪراد کان جوڪي فوجي
دستا آيا تن کي ملائي سلطان صلاح‌الدين جي ڪل فوج ٻارنهن
هزار سوار ٿي.

اڌهيءَ زماني ۾ يروشلم جي تخت نشينيءَ تي عيسائي
نوابن ۾ اختلاف نه پئدا ٿيا، ته ريجنالڊ، جوسلن ۽ رائيڊ فورڊ
جهڙن ڪٽر مسلم دشمن نوابن جي مدد سان يروشلم جي نهرين
بادشاه امالرڪ جي ڏيءَ سيبلا تخت تي ويني. سيبلا يروشلم
جو تاج نهن جي مڙس گاه ڏي لزينان جي مٿي تي رکيو.

لين پول لکي ٿو ته جڏهن سلطان صلاح‌الدين جون فوجون
عيسائي رياستن ۾ داخل ٿيڻ لڳيون تڏهن صليبي بادشاهن،
نوابن ۽ امرن نهن جا سڀ ذاتي ويڇا وساري گاه ڏي لزينان
سان ملي هڪ ٿي ويا.

صلاح‌الدين جي حملي هنن سڀني کي هڪ محاذ تي جمع
ڪيو ۽ سڀني جون گڏيل فوجون صلاح‌الدين جي راه روڪڻ
لاءِ صفورئه جي ميدان ۾ اچي پهتيون.†

---

* "صلاح‌الدين" ابن شداد ص ٩٩

† "صليبي جنگيون" لين پول ص ١٧٨

ابن کثير مسلمي فوج جو تعداد پنجاه هزار ٻڌايو آهي.*

ابن اثير لکي ٿو ته صليبين جي وڏي ڪٽڪ جو اطلاع جڏهن سلطان جي فوج جي عهيدارن کي مليو ته منجهائن ڪيترن سلطان کي اهو مشورو ڏنو ته عيسائين جي ڪڏيل فوج جو مقابلو نه ڪيو وڃي ۽ پهريان واڳر مٿن اوچتا حملا ڪيا وڃن ليڪن سلطان پنهنجن امرن جي راءِ کي ڪاب اهميت ڪا نه ڏني.†

جيئن ته سلطان صلاح‌الدين جهاد ڪرڻ لڪتو هو تنهن ڪري هن پنهن جي مجاهدن کي وڙهڻ جا احڪام ڏنا.

ابن اثير لکي ٿو ته ربيع‌الآخر جي ۲۳ تاريخ هئي ۽ ڏينهن خميس جو هو جڏهن سلطان پنهن جي فوج کي اڳتي وڌايو ۽ طبريه کي ٻوڀان چڏي جبل الطبريه تي اهڙي طرح چڙهي ڏسڻ جي ويجهو پهتو جو دشمن کي خبر ئي ڪانه پئي.|| ڏينهن جو سلطان جبل‌الطبريه تي منزل ڪئي ۽ راڄ جو دشمن کي رندائڻ خاطر فوج جي هڪ حصي کي جبل‌الطبريه تي چڏي باقي فوج سان طبريه تي حملو ڪرائين ۽ راڄ ئي راڄ ۾ سلطاني فوج طبريه جي شهر تي قبضو ڪيو.

طبريه جي قبضي جي جڏهن صليبي فوج کي خبر پئي تڏهن هڪدم پاڻ ۾ مشورو ڪري اڳتي وڌيا. جيئن هي فوج اڳتي وڌي سلطان صلاح‌الدين نهايت تيز رفتاريءَ سان پنهنجي چالوٽي ۾ موٽي آيو. سلطان صلاح‌الدين جنهن جبل تي پنهنجي چالوٽي قائم ڪئي هئي سو نهايت زرخيز ۽ شاداب هو ۽ هڪ وڏو مني پاڻيءَ جو چشمو به هو. علاوه انهيءَ چشمي جي آس پاس ٻيا به ڪيترا چشما هئا. سلطان صلاح‌الدين آس

---

* ابن ڪثير جلد ۱۲ ص ۳۲۰

† ابن اثير جلد ۱۱ ص ۲۰۰

|| ابن اثير جلد ۱۱ ص ۲۰۱

پاس جي سڀني چشمن تي قبضو ڪري پنهنجي فوج وهاري ڇڏي.

جوشيلا مسلمان سورما ٻڌ جيئن اڳتي وڌي آيا تيئن عثمان جي مقام وٽ سلطاني طوفاني دستا سڌن چشمي طرفن کان ڦري ويا.

مورخ ارنول صليبي فوج جي صفورين کان روانگي جي ڪيفيت بهاءِ وضاحت سان لکي آهي. هو لکي ٿو ته صفورين کان طبريه ويندڙ رستو ويران پهاڙن جي وچان هو ۽ ڦري ڦري تائين ڪٿي ٻ پاڻيءَ جو نشان نه هو. گرميءَ جي موسم هئي. اس تڪي هئي ۽ ويچاري فوج اروشلم جي بادشاهه جي هوبان هلي رهي هئي. سپاهي مٿي کان ٻرن تائين لوهه سان ڍڪيل هئا پائمندڙ اس کين دوزخ جو مزو چکائي رهي هئي. لوهه جو لباس تپي ويچارن جي جان کي جلائي رهيو هو. ڪٿي ٻ پاڻي نظر نه ٿي آيو جو جسم جي تپش کي ڏور ڪن. رستو خشڪ ۽ ويران هو ۽ ڪٿي ٻ ڇانوار وڻ نظر نه ٿي آيو جنهن جي هيٺان وهي ويچارا سپاهي ڪجهه دير لاءِ آرام ڪري سگهن.

ارنول چوي ٿو ته مان ٻ هن لشڪر ۾ شريڪ هوس ۽ لوهي لباس ۾ ملبوس ڄائٽن (سردارن) جي تباهه حالي اکين سان ڏٺم. هڪ لوهي لباس کين تنگ ڪيو مٿان اهو ظلم جو سلطان جي طوفاني دستن اوچتا اچڻ ته زوردار حملا ڪيا جو ويچارا روڪ لڳا.

هي حال ڏسي کين آرام ڪرڻ جي اجازت ملي ته جاءِ جو صحيح انتخاب ڪرڻ کان سواءِ ويران ۽ خشڪ پهاڙ تي لهي ٻيا جتي ڦري تائين پاڻيءَ جو نشان نظر نه ٿي آيو.

لين پول جو بيان آهي ته رينالڊ (الصص) جڏهن طبريه جو حاڪم هو تڏهن کي هن علاقي جي واقفيت هئي تنهن گهٽين ئي رڙيون ڪيون ته هتي نه ترسو جو هتي پاڻي ڪونهي مگر هن جي ڪنهن نه ڏني ۽ اڳي ئي ترسي ٻيا. هيءَ رات صليبي فوج ڏاڍي ڏکي گذاري. سڄي رات سپاهي

پاڻيءَ لاءِ بيڪار ٻڌا رهيا

مسلمانن جو لشکر دشمن کي ستائڻ لاءِ چشمي طرفن کان گڏ هو، تنهن ڪري هو جو ڪل ڪاهه ۽ جهتين کي ڪٽي ٻاهر ڏيئي. الهيءَ ٻاهه ۽ دولهمن ته وٽر حصر برپا ڪري ڇڏيو.

رات جمڻ ٽيڻ ڪري گذاريائون ۽ جيئن صبح ٿيو ته سلطان صلاح‌الدين جي فوج گي پوري طرح منظم ۽ مرتب مقابلي لاءِ تيار ڏسي ششدر ٿيا.

ابن شداد جو بيان آهي ته هيءَ جمع جو مبارڪ ڏينهن هو جڏهن پٽي فوجون هڪ ٻئي سان وڙهيون. عيسائي فوج سفر جي ٿڪ ۽ راس واري روئداد جي ڪري ڪجهه زياده جوشيلي نه هئي. ۽ جيڪڏهن منجهس جوش پيدا ٻڌو ته مسلمان تمرانداز جيڪي نهايت سليقي سان صفون ٻڌي مناسب جاين تي بيٺا هئا تن اڇي انداز ۾ تير وسايا جو سڀني جوش کي ڏيرا ڪري ويا *

بهرحال مسلمان فوج سموري عيسائي فوج کي گهيري ۾ آڻي ماريندي ماريندي ڪيس حطين جي ڪناري ڏکي آڻي. صليبي فوج† حطين جي هڪ ڏاڙي تي چڙهي وئي ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ تنبو کوڙڻ گهريا ٿي ليڪن سواءِ بادشاه جي تنبوءَ جي ٻيا تنبو کوڙي نه سگهيا.||

اهو سڄو ڏينهن پٽي فوجون وڙهنديون رهيون ۽ رات جو ٻنهي راتاهي جي ڊپ کان ڪنهن ٻئي تي هٿيار نه چوڙيا. پٽي ڏينهن صبح جو وري رڻ متو. هن ڏينهن مسلمان

---

* ابن شداد "صلاح‌الدين" ص ٥٠ - ابن خلدون جلد ٥ ص ٣٠٦ - ٣٠٧

† ابن خلدون جلد ٥ ص ٣٠٧

|| حطين بحرطبريه جي ڀرسان سڀني کان بلند ڏاڙو آهي. درحقيقت هي هڪ ٻرندڙ جبل جو منهن آهي جتي هاڻي لوا ٿري چڪي هئي. روايت آهي ته حضرت مسيح جو هاڙي واعظ هتي ٿيو هو (تاريخ شام) - هتي ص ٤٨٥

کي فقط هڪ ئي ڳالهه ياد هئي ته سندن هويان اردن درياه هو ؛ ايمان سندن خونخوار دشمن هو ؛ الله جي مدد ئي کين دشمن کان مٿاهون رکي سگهندو ئي. انهيءَ ڏينهن سلطاني مجاهدن خوب بهادري جا جوهر ڏيکاريا ؛ دشمنجون صفون چٽ ڪري ڇڏيائون. لعين هول لکي ڏو ته انهيءَ ڏينهن عيسائي سوار موت ڏالهن اکين هڪلما ٻڌي ويا جيئن زيون ڪوس گهر ڏالهن هڪليون ويندبون آهن. هي حال ته سوارن جو هو ٻاڦل فوج جي ته حالت الهن کان به وڌيڪ خراب هئي. هو ڪٽن والڪر ٻاڦلون ٻاهر ڪڍي سلطان وٽ آيا ؛ هٿيار ڦٽا ڪري ٻاڻي گهريائون.*

حطين جي جنگ صليبي ڪڏهن به وساري نه سگهندا. اهو جڏهن ميدان جنگ طرف وڌيا هئا تڏهن بهڌ پر عزم هئا ؛ اهو صليب جنهن تي سندن خيال موجب مسيح ڪي مصلوب ڪيو هو تنهن کي برڪت لاءِ ميدان جنگ ۾ ڪڍي آيا هئا ۽ تنهن جي به حفاظت ڪري نه سگهيا.

هيءَ صليب الهيءَ ڏينهن عڪه جي اسقف يعني لات پادري کي هٿ ۾ هو جنهن ٻولادي لباس ٻهري صليب کي مٿي کان مٿي جهليو هو ۽ مارئو ويو. صليبين جي حالت ڏسي اکين ۾ معلوم ٿيو ته خدا سندن سرن تان ٻڌجو ٻاڇو ڪڍي ڇڏيو هو.†

حطين جي جنگ ۾ فرنگين جي فوج بلڪل تباه ٿي وئي. هن فوج ۾ دارالحڪومت جي فوج کان سواه ٻين لاطيني رياستن جون به فوجون هيون.‖

---

* "صليبي جنگيون" لين پول ص ۱۸۵

† صليبي جنگيون" ايفٽو ويسٽ ص ۱۷۹ - ۱۸۰

رئيس احمد جعفري

‖ تاريخ شام هٿي ص ۴۸۶

هن جنگ ۾ عيسائين جا جيڪي خاص ماڻهو گرفتار ٿيا
تن ۾ يروشلم جو بادشاه گاءِ ڊي لزينان ۽ سنڊس ڀاءُ جيوفري،
شيٽيلان جو رئاڊ (ريجينالڊ) صورون جي هنفري جو پٽ،
ڪائونٽ هگ آف جبيل، آرڊر آف طبريد جو ماسٽر
آف ٽوآرڊرس (طبقات داديء ۽ البيطار جا ٻئي مقدم) ۽ جيڪي
ماڻهو ڇڪ ۾ ڪامياب ٿيا سي هٿا. طرابلس جو ريمنڊ، طبريد
جو والي، صدون جو رئاڊ ۽ عبلين جو بالعان.*

سلطان صلاح‌الدين لڙائي ختم ٿيڻ کان پوءِ جنگ جي
ميدان ۾ ٽنبو هڻايو ۽ قيدين کي حاضر ڪرڻ جو حڪم ڏنو.
سلطان، گاءِ ڊي لوزينان کي ٻنهنجي ڀر ۾ ويهاريو ۽ جڏهن
ڏٺائين ته ايلچ آهي ته کيس برف جي ٻاڦ جو ڪنورو ڪڍائي
ڏنائين. گاءِ ڊي لوزينان ٻاڦ ٻاڦي ئي ڪنورو ريجينالڊ کي
ڏنو. سلطان الهيءَ کان رنج ٿيو ۽ ترجمان جي ذريعي چوائين
ته هن کي هي ٻاڦي تو ڏنو آهي مون نه ڏنو آهي. هيءَ شخص
منهنجي انتقام کان بچي نه ڏو سگهي. ائين چئي اٿيو ۽
ريجينالڊ جي اڳيان اچي ڪاوڙ ۾ کيس ڌسڻ لڳو. ريجينالڊ
جڏهن کان تنبوءَ ۾ آيو هو تڏهن‌کان ٻنو هو. سلطان کيس
چيو، "بڇ، مون توکي ٻه دفعا قتل ڪرڻ جو قسم کنيو آهي-
هڪ دفعو الهيءَ وقت قسم کنيو جڏهن تو مڪه معظمه ۽
۽ مدينه منوره تي حملو ڪرڻ گهريو ٿي ۽ ٻيو دفعو الهيءَ
وقت قسم کنيو جڏهن تون حاجين جي قافلي کي ڦريو. هاڻي
مان توکان الهيءَ ٻي ادبي ۽ گستاخيءَ جو انتقام وٺان ٿو." ۽
تراڙ مٽاڻ مان ڪيڙي هن کي قتل ڪري ڇڏيائين.†

علاوه الهيءَ جي داديء ۽ البيطار جي ٻن سون شهسوارن

---

* امير علي "اي شارٽ هسٽري آف سيراسنس" ص ٣٥٥

†"صليبي جنگين" ايڊٿولي ولسٽ ص ١٨١ - ١٨٣

رئيس احمد جعفري

ء ڏائڻن کي به قتل ڪرايو ويو ڇاڪاڻ ته هنن به ٻڌايو
اقتدار جي زماني ۾ مسلمانن تي ڏاڍا ظلم ڪيا هئا.*

* "صلاح الدين" رشيد اختر ندوي ص ١٨٠

صلاح‌الدين وڏو رحمدل ۽ انصاف پسند انسان هو، هن کاه کي جهڳڙان ڏيو * هن موقعي تي پاڻ هيٺئن به فرمايائين، "بادشاهن جي عادت ئي آهي تہ هو بادشاهن کي گرفتار کرڻ کان پوء کين قتل ڪن."†

حطين جي فتح کان پوء سلطان اڳتي وڌيو ۽ صيدا، بيروت، جبيل، عسقلان، الرملہ، الداروم، غزہ، مشهد ابراهيم، نبي سمعون، بيت‌لهم، بيت جبريل ۽ الظرون فتح ڪندو ۱۵ رجب ۵۸۳ هجري بيت‌المقدس پهتو.

بيت المقدس — بيٺمعون جي سر زمين، مسلمانن جو قبلہ اول — جتي ملت اسلاميہ جو ڪاهيندڙ بزرگ خليفو حضرت عمر رضي الله عنہ ڪهي آيو ۽ نماز پڙهي خطبہ ارشاد فرمايو. يقينن هي اهڙو شهر هو جنهن کي حاصل ڪرڻ هر مسلمان لاء ضروري هو ۽ جنهن لاء جهاد ڪرڻ هر مسلمان تي فرض هو.

سلطان صلاح‌الدين جڏهين بيت‌المقدس پهتو هو تڏهين شهر ۾ ست هزار عيسائي سپاهہ موجود هو ۽ هر قسم جي هٿيارن سان مسلح هئا ۽ رسد جي آخري قطري تائين شهر جو دفاع

---

* "صليبي جنگيون" ص ۸۰ اينٿوني ويسٽ

رئيس احمد جعفري

† "صلاح‌الدين" ص ۱۷۹ رشيد اختر ندوي

ڪرڻ لاءِ تيار هئا.

سلطان صلاح‌الدين باوجود انهن ڳالهين جي فيصلو ڪيو ته هو بيت‌المقدس فتح ڪندو ۽ ايستائين شهر جي ديوارن کان هوڏانهن نه موڪلندو جوستائين سڀني لاءِ شهر جا دروازا کولڻا نه وڃن

سلطان پهريائين پنهنجي فوج کي شهر جي اولهه طرف باب داؤد ۽ باب استيفن واري حصي جي اڳيان پهاڙيءَ ڀرڻ جلد ئي جاءِ کي موزون نه سمجهائين چاڪاڻ ته هن طرف قلعي جي پٽ جي حفاظت لاءِ بيشمار سپاهي موجود هئا. الهيءَ کان سواءِ جنهن جاءِ تي منجنيقون پهاڙين تي وڌون سا جاءِ برج ٽمڪرڙ ۽ برج داؤد جي مار ۾ هئي، پيو ته سڀ پاسن ٿي ويو. سلطان پنج ڏينهن سانده قلعي کي ڦرلنڊو رهيو ۽ صحيح جاءِ ڳولهيندو رهيو. آخر شهر جي اوير ۾ هڪ هنڌ لشکر کي پهاريو ويو. هتان وادي قدرون هيٺائين ۾ نظر ڦري آئي ۽ قلعي جي پٽ تي بمقابل پين پاسن جي ڪمزور هئي.

جڏهن ۲۰ رجب سلطان پنهنجي لشکر کي جاءِ بدلائڻ لاءِ هنايو ته شهر وارن سمجهيو ته سلطان گهيرو کڻي موٽي رهيو آهي. تنهنڪري خوش خوش ڪلمائن ۾ خدا جو شڪرادا ڪرڻ لاءِ ڏوڙها ۾ پئي ڏينهن سنڊس خوشي رنج ۾ بدلجي وئي. جڏهن هنن ڏٺو ته جبل زيتون تي اسلامي جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو ۽ سلطاني فوج منجنيقون کوڙي چڪي هئي ۽ دلهران اسلام راهه جي پٽ ۾ شهر جي دروازي جي ٻئريلي پٽ هيٺيان سرلنگهه کوٽڻ به شروع ڪري ڏني هئي.

ڏهن هزار سلطاني سوارن باب استيفن ۽ باب جوزفت کي پنهنجي مار ۾ ڪري عيسائي سورمن کي باهر نڪرڻ کان روڪي رکيو. سرلنگهه کوٽيندڙ جوانن ڏاڙن جي آڙ ۾ سرلنگهه کوٽڻ جو ڪم سانده جاري رکيو ۽ مسلمان تمر انداز قلعي جي پٽ تي ٻنئي صليبين تي تمرن جي برسات لائي ڏني ۽ منجنيقن پٿر وسائڻ شروع ڪيا. ٻن ڏينهن ۾ دروازي جي هيٺان

ٽيهه چاليهه قدر ڏڳهي سرلڳهه ڪوٽڇي وئي جنهن ۾ ڪاڏيون وڃهي باهه لڳائي وئي جنهن ڪري پٽ ۾ هڪ وڏو شگاف ٿيڇي ويو. مسلمان معاهدن هن شگاف مان شهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ دروازي تي اسلامي جهنڊو به چاڙهي ڇڏيو ليڪن عيسائين به سر ڏڙ جي بازي لڳائي هڪ دفعو شگاف مان داخل ٿيندڙ فوج کي ٻوڏتي ڏکي وڏو.

هيسائين جي لات پادري هر ڪيولس صلحي سردار کي الهيءَ ڳالهه تي آماده ڪيو ته سلطان کي صلح جي درخواست ڪئي وهي ۽ سردار پاڻمان کي سلطان ڏي صلح ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.

بظاهر يروشلم سلطان جي مٽ ۾ هو ۽ هن ڪشاده دل ۽ رحمدل انسان هيٺين شرطن تي صلح ڪرڻ قبول ڪيو.

(١) شهر جي رهواسين کي جنگي قيدي سمجهيو ويندو ۽ فديه وٺڻ کان پوءِ کين ڇڏيو ويندو.

(٢) هر مرد کي ڏه اشرفيون فديه ڏيڻو هوندو ۽ به عورتون يا ڏه ٻار هڪ مرد جي برابر سمجهيا ويندا.

(٣) هي رقم بادشاه هيمري جي الهي رقمرمان ورتي ويندي جيڪا الميطار جي نائٽن وٽ جمع آهي.

(٤) فديه جي رقم چاليهن ڏينهن ۾ ادا ڪرڻي هوندي ۽ الهيءَ وقت گذرڻ کان پوءِ باقي رهيل شهرين کي غلام بڻايو ويندو.

هن معاهدي تي رجب جي ٢٧ تاريخ جمع جي ڏينهن صحيحون ٿيون. هيءُ اها پلاري تاريخ آهي جنهن جي رات معراج جي رات هوندي آهي.

تحقيق الله جو واعدو سچو آهي:
ولا تهنوا ولا تحزنوا و انتم
الاعلون ان كنتم مو مئين *

---

* قران مجيد سورته آل عمران آيت ١٣٩

۽ اوهان همٿ ڏ هاريو ۽ غم ڏ ڪريو ۽ غالب اوهان
ئي رهندو جيڪڏهين اوهان پورا مومن رهيا.

وتلك الايام نداولها بين الناس ج وليعلم الله الذين ط
امنوا ويتخذ منكم شهداء والله لايحب الظالمين لا*

۽ اسان (حڪومت) جا ڏينهن ماڻهن کان ماڻهن ۾ تبديليندا رهون ٿا ته جيئن الله انهن کي ڪي جيڪي ايمان وارا آهن ۽ توهان مان گواهه بڻائي ٿو، ۽ الله ظالمن کي پسند نه ٿو فرمائي.

صليبين سنه ۱۰۹۹ع ۾ يروشلم مسلمانن کان فتح ڪيو هو. ايندڙي ويهن لکي ٿو ته صليبين جا ٽولا مسجد قبةالصخرا ۾ ويٺا جتي شهر جا سڀ مسلمان قيد هئا. جڏهن هنن شهر صليبين جي حوالي ڪيو هو ته هتيار به ڏنا هئا ۽ ڪن ٻوڙ الهيءَ هڏ بڏ ڪيو ويو هو. صليبين انهن سڀني کي قتل ڪري ڇڏيو. الهيءَ ڏينهن بيت‌المقدس ۾هنجي رهواسين جي رت ۾ رنگيل نظر ٿي آيو. يارنهن هزارن‌کان مٿي ماڻهو مسجدن ۽ گهٽين ۾ ڪنا ويا هئا.*

لين پول لکي ٿو ته جڏهن اسان سلطان جي هدايتن تي سوچون ٿا جڏهن سلطان بيت‌المقدس جي مغلوب ۽ مفتوح عيسائين تي ڪيون ته اسان کي هڪدم اهي وحشيانه حرڪتون ياد اچن ٿيون، جڏهن ٻهرين دؤر جي صليبين يروشلم جي فتح وقت اني جي مسلمانن سان ڪيون هيون. جڏهن الهيءَ

---

* قران مجيد - سورت آل عمران آيت ۱۴۰
* صليبي جنگين ص ۵۸

زماني جا سورما گاڊفري ۽ ٽنڪرڊ يروشلم جي انهن گهٽين مان لنگهيا ٿي جيڪي مسلمانن جي لاشن سان ڀريون ٻوڙون هيون. هي لاش انهن مسلمانن جا هئا جن کي عيسائي بهادرن بهنجن تيرن ۽ نيزن سان چمريو هو ۽ هيءَ اها جاءِ هئي جتي رحم ۽ محبت جي واعظ حضرت مسيح رحم ۽ محبت جو سبق ڏنو هو.[1]*

تحقيق الله تعالي ظالم کي پسند نه ڪو فرمائي ۽ حڪومت ظالم کندڙن کان کسي صالح السالن جي حوالي ڪري ٿو.

لهن ٻول جو ٻيان آهي ته جڏهن يروشلم مسلمانن جي حوالي ڪيو ٻئي ويو، تڏهن هن (سلطان) جي عملدارن کنهن به قسم جي زيادتيءَ جي اجازت سپاهين کي نه ڏني ۽ ڪوبه اڻڙو واقعو نه ٿيو جو کنهن به هڪ عيسائي شهري کي ستايو ويو هجي.

شهر کان ٻاهر ويندڙ رستن تي سلطاني فوج ٻهرو ڏئي رهي هئي ۽ جيڪي شهري فديه جي رقم ڏيڻ ۾ سي آسانيءَ سان ۽ مڪمل سهولت سان شهر کان ٻاهر نڪتا ٿي.*

معاهدي مطابق ٻاڻيان ٽيهن هزار اشرفين جي عيوض اڙهن هزار ماڻهن کي شهر مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏياري.

جڏهن يروشلم جو لات پادري ٻاهر نڪتو ته ساڻس ئي الداز مال ومتاع هو. سلطان هن شخص کان نه صرف ڏه اشرفيون فديه جي رقم وصول ڪرڻ جو حڪم فرمايو.

لهن ٻول جو ٻيان آهي ته هيءَ لات پادري اخلاق ۽ ايمان ٻنهي کان عاري هو، هن ڪيسائن جي دولت مڙئي، سون جا ٻاڪا، ٻاڪي رکڻ وارو سامان ۽ مسيح جي مزار تي جيڪي سون جون شيون هيون سي به ٻاڻ سان کنهائين.

هيءَ جمع ڪيل دولت ايتري ته هئي جو جڏهن هو چاهي ها ته ڪيترن عيسائين کي فديه جي رقم ڏئي، آزاد ڪرائي

---

* صليبي جنگيون ص ٣٠٤
* صليبي جنگيون ص ٣٠٢

سکھي ٿا.*

هن موقعي تي العماد الکاتب موجود هو جنهن لات پادري کي پنهنجو مال ٻاهر موڪلڻ ڏيڻ تي اعتراض ڪيائين. هيءَ صاحب لکي ٿو ته مون سلطان کي عرض ڪيو ته هيءَ ته وڏي دولت آهي ۽ پن لکن دينارن کان گهٽ نه آهي. اسان هن کي امان سندس پنهنجي مال ۽ دولت جي ڏني آهي. ڪليسائن جي مال کي ته امان ڪا نه ڏني آهي. اوهان اها دولت هن کي ڪيئن ڏيو. سلطان وراڻيو، جيڪڏهين اسان کا تاوان ڪڍي ۽ مال ڏانهن هٿ وڌايو ته اسان کي بي‌وفائي ۽ غداريءَ جو طعنو ڏيندو.

جيڪڏهن ته هي جاهل آهن ۽ انهن رمزن کي نه ٿا سمجهن، ڪنهنڪري اسان به امان جي ظاهري مطلب کي خيال ۾ رکون ٿا ته جيئن هي مسلمانن کي ڏوڪيبازي ۽ غداريءَ جو الزام ڏئي نه سگهن.||

معاهدي جي مدت جا ڏينهن ڇاڪاڻ ڏينهن گذري ويا ۽ شهر ۾ اڍائي هزارين ماڻهو رهجي ويا، جيڪي فديه جي رقم ڏئي نه ڏئي سگهيا. هي ماڻهو اريشان ۽ بي حال هئا. هيءَ حال ڏسي العادل پنهنجي پاءُ وٽ آيو ۽ ڪائنس هڪ هزار قيدي ڇڏائيين. سلطان هڪ هزار قيدي سندس حوالي ڪرڻ جو حڪم فرمايو. العادل انهن هڪ هزار قيدين کي پنهنجي طرفان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ کين شهر مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏني.

سلطان پوءِ خود به اعلان ڪرايو ته جيڪي شهري فديه جي رقم ڏئي نه ٿا سگهن تن کي به آزاد ڪيو وڃي ۽ هو جيڏانهن چاهين تيڏانهن وڃي سگهن ٿا. هن اعلان جي ڪري سڀئي اريشان ۽ بدحال ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ شهر

---

* صليبي جنگون - لين پول
رڇڙ جو سفر نامو
|| ڪتاب فتح القصيٰ في فتح القدسي ص ٦٠

مان نڪري ويا

لين نول مورخ ارنول جي روز نامچي مان هڪ ٽڪر لڳل ڪيو آهي جيڪو سلطان جي بزرگيءَ جي، هڪ وڏي اکين ڏٺي شاهدي آهي. هي ارنول بيت المقدس ۾ موجود هو جڏهين هيءَ صورت حال پيش آئي. هن جو چوڻ آهي ته شهر ۾ ڪجهه معزز خواتين به موجود هيون جن جا مڙس حطين جي لڙائي ۾ يا ته قيد ڪيا هيا يا قتل ڪيل هيا. هي خواتين جڏهين سلطان جي خدمت ۾ حاضر ٿيون ۽ روئي ڌهنجو حال سلطان کي ٻڌايائون ته سلطان کي سڀني حال تي رحم آيو ۽ سڀني سان همدردي ڪيائين. جن خواتين جا مڙس قيد ۾ هيا تن جي آزاديءَ جا حڪمنامه جاري ڪيا ويا ۽ جن جا مڙس مري چڪا هيا تن کي شاهي خزاني مان فراخدليءَ سان عطا ڏنا ويا ته جيئن هو عمر ۾ ڪنهن جون محتاج نه رهن.*

ابن ڪثير لکي ٿو ته بيت المقدس مان سلطان کي جيڪو به غنيمت جو مال مليو تنهن مان ٻاڪاءُ شيءَ نه ڪيائين. هر شيءَ فوج ۾ ورهائي ڇڏيائين. مرحوم وڏو حليم، ڪريم، بهادر، رحيم ۽ ليڪيءَ جي ڪمن ۾ اچرائي ڪندڙ هو.†

صليبين قبة الصخرا تي صليب کوڙي ڇڏيو هو ۽ مسجد اقصيٰ ۾ صليب رکيا هيا. سلطان جي حڪم سان قبةتان صليب کي لاٿو ويو ۽ مسجد اقصيٰ کي ٻاڪ ٻاڻي سان ڌوتو ويو ۽ ٻوءِ منجهس گلاب ۽ مشڪ ڇڪايو ويو.

ابن ڪثير جو بيان آهي ته جڏهين مسجد اقصيٰ صاف ٿي وئي تڏهين مسلمانن منجهس شعبان جي چوڏهين تاريخ جمع جي نماز ڪڍي پڙهي، جنهن وقت جمع جي نماز شروع ٿي ته مسلمانن جي خوشيءَ جو عجب عالم هو. الهيءَ ڏينهن جمع جو خطبو بادشاه جي حڪم سان قاضي محي الدين پڙهيو. هن خطبي جي وقت بادشاه جي طرفان عطا ڪيل ڪاري

---

* بحوالہ "صلاح الدين" رشيد اختر ندوي ص ١٩٧

† ابن ڪثير جلد ١٢ ص ٣٢٤

رنگ جي خلعت زيب تن ڪئي هئي.*

حضرت عيسيٰ فرمايو، "صفات خداوندي پرسپ ڪان وڏي صفت رحم آهي - رحم عدل جو تاج ۽ سندس جلال آهي. جڏي عدل نهنجي اختيار ۾ استحقاق سان ماري سگهي ٿو تڏي رحم بچائي سگهي ٿو." جيڪڏهن سلطان صلاح الدين جي ڪارنامن مان فقط هيءَ ئي هڪ ڪارنامو دلها جي اڳيان رکجو وڃي ته هن يروشلم فتح ڪرڻ کان پوءِ مفتوح عيسائين سان ڪيترو نه رحمدلانه سلوڪ ڪيو ته هيءَ هن دعويٰ جو مضبوط ثبوت بڌجي سگهي ٿو ته هو نهن جي زماني جو سپ ڪان وڏو فراخدل، عالي حوصلا ۽ رحمدل انسان هو.

---

* ابن ڪثير جلد ١٢ ص ٣٢٢

(١٦)

بيت المقدس تي پهر مسلمانن جي قبضي جي خبر يورپ
۾ ماتم برپا ڪري ڇڏيو. روم جي پوپ وري صليبي جنگ جو
نعرو هنيو ۽ فتويٰ ڪيائين ته جيڪو هن مقدس جنگ ۾ شريڪ
ٿيندو تنهنجا گناهه ڏوهي ويندا.

يروشلم جي سرزمين يورپ جي عيسائين لاءِ نه فقط مقدس
هئي ۽ منجهس هنن لاءِ هزارين دلڪشيون نه هيون. هيءَ ئي
اها سرزمين هئي جيڪا يورپ جي لوڀي سوداگرن ۽ لالچي
پادرين جون جهوليون زر ۽ جواهر سان ڀريندي هئي. هن ئي
سرزمين تي يورپ جي پادرين مذهب جي نالي ۾ ڪيترائي
فريب جو مقدس جار ٻڌڻ، يورپ ۽ يروشلم جي زيارتن جي
ڪهڙن ڪي لٽيندا هئا. انهن مذهب جي ٺيڪيدارن مسيح لاءِ
جي نالي جهولين ۾ ڀيڙ پادرين کان جڏهن سنڊن هيش ۽
عشرت جو ذريعو کسجي ويو، تڏهن هنن ان کي پهر حاصل
ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ هي پادري ۽ راهب
کارا ويس ڪري يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويا.

هنن، مسلمانن جي خلاف اينرو ته جذبو ۽ جوش پيدا
ڪيو جو انگلنڊ جي بادشاهه رچرڊ پهرين صليب کڻي صليبي
جنگ وڙهڻ جو عهد ڪيو.

انگلنڊ ۽ فرانس جي وچ ۾ جيڪي جهيڙا هئا تن کي
وساري، ڪاهو ڪلهي ۾ ملائي، پڻهي بادشاهن صليبي جنگ
وڙهڻ جو قسم کنيو.

يورپ ۾ صليبي جنگ وڙهڻ لاءِ خرچ جي ورائي لاءِ "صلاح الدين ٽيڪس" جي نالي سان محصول ورتو ويو.

انگلنڊ ۾ ڪينٽربري جي لات پادري صليبي جنگ جي تبليغ ڪري، انگريزن کي جنگ لاءِ پڙڪايو ته فرانس ۾ ليونز جي شاعر هربرٽ پرجوش نظمون لکي اهل فرانس ۾ صليبي جنگ جو جوش پيدا ڪيو.

سلطان صلاح الدين جي جذبي جو ۽ جان ڪهي يروشلم جي سڀني مفتوح شهرن جي ماڻهن کي هڪ هفتو ڪڏ ٿيڻ جو موقعو ڏنو هو. هي سڀ ماڻهو صور ۾ اچي ڪڏ ٿيا هئا. صور فلسطين جو هڪ وڏو مضبوط قلعو هو جو سمنڊ جي ڪناري اڇي طرح ٺهيل هو جو چوطرف پيت ٿي لڳو. هڪ طرف سمنڊ هوس ۽ ٻئي طرفن کان اولهون ڪاهيون هئس، جيڪي ناقابل عبور هيون. هي ڪاهيون ايتريون ته ويڪريون هيون جو سمنڊ جو هڪ حصو ٿي نظر آيون. انهن حالتن جي ڪري صور ايتري قدر ته محفوظ هو جو هڪ معمولي فوج کنهن به وڏي دشمن جو مقابلو ڪري ٿي سگهي.

ابن خلدون جي روايت آهي ته يورپ جو ڪو به اڇو شهر ۽ ڪوٽ نه هو جنهن جو ماڻهو بيت المقدس کي صلاح الدين کان واپس کسڻ لاءِ صور نه ڀڄتو هجي. فرانس، انگلنڊ ۽ سسلي ۽ جا بحري ٻڙا به صور ۾ اچي ڀڄتا.

صليبي فوجن صور مان هڪ طرف هيش قدم ڪيو. هڪ بحرشام جو هڪ مشهور شهر هو. هن کي ٻن طرفن سمنڊ هو ۽ ٻن طرفن کان خشڪي. شام جي ڪناري جو هي مشهور شهر وڏو ميل ڏڪهي ۽ سرسبز ميدان جو مالڪ هو. انهي وسيع ۽ شاداب ميدان ۾ تاريخ شام جي سڀ کان جنگ وڙهي وئي.

جنگ هطين ۾ يروشلم جو بادشاه گي دي لوزينان به گرفتار ٿيو هو ۽ سلطان صلاح الدين هن سان نهايت فياضانه سلوڪ

ڪيو هو ؟ هن شخص سلطان جي روبرو عزت جو قسم کڻي وعدو ڪيو هو ته هو سندس (سلطان جي) خلاف ڪڏهن به هٿيار نه کڻندو ۽ ڪڏهن به ڪنهن بيش قدر ڪنڊ سميت فوج جو سپه سالار بڻجي، وئي شخص وڏيو ؟ هن فوج ڪي جو گهرو ڪيو.*

سلطان صلاح‌الدين کي ڪنهن جي گهري جي خبر پئي ته لهايت تيزيءَ سان شهر جي ٻاهر لاهه وڏيو ؛ دشمن جي روبرو اچي بيٺو

بهاءالدين ابن شداد جو بيان آهي ته سلطان ڪنهن ٻڌندي ئي دشمن جي گهري کي پڄي ڪنهن ۾ داخل ٿيو. قلعي جو معائنو ڪيو. ان جا برج ڏٺا ؛ اتي فوج کي ٻهاريو. ٻهريان اندر فوج بلڪل ٿوري هئي. سلطان ڪجهه وڌيڪ فوج کي قلعي ۾ ترسايو. ان جو ذميدار ڪيو ؛ پنهنجي مرضيءَ مطابق انتظام ڪرڻ کان پوءِ، شهر مان نڪري، وڃي ٻاهرئين لشکر جي گهري کي پڄي، پنهنجي چاونڊي ۾ بيٺو.†

ڪنهن جو گهرو ٻه سال جاري رهيو- يعني ٢٧ آگسٽ ١١٨٩ع کان ١٢ جولاءِ ١١٩١ع تائين. انهن ٻن سالن ۾ ڪيترائين لڙائيون ٿي لڳيون. جيڪي پنهنجي زمالي جون وڏيون جنگيون شمار ڪيون وڃن ٿيون.

يورپ جي مسلمان گورنر سميت ملڪن کي فرنگين جو لباس ڏيکاري، رسد جي جهاز ۾ سوار ڪيو ؛ اهڙي طرح گهري ۾ وڙهڻ لاءِ غذائي شيون پهچايون.||

پنهنجي طرفن جي جنگجو بهادرن مردانگيءَ جا ڪارنامه انجام ڏنا.

دمشق جي ڪ سواري آتش گهر ماڻهو ناهي، گهري

---

* فلپ - ڪي ٽ هٽي - تاريخ شام ص ٤٧٨

† سيرت صلاح‌الدين ص ٧٣

|| ابو شامه جلد ٢ ص ١٦١

ڪندڙ جا ٽي برج ساڙي ڇڏيا ۽ الله وٽ جيڪو اجر ملندس تنهن کان سواءِ سلطان کان به انعام حاصل ڪيائين.*

ڪوٽرن ۽ تارن جي ذريعي سلطان گهيري ۾ ورتل شهر وارن تائين پيغام پهچائيندو رهيو. هڪ دفعي هڪ تارون ماڻجي ٻيو ۽ لاش وهي ڪناري سان لڳو ته جنهن وارن اهي خط کنيا جن کي پهچائڻ لاءِ هن کي موڪليو ويو هو ان شداد لکي ڏو ته اسان کي ڪنهن اهڙي واقعي جي خبر نه آهي ته ڪنهن شخص زندگيءَ ۾ ڪا امانت ورتي هجي ۽ موت کان پوءِ اها انهن ماڻهن جي حوالي ڪئي هجائين جن کي پهچڻي هئي.†"

سلطان صلاح‌الدين جي فوج جا ڪيترا فوجي دستا پنهنجن حصن ۾ دشمن سان وڙهي رهيا هئا. انهن مان ڪجهه الطاڪه ۾ هئا ڪجهه حصص ۾ ۽ ڪجهه هور جي سامهون هئا ته دشمن کي هڪ ڏانهن وڌڻ نه ڏين. باوجود الهيءَ جي سامونڊي رستي کان انگريزن، فريڊچن، جرمنن ۽ اطالوين جا ڪٽڪ هڪ جي فرنگي فوج سان اچي ٽي ڪڏيا.

هڪ جي اعتراف آهي ته فريڊرڪ جي ٻن ڀالهين جي برتري هئي- پهرين ته هن کي مضبوط پهري پڙو هو ۽ ٻيو ته وٽن گهوري ڪرڻ لاءِ بهترين سامان هو ||-

هڪ جي قلعي جي پاڻهران وهه ميل ڊگهي ميدان ۾ ايڪويهين شعبان اربع جي ڏينهن جهڪا جنگ لڳي سا نهايت شديد جنگ هئي- هن جنگ ۾ صليبين اينري وڏي فوج سان حملو ڪيو جو اسلامي فوج جي سڄي پاسي واري حصي کي مصلحتن هوڏتي هٽايو، جنهن ڪري سلطان صلاح‌الدين وچين حصي مان ڪجهه دستا ڪيي، سڄي پاسي واري فوج جي مدد لاءِ موڪليا. صليبين وچين حصي جي ڪمزوريءَ کي

---

* ابن خلدون جلد ٥ ص ٣٢١

† سيرت صلاح‌الدين ص ١٢٠

|| تاريخ شام ص ٤٨٧

ڪري ورتو چاڪاڻ ته هن حصي ۾ گهٽو ڪري ٻيو تربيت
يافته رضاڪار هٿ، جهگي تربيت يافته صليبين جي حملي جو
جو تاب جهلي نه سگهيا ۽ ميدان ڇڏي پڳا دشمن کين ماريندو
الهيءَ جاءِ تي اچي ٻهتو، جتي سلطان پنهنجن چند جان نثار
محافظ دستن سان ٻيٺو هو. دشمن سمجهيو ته سلطان جي
محافظ فوج به پاڇو ڪڙن جهڙي هوندي ئي هي مجاهد ته تربيت
يافته ۽ آزمودگار جنگجو هئا، تن دشمن جي بي ترتيب سپاهين
کي گهيري ۾ وٺي، ڪوس شروع ڪري ڏنو. خود سلطان به
وچين حصي مان وڏي، ڪپي ياسي ٻهتو. فوج جو هيءُ حصو
نهايت جرئت ۽ بهادري جو ثبوت ڏئي رهيو هو. سلطان هڪ
هڪ صف ۾ گهميو ٿي ۽ هر مجاهد جي وڙهڻ جي انداز کي
ڏٺو ٿي ۽ اسلام ۽ خدا جي عظمت جا نعرا هڻي، کين آخري
وقت تائين ثابت قدم رهڻ جي ترغيب ڏئي رهيو هو. فوج
جي ڪپي حصي کي بهادري ۽ ثابت قدمي سان وڙهندي ڏسي،
فوج جي سڄي حصي به يلغار وار شروع ڪيو ۽ اڳتي وڌيو.
اسلامي فوج جرئت جو اهڙو مظاهرو ڪيو جو عيسائي فوج کي
ميدان جو ميدان ياد اچي ويو.

ابن شداد جنگ جي منظر کي بيان ڪندي چوي ٿو
ته جوان هر طرف کان موٽي ايا. الله تعالىٰ ايمان جي مدد ڪئي
۽ شيطان کي کوڙو ڪيو.*

هن جنگ ۾ امير مجلي، امير ظهير، حاجب خليل
الهڪاري ۽ ابوعلي ابن رواحه جهڙا بزرگ ۽ وڏا مسلمان شهيد
ٿيا

عسيلي الهڪاري هڪ وڏو فقيه هو ۽ ڏوڪڏ هڪ بهادر
سپاهي نه هو. امير ظهير شهيد هن جو پاءُ هو. ٽپهريءَ جي
نماز کان ٻوءِ جڏهن کن ماڻهن فقيه سان سندس پاءُ جي
شهادت تي عذر خواهي ٿي ڪئي ته ڪلي ٿي چيائين،
"هيءُ غم جو ڏينهن ۽ آهي. اڄ عذر خواهي نه ڪيو، اڄ ته

---

* سيرت صلاح الدين ص ٧٨

مولکي مبارڪ ڏيو."*

يڪهڙن هي مبارڪباد جو ڏينهن هو. اڄ الڪ اسلامي دنيا جي هڪ محافظ، دين جي حامي ۽ وڏي مجاهد کي شڪست کان اوءِ هڪ وڏي فتح عطا ڪئي هئي، هيءَ فتح عرف سلطان جي ذاتي عزم، صبر ۽ استقلال ۽ فوج جي بهادر مسلمانن جي سبب اسلام کي نصيب ٿي. هيءَ ڪهڙن هڪ گروهه، ڪهڙن هڪ جماعت جي فتح نه هئي، هيءَ سڄي عالم اسلام جي فتح هئي. هيءَ اوري ملت اسلاميه جي فتح هئي ۽ سڄي ملت اسلاميه جي فتح وقت جيڪڏهن فقيه عمسيل الهڪاريءَ کي پاڻ جي شهادت وسري وئي نه ايئن ٿيڻ ئي گهربو هو. فقيه الهڪاري اسلام جي وڏن مجاهدن مان هو. پاڻ الهيءَ ڏينهن ماڻهن کي پنهنجي پاڻ جي شهادت تي تعزيت نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي، انهيءَ جذبي صحيح جو عملي ثبوت پيش ڪيو هو، جنهنجو مثال بدر جي موقعي تي هڪ انصاري صحابي حضرت فاطمه پيش ڪيو هو.

اهڙا مثال قومن کي جوان رکن ٿا. فقيه الهڪاري ۽ جوان قوم جو فرد هو هيءَ انهيءَ قوم جي جواني ئي ته هئي جو دشمن ايڏي مرعوب ٿي، پنهنجي چاڙهي ۽ وڃي لڪو هو.†

بهرحال هيءَ شڪست، جيڪا صليبين کي نصيب ٿي سا وڏين شڪستن مان هڪ هئي ۽ هن جنگ ۾ صليبين پنهنجا ڏهه هزار جوان مارايا.

جتي ايترو قتل ٿيو هجي اتي سلطان پنهنجي فوج کي وڏيڪ ترسائڻ مناسب نه ٿي سمجهيو، تنهن ڪري پنهنجن امرن سان مشوره ڪرڻ کان اوءِ، پنهنجي فوج کي چاڙهي خروبه ۾ منتقل ڪرڻ جو حڪم ڪيائين.

ابن خلدون جو چوڻ آهي ته فصل بدوءِ جي ڪري

---

* ابن شداد "سيرت صلاح الدين" ص ٧٨

† رشيد اختر ندوي "صلاح الدين" ص ٢٥٥ - ٢٥٦

سلطان کي قولنج جو درد ٿيو (ياسري کان هڻان ٿيت جو سور) ۽ حڪيمن کيس صلاح ڏني ته صاف ۽ کلير هوا ۾ منزل ڪري. هن حڪيمن جي صلاح ڪئي چوٽين رمضان تي ٻڌڻي چاڙهي، جنگ جي ميدان کان ڪري ڪئي. روانگي کان اڳ، عڪ جي ماڻهن کي يقين ڏيارڻين ته هو کانئن ناري ڪ. نه هوندو ۽ هر وقت سندن امداد ڪندو رهندو *

سلطان احمد خزوه ۾ هو جو کيس خبر ملي ته جرمنيءَ جو بادشاهه هڪ وڏي فوج، جنهنجو تعداد ٻه لک يا ٻه لک ست هزار هو، وٽي قسطنطنيه ڏانهن روانو ڪيو آهي ۽ هن جو ارادو آهي ته هو فوج سان فلسطين جي سرحدن تي حملو ڪري. هن خبر سلطان کي بيحد پريشان ڪيو ۽ هڪدم لشڪر جي امرن جي ڪانفرنس سڏ ڪرائين.

هن ڪانفرنس ۾ اهو فيصلو ٿيو ته جرمنيءَ جي بادشاه کي اسلامي سرحدن وٽ ئي روڪجي. الهيءَ مقصد لاءِ اسلامي لشڪر کي اسلامي سرحدن طرف روانو ڪيو ويو. سڀ کان اول ناصرالدين ٻنهنجي فوج سان روانو ٿيو. ان جي ٻنهان عزالدين ابن المقدم ويو ٻيو مجرالدين صاحب، بعلبڪ، ٻيو صاحب، شيرز ٻيو صاحب، باروقه ٻيو حماه جي فوج کوڄ ڪيو.

الهيءَ جي ٻنهان ملڪ الافضل روانو ٿيو. الهن، کان ٻيو بدرالدين شحنه دمشق ويو ۽ آخر ۾ الملڪ الظاهر حلب ڏانهن روانو ٿيو. اهڙي طرح اسلامي افواج مختلف سرحدن جي حفاظت لاءِ روانيون ٿي وئي.

ان شداد انهن لشڪرن جو تعداد ڪونه لکيو آهي ليڪن جن سڀ سالارن جا نالا ڳڻايا اٽائين سي سڀ اسلامي فوج جا ممتاز سڀ سالار هئا ۽ انهن جي عدم موجودگي سان يقين عڪ جي اسلامي چاڙهي ڪنهن حد تائين خالي ٿي وئي هوندي.

---

* ابن خلدون جلد ٥ ص ٣٢٠

جرمنيءَ جي وڏي فوج کيتون ئي مصمتن ۾ مبتلا ٿي وئي هئي. اڳاڻن زستن ۽ کاڏي جي کوٽ هن عظيم الشان فوج جي چلهه ۾ ڇڪي وڌي ۽ رهيل کسر مسلمانن جي فوجي دستن پوري ڪئي ۽ فقط هڪ هزار سپاهي بيت المقدس جي سرزمين تي قدم رکي سگهيا.

هڪ جي ميدان ۾ جيتوڻيڪ سلطاني فوج جو تعداد گهٽجي ويو هو، ۽ تنهن هوندي به سندس پاسو سرس هو ليڪن يورپ جي عيسائين کي هڪ جي ميدان ۾ وڙهندڙ مسلمين جي بدحاليءَ جي خبر پهچي چڪي هئي، تنهنڪري هنن هڪ وڏو لهري ٻيڙو گهٽي ساز و سامان، مال و متاع ۽ هٿيارن ۽ ٽيهه چاليهه هزار رضاڪارن سان هڪ روانو ڪيو.

هيءُ ٻيڙو جڏهن هڪ پهچي ويو جڏهن سلطان کي پريشاني ٿي ۽ پنهنجن ساٿين سان صلاح ڪيائين ته هو فيصلو ڪري ته فوج پنهنجو حلقو وسيع ڪري. ۲۶ جمادي الآخر تي سلطاني فوج ڪيترا ميل هڪ ڪان هوڪتي هٽي وئي. جنهن ڪري اسلامي فوج ۽ هڪ جي ماڻهن جي وچ ۾ آمدورفت جو سلسلو ڪٽجي ويو.

هن نئين حڪمت عملي ڪري ته يورپ کان ايندڙ قافلن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. آگسٽ ۾ ڪاڪولٽ هيٺري آيو ته آڪسوبر ۾ جرمانه، جو شهزادو هيتو. اڳي طرح هڪ جي سرزمين عيسائين سان ڀرجي وئي.*

ايتري قدر فوج اچمط ڪيائين ته وه گهيري ۾ ورتل هڪ جي حالت خراب ٿيندي وئي، باوجود اڳي سخت مشڪلات ۽ مصيبت جي هڪ جي فوج جي سپهسالار صلاح الدين ۽ گورنر بهاءالدين قراقوش ڪيترا عمدا ۽ جرئت جو مظاهرو ڪيو.

بهار جي موسم ۾ فرانس جو بادشاه فلپ به پنهنجن جهازن سميت هڪ اچي هيتو.

---

* "صليبي جنگون" ص ۲۳۶ - ۲۳۷

مسعي ۾هڻڻ گهرو ڏيڻهون تنگ ڪندا ڪي ويا ۽ ۾هڻڻن منجهن سان قلعي وارن تي پٿر ۽ باهه وسائي رهيا هئا.

سلطان به ۾هڻڻي فوج سان دشمن جي چوڌاري ۾هڻڻو گهرو تنگ ڪيو. ليڪن عيسائين وٽ اٽڪل ٽي فوج هئي جو هڪ فوج قلعي تي حملو ڪندي هئي ته بي فوج ۾هڻڻن کاهين وٽ سلطان جو مقابلو ڪندي هئي.

انهيءَ وچ ۾ انگلنڊ جو بادشاه رچرڊ ٻارهين ۾هڻڻي فوج ۽ ٻيڙي سميت اچي ۾هتو. رچرڊ جي ٻوڏ سان لڙائي شدت اختيار ڪئي. عڪ جي قلعي تي مسلسل ٻن سالن کان پٿر وسندا رهيا هئا ۽ ليٽ پٽڻ ۽ ڊار ٻوڙ لڳا. شهر وارن ٻهڙ بهادري سان رات ڏينهن مقابلو جاري رکيو ۽ سندن تعداد تمام ٿورو هو ۽ گهري ڪنڊ جو تعداد ڏڻ لکڻ جي لڳ ڀڳ هو.

سلطان کي شهر وارن جي ٻريشانين جي خبر ٻڌي ته ٻاڻ سوار ٿي، فوج کي اڳتي وڌايو ۽ دشمن جي ڇانوڻي تي نهايت قاتلاڻ حملو ڪرائين. ان شداد جو چوڻ آهي ته سلطان جي اهڙي ڪيفيت هئي جهڙي ان ماڻهو جي هوندي آهي جنهنجو ٻار کسجي ويندو آهي. هن بار بار عڪ جي شهر کي ڏسڻ ۽ هٿ جي اکين مان ٻاڻي وهيو ٿي ۽ هن جي حملي ۾ شدت وڌي ٿي. انهيءَ ڏينهن سلطان کجهه به نه کاڌو ۽ رات تائين ميدان جنگ ۾ رهيو.

۸ جمادي‌الآخر جو سج اڀريو ته سلطان جنگ جي ميدان ۾ ۾هتو. ٻنهي طرفن جون فوجون کلهه وانگر وڙي ٻاڻ ۾ ٽڪريون. انهيءَ ڏينهن شهر وارن جو پيغام آيو ته مقابلي لاءِ ڪا شيءِ باقي نه رهي آهي ۽ جان جي امان جو جهڪڏهن واعدو ڪيو ته ايش ۾هئي. سلطان لاءِ هيءَ خبر بهڌ مايوس ڪن هئي. هن ڏيوالي وار دشمن تي حملو ڪيو، ليڪن دشمن جي فوج، اسلامي فوج ۽ ۾هڻڻي فوج (جيڪا عڪ جي مدافعت

کي آهري شڪست ڏني (هي هڻي) جي وچ ۾ هڪ ديوار واڱر مستحڪم رهي

١٧ جمادي الآخر تائين عڪ جي بهادرن مقابلو ڪيو ۽ هر ڀيٽ حالات کان مجبور ٿي عيسائين سان معاهدو ڪائون جنهنجا شرط هي طئي ٿيا

(١) شهر وارا پنهنجا سڀ هٿيار مال و متاع ۽ ٻيو ذخيرو فاتح جي حوالي ڪندا.

(٢) ٻه لک دينار نقد ادا ڪندا.

(٣) ١٥ سو عيسائي قيدين کي آزاد ڪندا.

(٤) الهيءَ جي عيوض گهرڻي ۾ آيل مسلمانن جون زندگيون محفوظ رهنديون ۽ هو پنهنجن ٻارن ۽ عورتن سان گڏ شهر ڇڏي ويندا.

ٻن ڏينهن جو وقفو هو جڏهن عڪ جي ديوارن تي صليبي جهنڊا ٽڪرڪ لڳا. هڪ جهنڊو جامع مسجد جي مينار تي ٻڌو ويو.

فرانس جو بادشاه فلپ اگسٽس ٻيمار ٿي پيو هو، تنهن ڪري هن فرانس موٽڻ جو ارادو ڪيو. رچرڊ يروشلم فتح ڪرڻ جو سوچي رهي هيو، تنهن فلپ کي چيو ته جيڪڏهن هاڻ وڃڻ ٿو ته ڏيوڪ آف برگنڊي کي ڏهه هزار فرينچن سان هٽ ڇڏي وڃ ته هو مڊل جي ڪمان هيٺ مسلمانن سان وڙهن. علاوه انهيءَ جي ان ڳالهه تي به جهڙو ڏيڻ لڳو ته يروشلم جو بادشاه ڪنهن کي بڻائجي. رچرڊ جي مرضي هئي ته گاهه ڏي لوزينان گي ٻيهر بادشاه بڻايو وڃي ۽ فلپ، ڪونراڊ آف مانٽونٽ فيرات جو حامي هو ۽ هن پنهنجي ڳالهه ميڙائي. هن رچرڊ کي مجبور ڪيو ته جيڪڏهن ڪونراڊ کي يروشلم جو بادشاه بڻائڻ جي تجويز نه ڏيڻي ويندي ته هو ڏيوڪ آف برگنڊي ۽ فرينچ فوج کي هاڻ سان وٺي ويندو. رچرڊ هن جي ڳالهه ته مڃي ۽ سمجهي ويو ته ڪيس بلڪ ميل ڪيو ويو آهي. جڏهن فلپ جو جهاز فرانس روانو ڪيو ته صليبين جي شمڊل

رڇڻ انهن جي ڪاوڙ مسلمان قيدين تي لاٿي، هن ٻه هزار ست سو قيدين کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

لمن ٻول هن قتل عام ڪي تبصرو ڪندي لکي ڏو ته انهن ماڻهن (صاحبين) ٻوڙهن، عورتن ۽ ٻارن تي ٻه رحم نه ڪاڏو انهن کي ٻ بيرحميءَ سان ڪٽو ويو. هن ڪوس کي ڏهي، اهي مهربانيون ۽ فياضيون ياد اچن ٿيون، جيڪي سلطان صلاحالدين ڪيون. جن ٻه صاحبي جنگين جا حالات غور سان پڙهيا هوندا، تن کي اهو بڌائڻ ضروري ته نه آهي ته انهن لڙائين ۾ تهذيب ۽ شائستگي، درياه دلي ۽ مذهبي رواداري، جوانمردي ۽ شجاعت جا جيڪي بيمثال هٿ، سي سڀ مسلمانن جي طرف کان ظاهر ٿيا.*

---

* صاحبي جنگيون ص ٢٦٧

هيسائين لاءِ هڪ جي فتح هڪ وڏي فتح هئي ۽ سلطان صلاح‌الدين پنهنجي هر ڪوشش جي باوجود عڪ کي دشمن جي قبضي کان بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهيو.

هن جا سڀ بهترين ساٿي ۽ زير بحث رهيا آهن ۽ وڙهندڙ کي ذهن ۾ ٿي چڪو هوندو ته دشمن جي لک.. فوج ۽ لاتعداد جنگي ساز و سامان جي مقابلي ۾ چند هزار جوان همٿ مجاهد هٿا جن نهايت دليري سان مقابلو ڪيو.

رجب ۵۸۷ هجري جي ۲۹ تاريخ رچرڊ پنهنجي فوج سان عڪ جي چاڻوٽي ڇڏي اڳتي وڌيو. هن جو عزم بيت‌المقدس ڏانهن هو.

سلطان صلاح‌الدين هن جي ٻٽ نه ڇڏي ۽ سلطاني فوج مسيحي فوج کي ريشان ڪندي رهي. مسلمان تيراندار ۽ ٻاهر اچلائيندڙ مجاهد دشمن تي تير ۽ ٻاهر وسائيندا رهيا. ۹ شعبان تي ته سلطان صلاح‌الدين ٻاڻ تير اندازن ۽ نيزه بازن سان مسيحي فوج تي سخت حملو ڪيو ۽ مسيحي فوج ٻيهي ٽي وڙهي. وڙهندي رهي ۽ اڳتي وڌندي رهي. ليڪ نهرالقصب تي وهي ترسي ۽ ٽيبو کوڙيائين. سلطان به ساڳي نهر جي مٿين پاسي پنهنجي منزل ڪئي.

۱۴ شعبان تي سلطان دشمن جي قريب پنهنجي هڪ بهادر سپه سالار علم‌الدين کي مختصر فوج سان ڇڏي وڏي ارسوف جي ميدان درالرهب وٽ چاڻوٽي هنئين.

رچرڊ صلح جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ صلح لاءِ شرط رکيو تہ مسلمان يروشلم حڪر ڏانهن موٽي وڃن ۽ عسقلان علائقا خالي ڪن. جيڪڏهن تہ صلح جو هي شرط منظور نہ ڪيو تہ جنگ جي گفتگو ناڪام ٿي.

١٤ شعبان ٥٨٣ھ (١٩ اڪتوبر ١١٨٧ع) رچرڊ پنهنجي فوج کي هر سلطان صلاح‌الدين ارسوف جي ميدان ۾ پهچڻ جو حڪم ڏنو. مسلمان فوج شديد حملو ڪيو. سلطان هڪ شهسوار وانگر ڪڏهن هڪ صف ڏانهن وڌيو ٿي ڪڏهن ٻي صف ڏانهن. جهاد جي جوش ۾ هن کي پنهنجي حفاظت جو بہ خيال نہ رهيو هو.

ارسوف جي ميدان نهايت شديد جنگ جو نظارو ڏنو جنهن ۾ پهچي ڏرين نهايت بهادري جا ڪارنامہ ڏيکاريا. کو وقت تہ اهڙو بہ آيو جو مسلمان فوج منتشر ٿي وئي ليڪن سلطان صلاح‌الدين جي ثابت قدميءَ انهي منتشر فوج کي وري گڏ ڪيو ۽ هڪ دفعو وري مسلمان فوج دشمن تي جاهہ ڪئي تہ دشمن جي فوجن جي بہ ساڄي کيفيت بڻجي وئي ۽ هر پاسي‌الداز فوج وري پنهنجون صفون درست ڪيون.

هن جنگ ۾ ڪيترائي مجاهد شهيد ٿيا ۽ ڪيترن ئي سالارن کي زخم پهتا. الملک الافضل کي بہ سخت زخم لڳو.*

هن خطرناڪ لڙائي جي باوجود سلطان صلاح‌الدين ١٥ ۽ ١٦ شعبان ڌاري ڏينهن ميدان جنگ ۾ پهچي لشڪر جون صفون بهارڻ لڳو. مسلمان پنهنجي چالوڻيءَ کان باهر نہ لڪتا.

رچرڊ بچاءَ وڙهڻ جي پنهنجي فوج کي يافا طرف وڌڻ جو حڪم ڏنو. صلاح‌الدين مٿس هويان وڌي حملو ڪيو ۽ ١٤ شعبان واري لڙائي جو رهيل حساب چڪايو. رچرڊ حسب عادت بينو کولہ ۽ وڌي يافا شهر ۾ داخل ٿي ويو. جڏهن رچرڊ يافا پهتو هو تہ يافا بلڪل خالي هو.

العماد الڪاتب لکي ٿو تہ جڏهن عسقلائي فوج يافا ۾ پناه گزين ٿي تہ هو مسلمانن کان بہ وڌ مرعوب هئي.†

---

* ابن شداد "سيرت صلاح‌الدين" ص ١٤٤

† "فتح القدسي" ص ٣٨٨

لين ٻول لکي ٿو تہ ”هو دشمن جي حملي کي سهندا خاموشيءَ سان اڳتي وڌندا رهيا تان جو يافا ۾ پهچي ويا ــ ٻوءِ ڇا هو، سندن حفاظت لاءِ شهر جون ديوارون موجود هيون * يافا ۾ رچرڊ ٻاڏاه ڇا ورتي سندن سپاهه جي نيت ئي بدلجي وئي. صليبي جوان جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ کان گهٻرائڻ لڳا. رهيل کسر انهن عورتن پوري ڪئي جيڪي يورپ کان ڪڏهن ڪڏهن هيون هيون ۽ عڪا کان وري جهاز ۾ چڙهي يافا آيون ۽ ٻڌايو صليبي مجاهدن جون دليون ولوائڻ لڳيون.

رچرڊ خود به ڏک محسوس ڪري رهيو هو ۽ جيڪي لڙائيون وڙهيو هو تن کان به مطمئن نہ هو تنهنڪري هڪ دفعو وري صلح جو خواهشمند هو.

سلطان صلاح‌الدين وري رملہ پهتو جتي سلطنت جي امرن جي ڪانفرنس ڪوٺايائين جنهن ۾ جنگي حالتن تي غور ڪيو ويو. هن ڪانفرنس ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو تہ عسقلان جي شهر کي ڊاهيو وڃي ڇاڪاڻ تہ هيءَ شهر هڪ وڏي لشڪر هو جنان مصر ۽ بيت‌المقدس ڏانهن رستا ڦٽي ويا.

ابن شداد عسقلان جي ڊاهڻ جي ڪيفيت نهايت تفصيل سان لکي آهي. هڪ هنڌ هو لکي ٿو تہ سلطان مون کي چيو ”جيڪڏهن منهنجي اولاد مون کان کسجي وڃي تہ مون کي اينرو ڏک نہ ڏيندو جيترو عسقلان جي هڪ پٿر کي ڊاهڻ سان ڏئي ٿو ڇو‌ڪ مسلمانن جي حفاظت جي تقاضا اهائي آهي تہ مان الهيءَ کي ڊاهيان.“†

سلطان وٽ جيتوڻيڪ هڪ آزمودگار فوج هئي جنهن جا سالار جان نثار ۽ پر عزم هئا ۽ سپاهي جوان همٿ ۽ دلير هئا ليڪن دشمن نہ صرف ڪوڙ هو. تعداد ۾ گهڻو هو ۽ جنگي ساز و سامان به گهڻو هوس تنهنڪري عسقلان کي جيڪڏهن رهائش جي قابل ڇڏيو وڃي ها تہ هيءَ جنگي سياسي غلطي ڏئي ها ڇاڪاڻ تہ دشمن هڪ ترسي تاڙ دم ڏسي سان

---

* صليبي جنگيون

† ”سرگذشت صلاح‌الدين“ ص ١٤٦

بيت المقدس تي حملو ڪري سگهي ها. علاوه الهيءَ جي سلطان صلاح الدين ڪي پنهنجين هٿن سان تباهه ڪري رچرڊ ڪي پنهنجن خطرناڪ عزائم ۽ ارادن کان آگاهه ڪري چڏيو.

هڪ طرف صلاح الدين ڏهي ۽ جلي رهيو هو ته بئي طرف دشمن يافا جون ديوارون مضبوط ڪري رهيو هو ۽ ليون عمارتون تعمير ڪري رهيو هو ۽ گڏوگڏ رچرڊ صلح جي ڪوشش به ڪري رهيو هو. هي ڪوششون مهينا جاري رهيون ۽ رچرڊ ته پنهنجي پٽ جين جي شادي الملڪ العادل سان ڪرڻ تي به تيار هو. هيءَ خبر جڏهن عيسائي امون ۾ پادرين کي پئي ڏڏهين هٿن سخت احتجاج ڪيو. صليبي جنگين جي دوران جيڪي ٻار ۽ معصوم جا قصا مشهور ٿيا تن ۾ شهزادي جين ۽ الملڪ العادل جي محبت جو به قصو آهي. انگريز مورخن هن محبت جي قصي کي کوڙي ثابت ڪرڻ جي پئي حد ڪوشش ڪئي آهي ليڪن اها حقيقت پنهنجي جاه تي درست آهي ته رچرڊ پنهنجي پٽ جي شادي الملڪ العادل سان ڪرڻ گهري ٿي.

لين پول لکي ٿو ته رچرڊ آخر وقت تائين پنهنجي پٽ کي الملڪ العادل سان شرطن جي خيال تي قائم رهيو *

گالهيون هلي رهيون هيون جو خبرون ٻڌيون ته عيسائي سوار چاووڪي خالي ڪري رهيا آهن. سلطان به پنهنجي چاووڪي هڻي الجزرآن آيو.

رچرڊ به يافا کان ڪجهه ٻڌو. هتان هڪ قاصد ڏهن تجويز سان الملڪ العادل جي خدمت ۾ موڪليائين. رچرڊ العادل کان ٻيروت گهريو هو. الملڪ العادل هي تجويز به مڃي ۽ اصلي صليب به واپس ورائڻ جو اقرار ڪيو ۽ اها گالهه به قبول ڪرائين ته القمامه ۾ عيسائين لاءِ هڪ گرجا (چرچ) به مخصوص ڪندو ۽ ڪين زيارت جي به اجازت هوندي بشرطيڪ هو هٿيار سان نه اينداf هن کان پوءِ ڪوبه سفير ڪونه آيو ۽ العادل کي خبر پهتي ته

---

* صليبي جنگيون ص ٣٨٩

† رشيد اختر ندوي "صلاح الدين" ص ٣٤٦

رچرڊ عڪه کان پاڻ پڇي ويو آهي تنهنڪري هن رچرڊ جي اها درخواست رد ڪري ڇڏي ته هو ٻئي هڪ دفعو وري ٻاڻ ۾ ملن.

سلطان صلاح الدين بيت المقدس ۾ ترسيل هو جو رچرڊ جي ٻڌش قدمي جو اطلاع مليو. هي ۾ ۵۸۸ هجري جو جمادي الاول جو مهينو هو.

عيسائين بيت المقدس ڏانهن وڏندي پهريائين الدارون تي قبضو ڪيو ۽ اتي جي مسلمانن جو عام ڪوس ڪيو.

سلطان جي فوج بدرالدين دلدرم جي قيادت ۾ اڳتي وڌي دشمن سان مقابلو ڪيو جنهن ۾ دشمن کي شڪست کائڻي ٻئي ۽ سندس ڪيترا سپاهي مارجي ويا ۽ ڪيترا گرفتار ٿي دلدرم سان گڏ بيت المقدس پهتا.

عيسائي فوج ٻ. وڙهندي وڙهندي ٿڪجي ٻئي هئي ۽ سندن ڏوابن، ٻيوڪن، بانڪن ۽ بادشاهن ۾ ٻ. قوت ٻڌجي چڪي هئي تنهنڪري رچرڊ بيت المقدس تي في الحال حملو ڪرڻ جو خيال ملتوي ڪيو ۽ هڪ خط سلطان کي لکيائين:

"مان اوهان جي دوستي ۽ صداقت جو طلبگار آهيان. مان نه ٿو چاهيان ته فرعون واڪر زمين تي قبضو ڪندو وڃان ۽ اوهان جي باري ۾ ٻ. منهنجو ساڳيو خيال آهي. اوهان کي نه ٿو سونهين ته اوهان وڙهندي وڙهندي سڀني مسلمانن کي مارائي ڇڏيو ۽ منهنجي لاءِ ٻ. مناسب نه آهي ته سڀني فرنگين کي مارائي ڇڏيان."*

سلطان هن خط کان بي حد متاثر ٿيو ۽ جواب ۾ لکيائين:

جڏهن توهان انجرو ويجهو اچڻ چاهيو ڏيا ته (اسان وت ٻ. احسان جو بدلو احسان کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو سگهي. مون اوهان کي سڀ کان وڏي ڪليسا يعني قمامه ڏني ڇڏي. پهن شهرن کي اسان ٻاڻ ۾ ورهائيندا سين، جيڪي شهر اوهان جي قبضي ۾ آهن سي اوهان جا سمجهيا ويندا ۽ جيڪي اسان جي قبضي آهن سي اسان جا رهندا. ٻڌي جي سرحدن جو وچون

---

* ابن شداد "سيرت صلاح الدين" ص ۱۷۶

حصو ياط ۽ ورهايو وينڊو. عسقلان ۽ ان کان ٻڌيان ويران شهر نہ اوهان جا هوندا ۽ نہ اسان جا. عسقلان جي آبادي مون کي سخت ناپسند آهي."

٢٩ جمادي الآخر تي رچرڊ جي قاصد سلطان کي سندس خط جو جواب ڏيڻ آيو ۽ ڪجهہ زباني گذارش ٻہ ڪئي. رچرڊ خط ۾ خواهش ڪئي هئي تہ بيت المقدس ۽ سندس ويجهن ماڳهن کي رهڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ جيڪي ٻيا ٻہ مسائلي آيل رهڻ گهرن تن کي منع نہ ڪئي وڃي. باقي شهرن مان ڪنارو وارا شهر ۽ آبادیون اسان جون هوندیون ۽ اوهان لاءِ ڇڏڻ شهر.

سلطان هيءُ خط لهڻ جي اميدن کي ڏسي ٻڌايو ۽ سندن راءِ سان جواب لکيو ۽ هيٺ ڳالهين تي زور ڏنو ويو:

١- بيت المقدس سان تہ وهان جو ڪوبہ تعلق نہ رهندو البت زيارت لاءِ اچڻ جي اجازت هوندي.

٢- عسقلان ۽ سندس ٻڌيان جيڪو علائقو آهي سو بدستور ويران رهندو.

٣- الدارون کي بہ ويران ڪيو وينڊو.

٤- اوهان جي لاءِ ياڊا کان صور تائين جيڪو علائقو آهي سو رهندو.

هيءُ جواب ٣ رجب تي رچرڊ جي سفير جي حوالي ڪيو ويو.

هن خط جو جيڪو جواب آيو تنهن کي ڏسي سلطان ٻنهنجي تراڙ جي منڻي تي هٿ رکيو ۽ الله جو ڏاڍو وڏي دشمن سان هڪ ڏنعو وري تراڙ جي طاقت سان ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو.

سلطان جي جاسوسن خبرون پهچايون ته رچرڊ بادشاهه صلح جون گالهيون ڪري ۽ الدان عڪه کان سمنڊ جي رستي بيروت تي قبضي ڪرڻ جي نيت ڪري ٿو رکي.

سلطان هڪدم پنهنجي امير الملڪ الافضل کي حڪم موڪليو ته دشمن لاءِ بيروت جا سڀ رستا بند ڪري ڇڏي ۽ قدم قدم تي دشمن جو مقابلو ڪري.

هي حڪم روانو ڪرڻ کان پوءِ سلطان پاڻ به بيت المقدس مان پنهنجي خاص فوج سان نڪتو ۽ بهريان الصهيب ترسيو پوءِ بيت نوبه آيو ۽ بيت المقدس ۾ باقي فوج کي به پڇڻ جو حڪم ڪيائين. بيت نوبه کان وڏي رڪاوٽ هئي. ۱۵ رجب ۵۸۸ هه تي يافا جو گهيرو ڪيائين. يافا وارن بهادري سان شهر جو دفاع ڪيو ليڪن سمنڊ سپهه سالار همٿ هاري ويٺا ۽ انهن بيت المقدس وارن شرطن تي امان گهري جيڪا کين ڏني وئي. سلطان سمنڊ حفاظت خاطر کين شهر خالي ڪري قاعي ۾ وڃڻ جو چيو.

رچرڊ کي يافا جي گهيري جي خبر ٿي ته هڪ ڪان پهچاڻ. وڏن بحري جهازن سان يافا جي دفاع لاءِ اچي پهتو. يافا جي قلعي ۾ به جيڪي عيسائي هئا تن جڏهين ڏٺو ته مدد اچي پهتي آهي ته انهن به پنهنجا هٿيار سنڀالڻا.

ابن اثير لکي ٿو ته سلطان فوج کي حملي جو حڪم ڪيو ته امير مان هڪ شخص جيڪو منطوب بن علي جو پاڻ هو نفهن وڏي سلطان کي چيو، "حضور پنهنجن غلامن کي چئو ته حملو ڪن جن کانهن مال غنيمت گهڻو آهي. جڏهن لڙائي جو

وقت ٿو اچي ته اسان کي ٿو سڏيو ويو ۽ جڏهن غنيمت ڏي وڃاڻي ته الهن کي." هن جواب کان صلاح‌الدين کي رنج ٿيو ۽ فوج کي هوڏانهن موڙڻ جو حڪم ڏنائين.* ابن شداد هن واقعي جي باري ۾ لکي ٿو ته فوج کي غنيمت جو مال نه ملڻ هو تنهنڪري ايئن جي صلح کان رنج هئي.

بهرحال ايئن کان سلطان جي واپسيءَ جا سبب هڪ ته اهي هئا جيڪي مٿي ذڪر ڪيا ويا آهن ٻيو ته الهيءَ وقت سندس فوج ۾ الملڪ العادل، علاءالدين الاتابڪ، الملڪ الافضل جهڙا وڏا سپهه سالار ۽ وڏهندڙ آزمودڪار سپاهي نه موجود ڪونه هئا.

ليڪن هڪ سڄي سپهه سالار جي اها خوبي هوندي آهي ته وقت ۽ حالات جي تقاضا مطابق پنهنجي فوج کي اڳتي وڌائڻ‌ڏو آهي يا موڙائڻ‌ڏو آهي.

سلطان جي عظمت ۽ جنگي صلاحيتن جي ته رچرڊ پاڻ به تعريف ڪندو هو ۽ هڪ موقعي ته انهن به اعتراف ڪيائين ته مان ته سوچي به نٿو سگهيس ته سلطان ايئن ڪري سگهندو! يا هن ته بن ڏينهن ۾ شهر فتح ڪري ورتو!

رچرڊ کي سلطان جي بزرگيءَ جو وڏو احساس هو هن تنهنڪري وزير ابوبڪر العادل کي صلح ڪرائڻ لاءِ چيو ۽ چيائين، "منهنجا سلام پنهنجي بادشاه کي ڏي ۽ کيس قسم ڏئي چئجانس ته صلح جي معاملي ۾ منهنجي ڀالهه پڏي، هيءَ ڀالهه آهر کيس مڃڻي پوندي. سمجهه ۾ منهنجي سلطنت ويران ٿي چڪي آهي ۽ هميشه جي لڙائي ۾ نه منهنجي لاءِ چڱائي آهي ۽ نه تنهنجي لاءِ."

الهيءَ دوران مصر کان به فوج اچي وئي ۽ سلطان جي فوجي قوت ايتري ٿي وئي جيڪا عڪه جي گهيري وقت هئي. اسلامي فوج ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندي ٿي وئي ته فرنگي فوج ڏينهون ڏينهن گهٽجي ٿي وئي. فرينچ فوج به وطن واپس وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ رچرڈ به موٽڻ لاءِ

---

* ابن اثير جلد ۱۲ ص ۳۴

بمقرار هو چاڪاڻ ته سخت بيمار ٿي پيو هو ۽ بچڻ جي اميد
ڪا نه هئس.

سلطان صلاح الدين ڪان فائدو وٺڻ لاءِ چاهيو
تي حملي لاءِ روانو ٿي ڪمائڻ. هيءَ فوج حملي لاءِ تيار هئي
جو ابوبڪر العادل رچرڊ جي طرفان الملک العادل جي ڏانهن
پيغام ڪڻي آيو جنهن ۾ اهوت ۽ ڏ
ڪئي وئي هئي ته ڪوڙي
وٺي ڏي يا جهڪو سندس
۽ ڪهڙي طرح به صا
الهيءَ ڏينهن
هسقلان جو مطال
سلطان اهڙي
سلطان جي ط
جي اختيارن سان
ياڻا هيءَ قيسارين
۽ آهن سي فرنگين
غزه، لد، مجدل يا
قرار ڏنا رهن.*

لين پول لکي
جو ٻاڻ معاهدي جو مسودو ٻڌي سگهي. مسلمان سفرن
معاهدي جو
۽ رچرڊ هر ڪالهه قبول ڪئي. رچرڊ
ڪر ۽ چمائڻ ته قسم کڻڻ بادشاهن جو ڪم نه
اهي. سندس ياران ڪمپاڪئي جي هيڏري، عملن جي تاجدار
انيان ۽ دادير ۽ البمطار جي بالڪن قسم کنيو.†

سلطان جي طرفان الملک العادل، الملک الافضل، الملک الظاهر،
بدرالدين دلدرم الملک المنصور ابن المقدم ۽ صاحب شيرز قسم کنيو.)(

---

* ابن شداد "سيرت صلاح الدين" ص ۱۹۱
† صليبي جنگيون ص
)(رشيد اختر ندوي "صلاح الدين" ۳۷۸

اهڑي طرح ۲۳ شعبان سنہ ۵۸۸ ھ مطابق ۲ سپٽمبر ۱۱۹۲ع
تي هي صلح نامو عمل ۾ آيو ۽ پنهنجي طرفان کان اعلان ڪرايا
ويا *

ٻوه رچرڊ هڪ ويو جتان ۹ آڪٽوبر ۱۱۹۲ع تي جهاز ۾
انگلينڊ لاءِ سوار ٿيو.†

ايمبرائز، شام مان رچرڊ جي روانگي وقت رچرڊ جي جذبات
کي پنهنجي ڪتاب "رچرڊ جو صليبي جهاد" (The Crusade of
Rechard) ۾ هيٺين ڳو بيان ڪري:

آه! اي شام، مان هاڻي توکي هڪدا جي حوالي ڪيان ٿو،
منهنجي دعا آهي ته هو مولکي خاصي مهلت ڏئي، جيڪڏهين
هن جي اهائي مرضي آهي منهنجي آرزو ته اهائي آهي ته مان
توکي ڏکن ڪان لڄاڻ ڏيارڻان منهنجي دل ۾ ايان تائين تنهنجي
امداد جي آرزو موجزن آهي.)

لمن هول هن صليبي جنگ جي خاتمي تي تبصرو ڪندي
لکي ٿو ته هن لڙائيءَ جو، جيڪا پنجن سالن کان ٻوه ختم ٿي،
هيءَ نتيجو نڪتو جو جولاءِ ۱۱۸۷ع ۾ حطين تي مسلمانن جي
فتح کان اڳ- اردن درياه جي اولهه ۾ مسلمانن وٽ هڪ انچ
زمين نه رهي مگر سپٽمبر ۱۱۹۲ع ۾ جڏهين رملہ ۾ صلح ٿيو
تڏهين صور جي ڪناري کان يافا تائين هڪ سنهي پٽيءَ کان
سواءِ ٻيو سڀ علاقو مسلمانن جي قبضي ۾ هو. هن لاءِ حاصل
مهم لاءِ يورپ جي فرياد تي سڄي عيسائي دنيا هٿيار کنيا هئا.
جرمن قيصر فريڊرڪ، انگلينڊ (رچرڊ) فرانس (فلپ آگسٽس) ۽
سسلي جا بادشاهه، آسٽريا جو ليوپولڊ، برگنڈيءَ جو ڊيوڪ،
فليڊرس جو ڪائونٽ سوئين مشهور ۽ معروف نواب، سڄي

---

* "صليبي جنگون" ايڊٽولي ويسٽ ص ۲۰۹
رئيس احمد جعفري

† امير علي "اي شارٽ هسٽري آف دي سراسنس" ص ۳۷۱
حطيءَ صلح جي تاريخ ۲ نومبر ۱۱۹۲ع لکي آهي. تاريخ شام
ص ۴۸۸

)(ايمبرائز بحواله حطي "تاريخ شام" ص ۴۸۸

عيسائي قوم جا بادشاھ (رائمنڊ) يروشلم جي عيسائي سلطنت جو بادشاھ، فلسطين ۽ ٻين رياستن جا والي ۽ طبقہ دادين ۽ البطار جا شھسوار، انھن سڀني جي کوشش ھيءَ ته بيت المقدس تي فيضو ڪري يروشلم جي الھيءَ عيسائي سلطنت کي ڇيڪا ختم ٿيڻ واري ھئي تنھن کي ٻيھر زندہ ڪيو وڃي. ليڪن ھن مھم جي ڇاڙي ڪھڙي ٿي؟ جرمن قيصر فريڊرڪ مري ويو. انگلينڊ ۽ فرانس جا بادشاھ ارض مقدس مان اھڙي حالت ۾ واپس موٽيا جو سندن ڪٽرائي سائي جنگ جي ميدان ۾ دفن ٿي ويا ليڪن يروشلم ٻوءِ بہ سلطان صلاح الدين وٽ رھيو، صرف عڪہ جي ڪناري ھڪ ننڍڙي رياست تي عيسائي بادشاھ حڪومت ڪندو رھيو.

ٽين صليبي جنگ ۾ عيسائي دنيا پنھنجي سموري گڏيل طاقت سان حملہ آور ٿي ھئي ليڪن صلاح الدين کي ڪجھ بہ نہ ڪري سگھي. صلاح الدين جا مجاھد مھمن جا مھمان ڪليفون سھندا رھيا ۽ سالن تائين خطرناڪ جنگيون وڙھندا رھيا ۽ ٽڪجي ڇور ٿي ويا ھتا ۽ سندن زبان تي شڪايت جو حرف کوڙ ھو ۽ جھاد جي نيڪ ڪم ۾ جان ڏيڻ کان انڪار کوڙ ڪيائون. *

---

* بحوالہ "صليبي جنگين" رئيس احمد جعفري

ياڊ جي ٻوڌين جنگ ۾ جنھن امير ھڪم عدولي ڪئي ھئي سو حلب جي رضاڪارن سان آيو ھو ۽ ھي رضاڪار ڪمر تربيت يافتہ ھتا ۽ فوجي ڏسپلين کان واقف نہ ھتا. سلطان جي ريگولر فوج ڪڏھين بہ اھڙي شرمناڪ حرڪت نہ ڪئي ۽ اھوئي سبب آھي جو جڏھين ھي ريگولر فوج ٻھتي تڏھين سلطان ياڊا تي ورڻ حملي ڪرڻ جو حڪم ڪيو ھو.

(١٩)

رمضان جي مهيني جي شروعات ۾ سلطان پنهنجي فوجن جو معائنو ڪيو ۽ سڏن سڌ سالارن ۽ مجاهدن کي پنهنجن علائقن ڏانهن موٽڻ جي اجازت ڏني.

سڀ کان پهرين اربل جي فوج روانگي ٿي تنهن کان پوءِ موصل جي لشڪر سفر ڪيو ۽ پوءِ سنجار، حص ۽ بين علائقن جا دستا روانا ٿيا.

الملڪ العادل، صمويل ۽ ٻيا سڀ هو هو سلطان تنهن کان هٽي ويا ۽ پاڻ سان ملاقات ڪرائين ۽ پوءِ بيت المقدس موٽي آيو هت سلطان پنهنجي بابت الملڪ الظاهر کي يادگار زماني وصيت ڪئي. سلطان ڪيس فرمايو، "همميشه الله کان ڊجندو رهه. الله جو ڊپ هر ڪيءَ جي ماڻ آهي. مان توکي اهوئي ڪجهه حڪم ڏيان ٿو جيڪو الله جو حڪم آهي. الله جي حڪم سان نجات وابسته آهي. مان توکي خوارزميءَ کان منع ڪيان ٿو ڇاڪاڻ ته خون ضرور رنگ آڻيندو آهي. مان توکي هيءَ به نصيحت ٿو ڪريان ته امرن جي دل پنهنجي مٿ ۽ رکجانءِ. رعيت جو هر وقت خيال رکجانءِ، ڪنهن کي گهٽ نه سمجهجانءِ. ڪنهن جو حق نه مارجانءِ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن تو ڪنهن جو حق ماريو ته اهو ڪڏهن به معاف نه ڪيندو."

سلطان شوال جي شروعات تائين بيت المقدس ۾ رهيو. هت جاڻن جي مرمت ڪرايائين، هڪ مدرسو ۽ هڪ شفاخانو خوبصورتيائين ۽ پوءِ ٥ شوال تي پنهنجي سلطنت جي معائني لاءِ روانو ٿيو. ڪاري واري شهرن کان ٿيندو بعروس پهتو ۽ رستي

۽ هر قلعي ۽ هر شهر کي ڏنائون ۽ سندن مرضيءَ جا احڪامات ڏنائون ۽ جتي ضروري هو اتي فوج مقرر ڪرائين ۽ هڪ عام ڏڙي کان پوءِ دمشق آيو.

ابن شداد لکي ٿو ته محرم ۵۸۹ هـ ۾ مون کي فرمان مليو ته سلطان مون کي پنهنجي حاضري ۾ گهرايو آهي. مان ۲۳ محرم تي القدس سان روانو ٿيس ۽ ۱۲ صفر دمشق پهتس. پنهنجي حاضريءَ جو اطلاع ڏيڻ سلطان کي ڏنو ويو ته مونکي هڪدم پنهنجي مخصوص ڪمري ۾ گهرايائين. مونکي ڪمري ۾ ايندو ڏسي پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ مونکي سهڻي سان لاتائين. مون ڏٺو ته سندس اکين ۾ رجي آيون

پڻي ڏيڻهن ته مان سلطان جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. سلطان هڪ جي باري ۾ پڇو مون عرض ڪيو، حاجن جي هڪ قافلي کي مون رستي ۾ ڏٺو هو. منهنجي خيال ۾ اڄ يا سڀاڻ دمشق پهچي ويندو. سلطان خواهش ظاهر ڪئي ته اسان ساڻن ملڻ هلنداسين.

جمع جي ڏينهن سلطان حاجن جي قافلي سان نهايت احترام سان مليو.

هي سندن آخر سفر هو. رات جو ڪين شديد بخار ٿيو ۽ مٿن غشي طاري ٿي. طبيب علاج جون ڪوششون ڪيدا رهيا ليڪن ڪو فائدو ڪونه ٿيو ويتر بخار وڌندو ويو. ٻارهين ڏينهن سلطان جي حالت نازڪ ٿي وئي ۽ اڪثر ماڻهن کي سندن موت جو يقين ٿي ويو. رات جي ٻوئين ڀاڱ ۾ سلطان ابن شداد ۽ القاضي الفاضل کي ياد ڪيو ڇاڪاڻ ته سلطان کي پنهنجي آخري سفر جو وقت قريب نظر آيو. سلطان چاهيو ٿي ته سندس هي ٻئي ٻارڙا رفيق ۽ ساڻي وٽس ويهن ۽ قران خواني ڪن ۽ مصلحت الهيءَ ۾ سمجهي وئي ته الهن پنهنجي جي بدران شيخ ابوجعفر امام الڪلاسه سلطان وٽ ويهي ۽ قران خواني ڪري.

ڪڏهين ڪڏهين غشي مان جڏهين سلطان کي هوش آيو ٿي ته ساڻ ۾ شيخ ابوجعفر سان گڏ قراني آيات کي ٻڌڻ لڳي. آخر صبح جي وقت مٿن موت طاري ٿيو ۽ تاريخ اسلام

جي وچمن دور جو اهو غازي مرد جمڪو مسلمانن جو نهنجي زماني ۾ سڀ کان وڏو محسن هو مسلمانن کان ڏار ڏي ويو. منجهند ڏاري سلطان جي غسل ۽ تکفين جو ڪم شروع ٿيو ۽ ٿ پهري ڏاري کين دفن ڪيو ويو.*

إنا لله و إنا إليه راجعون.

سلطان صلاح‌الدين جي وفات جي تاريخ ابن شداد ۵۸۹ هـ ۲۷ صفر لکي آهي.†

امرهلي لکي ٿو ته اربع جو ڏينهن هو ۽ سنه ۱۱۹۳ع جي ۴ مارچ هئي.)(

---

* سندن مقبرہ جامع اموي جي ويجهو آهي ۽ دمشق جي نهايت محترم زيارت گاهن ۾ شمار ٿيندو آهي.

† "سيرت صلاح‌الدين" ص ۳۰۴

)("اي شارٽ هسٽري آف دي سيراسنس" ص ۳۷۲

(۲۰)

ابن کثير سلطان صلاح‌الدين جي وفات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: فقد کان رداء و حرزا و کهفا من کمد الکفرة. هر ڪفر جي مقابلي ۾ اسلام جي چادر هو ۽ اڇي چادر جنهن جهڙي دنيا ۾ ڪا بي چادر ڪانه هئي. هو جيڪڏهن نه هجي ها تہ الأي اسلامي دنيا تي ڇا گذري ها.

الله تعالي ڪنهن بنده کي عجب صفتن سان نوازيو هو. هي هڪ وقت ۾ شهسوار شمشيرزن مجاهد به هو تہ نرم دل دوست ۽ فرض شناس حاڪم بہ. هو وڏو سخي، ڪريم ۽ غني هو. وفات وقت سندس خزاني ۾ فقط ۴۷ چاندي جا درهم ۽ هڪ سون جو سڪو هو.

صلاح‌الدين دولت گڏ ڪندڙ حڪمران نه هو. هن پنهنجي سڄي زندگيء ۾ ڪنهن کان بہ ڪا شيء زوري نه وصول ڪئي.

ابن شداد لکي ٿو تہ "هن جا طور طريقا سڀ ۽ اخلاق پاڪيزه هو. جيڪڏهن چڙچو بہ ڪندو هو تہ پاڪيزه. اڇي تہ وڻندڙ طبيعت جو مالڪ هو جو اسان کان اسان جي ڪاوڙ مٽائي، همدرديء علاج ۽ حالات جي تبديليء جي باري ۾ پڇندو رهندو هو. سندس مجلس انتهائي صاف ستري هوندي هئي. هو ڪاڻ بہ ماڻهن کي سندن گهاڻهن کان سواءِ ٻي گهاڻ نه چوندو هو ۽ ڪائڻ خراب گهاڻهون بدبودار نه ڪندو هو. هن جي زبان نهايت پاڪيزه هئي ۽ ڪڏهن ڪنهن کي گار ڏيندي ڪڏهن بہ نه ٻڌو. هو واعدي جو پڪو هو ۽ وفا سندس عادت هئي. سندس ساٿين جڏهن بہ ڪو نعم آيل هو تہ تنهن کي

گهٹو ڪهڻ ڏيندو هو ۽ سندس مائٽن مان ڪنهن ڀروسي جهڙي مائٽ جي حوالي ڪندو هوس. جيڪڏهن انهن مان هوندو ته ڪنهن چڱي مائٽ جي حوالي ڪري ان جي تربيت جي ذميواري مٿس رکيندو هو ۽ الهيءَ سلسلي ۾ سندس خرچ لاءِ رقم مقرر ڪري ڇڏيندو هو. جڏهن ڪنهن ٻوڑهي کي ڏسندو هو ته مٿس رحم کائيندو هو ۽ کيس دل کولي ڏيندو هو آخر وقت تائين سندس اهي سٿيون عادتون برقرار رهيون تان جو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين."*

ابن الحمر، سلطان صلاح‌الدين جي ڪردار، اخلاق جي بهتر تعريف ڪندي آهي هو لکي ٿو:

"الله مٿس رحم ڪري هو وڏو حليم ۽ ڪريم ۽ سهڻن اخلاقن جو مالڪ هو. نهٺو ۽ صابر هو ۽ پنهنجن سائٽن جون خطائون معاف ڪندڙ هو. سندس سائي جيڪڏهن ڪاڪتاهه ڪالهه ڪندا هيا ته کين لهاڻ تحمل سان پڌندو هو ۽ ناراضگيءَ جو اظهار نه ڪندو هو."

ابن خلڪان فرمائي ٿو، "جڏهن مان هن بزرگ شخصيت جي متعلق سوچان ٿو ته ٻي اختيار چوان ٿو ته هو هن دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ مبارڪ هو ـ الله سعيد في الدنيا والآخرة ـ

هن دنيا ۾ وڏا ڪم ڪار ڪيترين نقطون ڪون ؟ اوقاف مرتب ڪيا ليڪن عجب جي ڳالهه آهي ته انهن وڏن اوقاف ۾ کوڙ هڪ سندس نالي سان منسوب نه آهي. القرافه ۾ جيڪو مدرسه آهي تنهن کي ماڻهو مدرسه شافعي چوندا آهن. مشهد سان گڏ جيڪو مدرسو آهي سو مدرسه المشهد جي نالي سان مشهور آهي. سعيدالسعداء جي عالمشان جاه کي خانقاه بطايائين سا به خانقاه سعيدالسعداء جي نالي سان مشهور آهي. عباس جي گهر ۾ مدرسو بطايائين ۽ الهيءَ لاءِ هڪ وڏي جائداد وقف ڪيائين هي مدرسو حنفيه جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو ۽ مدرسه الصوفيه جي نالي سان مشهور آهي. زين‌التجار جي نالي سان جيڪو مدرسو مصر ۾ آهي سو به

---

* "سيرت صلاح‌الدين"

صلاح‌الدين جو وقف آهي. مصر ۾ مدرسو المالڪيه ۽ سندس نهرايل آهي

انهن سڀني مدرسن لاءِ وڏيون وڏيون جائدادون وقف ڪرائيون.

صلاح‌الدين پنهنجي علم جي باعث پنهنجي عوام جي بي حد قريب هو عالمن ۽ هنرمندن سان ڪيس معمت هوندي هئي هو سني شاعري جو قدردان هو ۽ شاعرن جو محبوب هو. هو انهن بادشاهن مان هو جيڪي پنهنجي دولت ۽ سياسي برتري جي سبب نه پر پنهنجن خوبين ۽ صلاحيتن جي باعث يڪسر ڪيا ويندا آهن.*

لين پول لکي ٿو ته صلاح‌الدين جي هرعصر بادشاهن جي سيرت ۾ جا ڪاڪ نظر اچي ٿي سا آهي سندن شاهي جاهه و جلال مگر سلطان جي سيرت ۾ هي ڪاڪ بلڪل نظر نه ٿي اچي ڇاڪاڻ ته سلطان جيڪا عزت ورتي سا محبت جي ذريعي ورتي. صلاح‌الدين شاهي شان شوڪت ۽ رسمن جي پرواه نه ڪندو هو انهيءَ ڪري ڪائنس وڌيڪ دلڪش بادشاه پيو ڪوبه ڪونهي†

عبدالطيف طيب ۽ سماح سلطان صلاح‌الدين جو وڏو مداح هو. لين پول عبدالطيف جو قول نقل ڪيو آهي ته "صلاح‌الدين جي اقتدار جو راز انهيءَ محبت ۾ پوشيده هو جيڪا هن کي پنهنجي رعايا سان هئي. جا عزت ٻيا بادشاهه ڏاڍ ۽ شاهي دٻدٻي سان حاصل ڪندا آهن سا عزت سلطان پنهنجي رعايا تي مهربانيون ڪري حاصل ڪئي."

ابن شداد سلطان جي جهاد سان محبت جي باري ۾ لکي ٿو "خدا جي راهه ۾ جهاد جي محبت ڪيس اهل و اولاد، وطن، گهر ۽ سلطنت کان پري رکيو هو ۽ هن تنبوءَ جي زندگيءَ ۾ قناعت ڪئي هئي. انهيءَ تنبوءَ ۾ ڪيس سڪون ملندو هو."

يافا جي گهيري کان پوءِ رچرڊ کي سلطان جيڪو خط لکيو هو تنهن ۾ پاڻ لکيو هئائين، "مان دنيا جي لذتن کان

---

* ابن خلڪان جلد ٦ ص ٢٠٦ ۽ ٢١٠-٢١١

† "صلاحي جنگيون" ص ٣١٧

منهن مڻي چڪو آهيان منهنجو رهڻ سهڻ، الڻ ويهڻ صرف جهاڙ آهي."

ابن شداد لکي ٿو ته جهاڙ جي باري ۾ جيترون به آيتون ۽ احاديث آهن سي سڀ هڪ ڪتاب ۾ لکي ڀاڱ وٺ ڪرڻ هٿائين ۽ اڪثر انهن کي پڙهندو رهندو هو.

رمضان جي مهيني ۾ سڀ روزا رکندو هو. ٻنهنجي سڄي عمر ۾ بيماريءَ سبب ڪل سٺ روزا نه رکيائين.

ڪمس قرآن سان بي حد محبت هوندي هئي، ڀاڱ به پڙهندو هو ۽ حافظن کان به ٻڌندو هو.

نماز جو سخت پابند هو. جڏهن مرض الموت ۾ مبتلا هو ڏڻهن به آخري ٽن ڏينهن کان سواءِ جڏهن بيهوش هو، هن نماز پابندي سان پڙهي

زڪوات ته هن الله جي بنده ٿي ڪڏهن به فرض کان ٿي ڇاڪاڻ ته ونس ڪڏهين به دولت جمع ٿي نه سگهي. جيڪا دولت ونس ايندي هئي سا الله جي راه ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو هو.*

امرعلي "اي شارٽ هسٽري آف دي سمراسنس" ۾ عبدالطيف جو قول نقل ڪيو آهي، "هرين شام مان ساڻن گڏ گذاري ۽ ڏٺم ته ونس مختلف علمن جا عالم ۽ ماهر موجود هئا جن سان گفتگو ٿي ڪيائين ۽ سندن افڪار کي مزي سان ٿي ٻڌائين."

بيت المقدس جي ديوان جي مرمت ٻنهنجي ذمرداري هيٺ ٿي ڪرايائين ۽ ڪڏهن ڪڏهين ته پاڻ به پٿر کڻي ٿي ڏيائين.†

هي عظيم انسان جي زندگي ڪيتري نه پاڪيزه ۽ سادي هئي ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سنت تي ڪيتري نه قدر پابند هو!


الله جون مٿس لک رحمتون هجن.

★

---

* سيرت صلاح الدين

† شارٽ هسٽري آف دي سمراسنس ص ٣٧٣



سنڌس انداز ۾ شاهانه وقار،
نظر ۾ مستيءَ خمار،
چال ۾ بجليءَ وانگر ڦڙڪيلي رفتار آهي.

هن پاڻ کي سچاتوءَ خوشيءَ جو هڪ پرپور نعرو هنيائين
۽ آزاديءَ جي ٽڪار ڏانهن راهي ٿي ويو.

مددي ڪتاب

هن ڪتاب جي تياري ۾ مون محترم رشيد اختر ندوي جي ڪتاب "صلاح الدين" تي گهڻو انحصار ڪيو آهي. ابن اثير ابن ڪثير، ابن خلڪان ۽ ابن شداد جا اڪثر حوالا مون انهيءَ ڪتاب جي حوالي سان ڏنا آهن. علاوه انهيءَ جي هيٺين ڪتابن کان به مدد ورتي وئي آهي.

۱- اي شارٽ هسٽري آف دي سيراسنس	اميرعلي
۲- تاريخ شام	فلپ ـ ڪي حتي
	مولانا غلام رسول مهر
	" "
۳- تاريخ لبنان	فيروز سنز
۴- اردو انسائيڪلوپيڊيا	محمد صادق سرڏلوي
۵- عمادالدين زنگي	" "
۶- سلطان صلاح الدين	
جنگ صليب و هلال	
۷- صليبي جنگيون	اينٽوني ويسٽ
	رئيس احمد جعفري
۸- سلطان ـ معرڪ هائے صليب و هلال	قمر اجنالوي
۹- شڪست صليب	رئيس احمد جعفري
۱۰- ٽيلسمز عرف غازي صلاح الدين	سر والٽر سڪاٽ

۱۱ - وئمس فار ينگ پيل — سنڈ ٹيکسٹ بک حيدرآباد بورڈ

۱۲ - سفرنامه محمد ابن جبير اندلسي — مترجم احمد علي

ارنول، ايمبراڈز، ابو شامه، لين پول ۽ عماالدين کاتب جا حوالا .ون تاريخ شام ۽ لبنان، تاريخ سيراسنس ۽ صليبي جنگين مان ورتا آهن.

محزون